Prose

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No. ....
BOMBAY-77.

فهرست

چونڊ سنڌي نثر

مضمون ... صفحو

١. خيام جا خيال — رشي ڏيارام گدومل ... ١
٢. جاڳو! جاڳو! — ساڌو واسواڻي ... ٣
٣. شاهه جو ناصحانو شعر — ايچ. ايم. گربخشاڻي ... ١٠
٤. تلوڪ ٽيمي — لعلچند امرڏنومل ... ١٤
٥. ڪو سقراط پارو سياڻو ڪپي — پرمانند ميوارام ... ١٩
٦. سارنگ — ڀيرومل مهرچند ... ٢٣
٧. ڀاڳوت ۽ شاهه — جيٺمل پرسرام ... ٢٨
٨. رام ۽ رحيم — امرلعل هنگوراڻي ... ٣٤
٩. سنڌ جا سنت — لعلسنگهه اجواڻي ... ٤١
١٠. آبشارن جو سرتاج — منگهارام ملڪاڻي ... ٥٠
١١. انسان — ليکراج عزيز ... ٥٧
١٢. سنڌي شاعرن جي حسن پرستي — ڪلياڻ آڏواڻي ... ٦٤
١٣. شاهه ۽ شيڪسپيئر — بي. ايچ. ناگراڻي ... ٧١
١٤. جنهن تي مالڪ جي رک — رام پنجواڻي ... ٧٨
١٥. انواد ڪلا — تيرٿ وسنت ... ٨٧
١٦. اچو ته قدرت سان قرب رکون — پوپٽي هيرانندڻي ... ٩١
١٧. حياتيءَ جو مقصد — ڌرمداس آر. ڪشترياڻي ... ٩٩
١٨. تون پڇين ٿو، مان اُداس ڇو آهيان؟ — ڪيرت ٻاٻاڻي ... ١٠٥
١٩. هيءُ مهان ديش اسانجو — گوبند مالهي ... ١١٤
٢٠. مٺي ماستر جي جوءِ — ڪماري چندرا آڏواڻي ... ١٢٢
٢١. ٻڪارڻ جو دان — ايشوري جوتواڻي ... ١٢٩
٢٢. ڪاليداس — اُتم ... ١٣٦
٢٣. زندگي موٽي آئي — سندري اُتمچنداڻي ... ١٤٣

چونڊ سنڌي نظم

صفحو

١. شاهه — سر سارنگ، سر عمر ماروئي، سر مومل راڻو، سر ڪاپائتي ... ١٥٥
٢. سچل — ننگ ٻاروچل توتي، ڪافي، ڪانگل ڏانهن، غزل، وائي، ملا ۽ قاضي، ڪافي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان، وائي ... ١٦٧
٣. سامي — مايا، آوديا، مورک، ستگر، پرماتما سرووياپڪ آهي، مانک ديهه، آتمڪ آنند ... ١٧٤
٤. بيوس — غريبن جي جهوپڙي ... ١٨٤
٥. ليکراج عزيز — ائٽم بم ... ١٨٦
٦. پرسرام 'ضيا' — ساجن ۽ سڄڻيءَ جا خط ... ١٩٠
٧. هري "دلگير" — فرصت ... ٢٠١
٨. ايڇ. آءِ. سدارنگاڻي (خادم) — شام ... ٢٠٣
٩. ڪلياڻ آڏواڻي — آڪيون ... ٢٠٥
١٠. رام پنجواڻي — غزل ... ٢٠٧
١١. نارائڻ 'شيام' — رباعيون ... ٢٠٨
١٢. ارجن 'شاد' — نئين ڪنوار ۽ فوجي جوان جا خط ... ٢١٠

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No.

شُڪر

١. خيام جا خيال

راج رشي ڏيارام گدومل

عمر خيام، تاريخن ۾ ڪيڪائوس ۽ جمشيد، فريدون ۽ خسرو، سليمان ۽ بهرام گور ۽ محمود جي وڏاين جون ڳالهيون پڙهي، پاڻ کان پڇيو ته "هي مسڪين خيام، اهي سڀ پنهنجن نوبتن ۽ نغارن سميت ويا ڪاڏي؟ ائين ته نه آهي جو جنهن مٽيءَ مان ڪنيار هاڻي ٿانءَ پيا ناهين، سا خود انهن بادشاهن جي عضون جي مٽي آهي؟ ائين ته نه آهي جو منهنجو غريباڻو ڪوزو، فريدون جي آڱر ۽ خسروءَ جي تريءَ مان بنيو آهي، ۽ منهنجو پيالو ڪيڪائوس جي کوپريءَ مان؟" آسمان جي چرخي تي، "دهر جي زير زبرن تي،" دنيا جي اسرارن تي، هن "فانوس خيال،" يا هن "فريب خاني" جي چرترن تي، فڪر ڪندي، عمر خيام نيٺ سموري دائره دور جي ۾ سچو مرڪز، سموري فضا ۾ سچي هستي، سموري ڪثرت ۾ سچي وحدت، سمورن خارن ۾ سچو گلرخسار ڳولهي لڌو؛ ۽ انهيءَ هڪ کي جهان جي جان سمجهيائين ۽ جهان کي سندس بدن. انهيءَ اصل شناسيءَ کي هن شراب سڏيو آهي، ۽ چيو اٿس ته "اهو شراب، زماني خونيءَ جو رت آهي ۽ ماڻهن جي رت پيئڻ کان زماني خونيءَ جو رت ڇو نه پيان؟" انهي شراب خوريءَ جي تعريف سان سندس رباعيات پر آهي.

جي خيام وانگي شڪ ترڪ ڪري، نيت يقين سان
روح کي سلطان سمجهن ٿا ۽ عالم کي سندس تنبوُ، ۽ جي
ائين سمجهي، مڪاشفي ۽ مشاهدي لاءِ، نمرتائي ۽ نياز
سڪي، مات يا تنهائي يا پنهانيءَ ۾ اندر جي ٽاڙي لائي،
ايڪمنا ٿي ڌيان ڪن ٿا، سي لاشريڪ لاثانيءَ جي
سونهن تي حيران ٿي، درجي بدرجي عشق جي منزل کي
پهچن ٿا. انهيءَ منزل ۾، سڀ مذهبي تعصب ۽ عملي خط
سياه ميٽجي وڃن ٿا، ۽ سوين ڳالهيون، جي اڳي اڻپٽي
ڏسڻ ۾ پئي آيون، سي پوريءَ سمجهه ۾ اچن ٿيون.
جئن جئن انهيءَ محبت جي راه ۾، شوق ۽ ذوق وڌي ٿو،
تئن تئن اندرئين پکيئڙي کي چڻ ڪنبي ٿين ٿا، غيب جا
پردا وڌيڪ کلن ٿا ۽ حيات جاودانيءَ ۽ سرماي لذت
جوانيءَ جو سواد وڌيڪ اچڻ لڳي ٿو. اهڙو عاشق، هڪ
کي به هرگز نٿو چئي، ۽ سنسار جي تالاب ۾، ڪنول وانگر
نرليپ رهي ٿو، آخر پريم جي ڪيميا هن کي چڻ ته نئين
صورت ڏئي ٿي، جا انهيءَ صورت ۾ چڻ ته دنيوي عقل کي
ٽي طلاقون ڏيئي، حقيقي انگور جي ڌيءَ سان شادي ڪري
ٿو، ۽ خلوت ڪري ڪري، خاموش ٿي، ”ڪثرت قلت
جي جار“ ڪان ڇٽي، ”ساڪن محراب الست“ جو ٿئي ٿو.

شال حقيقت ۽ معرفت ڏي اسانجن ماڻهن جو خيال
ٿئي ۽ هڪ سچي کي سڃاڻي، اهو سيني ۾ ڏسي، ويرورود
تياڳي، هڪ ٻئي سان سلوڪ ۾ رهن، دليون نه ڏکوئين
۽ هر طرح هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي ٿي، ملڪ جو فائدو
ڪن، ۽ سچو سک هٿ ڪن! عمر خيام چيو آهي ته ”روءِ
زمين کي آباد ڪرڻ اهڙو نه آهي، جهڙو هڪ دل شاد
ڪرڻ“ شال اها نصيحت نه وسريئون!

٢. جاڳو! جاڳو!

سادو واسواڻي

گرو گوبندسنگهه ڪير هو؟ لکين ڪروڙين سندس اڳيان سر ٿا جهڪائين: هي ڪير هو؟ ٿورن سالن ۾ هن ڪيڏو نه ڪم ڪيو! سندس آيُو هن سرير ۾ ۴۲ سال هئي. نوجوان هو؛ نوجوانن جو سردار هو! اُن وقت هندستان جو بادشاهه هو اورنگزيب. اورنگزيب ۾ ڪيترائي گڻ هئا؛ سادو هو، ٽوپيون پنهنجي هٿ سان ٺاهي وڪڻندو هو ۽ جيڪي پئسا ملندا هئس اُهي پاڻ تي خرچ ڪندو هو. ۵ دفعا نماز پڙهندو هو. پر افسوس! هڪ اوگڻ هن بادشاهه ۾ هو: چيائين ته ”هندن کي مان زوريءَ مسلمان ڪريان.“ هندو ڏکي ويا.

جڏهن گرو گوبندسنگهه هن بادشاهه جي خلاف اُٿي بيهي ٿو، تڏهن اورنگزيب کلي ٿو. ڇو ٿو کلي؟ چوي ٿو ته مغلن جو مونکي وڏو لشڪر آهي؛ پوءِ هي گرو گوبندسنگهه ڪير آهي؟ هي ڪيئن ٿو منهنجي برخلاف بيهي؟ اورنگزيب کلي ٿو. هن وقت اورنگزيب تي تواريخ کلي ٿي. ڪٿي آهي اورنگزيب جي سلطنت ۽ مغلن جي سلطنت؟ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي. ڪٿي آهي اُهو تخت جنهن تخت تي اورنگزيب ويهي حڪمراني هلائي ۽ ظلم جا حڪم ڪيا؟ اهو تخت پرزا پرزا ٿي پيو. آه! گرو گوبندسنگهه کي نه آهن لکين تخت. اڪ اڪ دل آهي سندس تخت. اها

ڳالهه بلڪل سچي آهي ته گرو گوبندسنگهه هندو ڌرم بچايو! جي گرو گوبندسنگهه نه هجي ها ته اسين هينئر ڪٿي هجون ها؟

وري مان سوال پڇڻ ٿو چاهيان:- ”گرو گوبندسنگهه ڪير هو؟“ ننڍو آهي ته هن پياري کي ڪوٺين ”گوبند“- ”گوبند“ ڪهڙو نه مٺو نالو! شيام سندر، شري ڪرشن، کي به ”گوبند“ نالي سان ٿي ڪوٺيائون. گوبند پيارو فقيرن جي سنگ ۾، سادن سنياسن جي سنگ ۾ رهي ٿو ۽ ڪيترو وقت وچي پهاڙن تي گذاري ٿو. پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟

وچتر ليلا پرڀوءَ جي ٿئي ٿي. ڪشمير جا پنڊت گروجن جي پتا گرو تيغ بهادر وٽ اچن ٿا ۽ چون ٿا:-

”گرديو اسين ڇا ڪريون؟ اسان هندن سان ڏاڍا ظلم آهن!“

گرو تيغ بهادر پنڊتن کي ٻڌي ٿو ۽ چويٿو ته ”ڪو سنت جي پنهنجو سيس ڏئي، پنهنجو ڪنڌ ڪپائي، ته هن وقت به هندو قوم بچي سگهي ٿي.“

اُن وقت گوبند پنهنجي پتا جي اڳيان ويٺو آهي ۽ چويس ٿو:- پوجيه پتا! اوهان کان وڌيڪ سچو نرمل سنت ٻيو ڪير آهي؟ پنهنجو ڪنڌ ڪپايو! پنهنجو سيس ڏيو ته هندو قوم بچي!“ ۽ گرو تيغ بهادر ’دهلي‘ ۾ وڃي پنهنجو ڪنڌ ڪپائي ٿو!

پارت تي اُن وقت ڪيڏي نه پيڙ هئي! اُن وقت ڪيتريون ٽوليون صبوح ۽ شام پرارٿنا ڪنديون هيون ۽ گيت ڳائينديون هيون. تن گيتن جو آواز ڪهڙو هو؟ ”پيڙي لنگهائيج پار!“ ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ته پيڙي

ٻڌي ٿي! ۽ ڪيترن ووي وري هيءَ پرارٿنا پئي ڪئي:- ”ٻيڙي لنگهائيج پار:“ هندو قوم جي ٻيڙي وري وري لڏي آهي. ڀارت ڀومي، رشي ڀوميءَ تي وري وري تکيون لهرون آيون آهن؛ پر هندو قوم، هندو جاتي، هندستان جي اندر، هڪ امر شڪتي اٿو!
.An Energy of the Eternal

تنهنڪري هيءَ ٻيڙي ور ور لڏي لڏي، پر ڪين سا ڪڏهن ٻڏي ٻڏي. جڏهن ڀارت تي ڀيڙ اچي، ته ڪو نه ڪو شڪتيوان پيدا ٿئي ۽ ٻيڙي بچائي؛ ۽ ١٨ صديءَ ۾ ائين ٿيو. هندن تي ڪيڏي نه تڪليف آئي! اُن زماني جي راڄ وساري ڇڏيو، اڪبر جو سپنو. اڪبر چيو ته ”اَءِ ڀارت واسي! اوهين ڀائر ۽ ڀينر هڪ آهيو. هڪ ملڪ جا سنتان آهيو.“ پر اُن وقت جا بادشاهت هئي، اُن ڪيترن هندن کي زوريءَ مسلمان پئي ڪيو! ڪيترا هندو ته قتل ٿيا. تن جو قصور ڪهڙو؟ انهن هندن پڪاريو:- ”ڌرت پر پئي ڌرم نه ڇوڙيئي!“ هنن چيو ته ”ڪيڏي به تڪليف اچي؛ پر اسين پنهنجو ڌرم نه ڇڏينداسين!“ بهار ۾ هندن تي تڪليفون ۽ ڪشمير ۾ هندن تي تڪليفون! ڪيترا ويچارا ته پيڇي ويا. ڪن وڃي ڳوٺن ۾ اَجهو ورتو؛ پر ڳوٺن ۾ به تڪليفون! اُنوقت هندن پڪاريو:- ”وري اَچ! وري اَچ! پريم اوتاري! اچي اسانکي بچاءِ! اسانجي وينتي اوناءِ!“

اُن زماني ۾ هندو قوم ۽ هندو جاتيءَ جي حالت هيٺي هئي، ۽ اُن زماني ۾ هي پريوءَ جو پيارو آيو؛

جنهن کي اسين ڪوٺيون "گرو گوبند سنگهه." ٻالڪ آهي ته هن کي ڪوٺين "گوبند"! پنج هزار ورهيه اڳي به هڪ گوبند آيو-- "پريم اوتاري." چپن تي مرلي چاڙهي آيو، ۽ هينئر وري ١٦٦٦ سال ۾ آيو. اُنجو نالو به "گوبند"-- "گوبند!" ڪهڙو نه مٺو نالو! ننڍڙو ٻالڪ آهي. سندس مکڙو مٺو، سندس اکين ۾ جوت پيئي چمڪي؛ سندس اکرن ۾ جادو! پر گهڻو ڪين ڳالهائي. ڪيترا دفعا وڃي سانت ۾ وهي جڏهن ڏسي ته ماڻهن جو گوڙ آهي، سانت ۾ وڃي ڪنڊ ۾ وهي، پاڻ کي لڪائي، پاڻ کي ڇپائي. هن پياري کي آهي عجيب پيار. هن پياري جي اکين ۾ آهي عجيبن جو اِسرار:

هينئر عمر ۾ پيو وڌي. اٽڪل ١٦ سال هن جي عمر آهي. وڃيٺو پهاڙن تي. اُتي وڃي روح جو راز پريوءَ جي چرنن ۾ ٿو رکي، سائينءَ جا گيت ڳائي ٿو. گوڙ شور کان پري، لوڪن کان پري، ماڻ ۾ ويهي مٺا گيت پريوءَ جي اڳيان ٿو ڳائي. وڃي پياس ۾ وڌندو. سندس دل جي اندر اُڪير وڃي وڌندي. سندس دل اندر هيءَ پياس ته مان پريوءَ جي چرنن ۾ رهان. ڪيترو نه وقت سانت ۾ رهي ٿو! ڪڏهن سندس دل پرجي اچي ٿي. ڪڏهن سندس اکين ۾ پاڻي ۽ وري پيو پڪاري:-- "سائين! مان تنهنجي پيچيءَ ۾ شل رهان!"

پريوءَ جو حڪم پيو آهي. هڪ ڏينهن جڏهن گوبند پهاڙن تي ويٺو آهي ته هڪ آواز، ايشوري آواز، دل اندر ٻڌي ٿو. عجب ۾ پوي ٿو. ايشوري آواز ڇا ٿو پڪاري؟

”آءِ گوبند! گهڻو وقت تو پهاڙن تي گهاريو! اُٿي اچ؛ اچي بيهه ميدان ۾؛ ڇو ته هندن تي تڪليف اٿيئي. هندو استرين جو مرم شرم بچائڻ واسطي، هندن جي رکيا واسطي ٻيو ڪو ڪونهي. اُٿي اچ ميدان ۾ ۽ رکپال ٿيءُ!“ ۽ گوبند چيئين:- ”پريو! مان هڪڙو ننڍڙو جيئامڙو، مان هڪ گاهه جو پتو آهيان.“

آواز کيس چيئو:- ”گوبند! تون بيشڪ آهين جيئامڙو؛ هنوقت هڪ گاهه جو پتو! پر مان توکي ڪندس تکي تلوار! ٿي ڀارت جو رکپال. مان ڪندس تنهنجي سنڀال!“

گوبند پريوءَ جو ڀڳت، صدق ۾ پريوءَ جو حڪم مڃي ٿو. پهاڙن تان هيٺ لهي ٿو. اُٿي اچيئو ميدان ۾!

پاٽنا شهر ۾، جت سندس جنم ٿيو ٿو، هن پياري هندي ٻولي سکي. ٻوءِ گرو گوبند سنگهه وڃي ٿو پنجاب ۾، اُت وڃي ڪم ڪريٿو. آهستي آهستي سندس ست سنگي وڃن ٿا وڌندا. خالصا جماعت ٺاهي ٿو. وٽس پهاڙن مان ڪيترائي اچنٿا ۽ شهرن مان ٻه ڪيترائي اچنٿا. نئين لهر اُٿي ٿي. لوڪ چون پيا ته ”هڪ نئون انسان اُٿيو آهي جو اورنگزيب سان مقابلو ڪندو.“ اورنگزيب کي بيشڪ لشڪر جي طاقت هئي، پر هڪ ٻي شڪتي آهي، اُن کي رشي ٿا ڪوٺين ”ايشوري شڪتي“. گرو گوبند سنگهه جن ڪيئن نه لڙيا! ۽ هن يڌ ۾، ڌرم يڌ ۾، گرو جن ڪيڏو نه سٺو!

چمڪور جي لڙائيءَ ڪانپوءِ گروجن ڇا نہ سٺو! چمڪور جي لڙائي مغلن کٽي، پر خالصا جدا جدا هنڌن ڇڙ وڇڙ ٿي ويا. گرو گوبند سنگهہ پاڻ ڪٿي؟ ڪيترن کي خبر ڪانهي. گرو گوبند سنگهہ پاڻ پيو جهنگلن ۾ ڀٽڪي، اڪيلو، اڪيلو! هي پريوءَ جو پيارو پيو بن ۾، جهنگلن ۾ ڦري! ڪٿي ٿو سمهي؟ زمين تي: سندس وهاڻو پٿر، سندس کاڌو وڻن جا پن، نديءَ يا ڍنڍ جو پاڻي پيو پيئي. اڪيلو پيو گهمي. پر سندس اکين ۾ اجان سپنو آهہ تہ "منهنجي هندو قوم آزاد ٿيندي، ۽ هندو ڌرم وري جاڳندو، سجاڳہ ٿيندو، هندو قوم وري نئين زندگيءَ ۾ ايندي."

روپر ڍنڍ جي ڪناري تي ڪي شش اچي ڪيس ڳولي لهن ٿا. گرو گوبند سنگهہ کي تہ چوندا هئا "سچو پاتشاهہ". سچو پاتشاهہ ڪير آهہ! سچو نيتا ڪير؟ اهو جو ماڻهن جو خدمتگار آهي. ۽ گرو گوبند سنگهہ وري چيو تہ "مان تہ آهيان هڪ مزور، خدمتگار." [سچي نيتا جي اٿو هيءَ نشاني، تہ هو پين جو پاڻ کي نوڪر ڪري ٿو سمجهي.] جڏهن روپر ڍنڍ جي ڪناري تي شش اچي ٿا گروجن کي گڏجن، تڏهن گروجن جي اکين ۾ پاڻي اچيٿو ۽ هڪ هڪ شش کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ٿو ۽ چويٿو:— "منهنجا پيارا پاءُ!" اُن وقت ڪي شش ٻڌائين ٿا تہ "سچي پاتشاهہ! اوهانجا چار ئي لال، چار ئي پٽ جنگ ۾ قربان ٿيا!" گرو گوبند سنگهہ ڇا ٿو ڪري؟ اُن وقت سندس اکين ۾ ڳوڙها ڪونهن! گرو گوبند سنگهہ ويرُ آهي. هن جي ڇاتي بهادر آهي! جڏهن خبر ٻڌي ٿو تڏهن پرارٿنا ڪريٿو

۽ پوءِ چوينئون:- ”سائين! ڏاڍي سهڻي ڳالهه ڪيئہ؛ شڪرانا!“ اهڙا پتا هن وقت ڪٿي آهن جي پنهنجا پٽ قربان ڪن سنگرجي شيوا ۾ ۽ پوءِ چون تہ ”واهگرو! ڳالهه ڪيئہ ڏاڍي سهڻي! واهگرو واهہ! واهہ! تنهنجا شڪرانا!“

گروجن جي استري هڪ ڏينهن دل جهلي نٿي سگهي ۽ چويس ٿي تہ ”پيارا! منهنجا ۴ لال ڪٿي؟“ ۽ گروجن کيس چا ڏنا چون؛ گروجن چونس ٿا:- ”۴ لال تنهنجا قربان ٿيا؛ پر هيئنر توکي هزارين پٽ آهن.“ هن پياري جي جيون اسان واسطي ڪيڏو نہ مثال آهي! توهين چئو ٿا تہ ڀارت آزاد ٿيو آهي. مان بہ ائين چوڻ چاهيان ٿو. سچو سوراج ڪيئن ملي؟ تڏهن ملي جڏهن منهنجي اندر ۽ اوهانجي اندر گروجن جو قرباني روح ڦوڪبي! - ننڍي جماعت خالصن جي هن پياري ٿاهي، پر ان ننڍي جماعت کي تہ ايڏي طاقت ملي جو خالصن مغلن جي طاقت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو. هڪ پيغام هن پياري ڏنو پنهنجي ششن کي؛ اهو پيغام آهي مون واسطي، اوهان واسطي:- [”جوڌا ٿيو؛ ملڪ محبت ۾، قوم شيوا ۾، هندو ڌرم جي رکيا واسطي، جوڌا ٿيو.“]

۳. شاهه جو ناصحانو شعر

ايچ. ايم. گربخشاڻي

شاهه جي ناصحاني شعر جي وڏي خوبي هيءَ آهي، جو هر ڪا مت ۽ نصيحت اهڙيءَ دل پذير طرز ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ ڏئي ٿو، جو پڙهندڙ جي دل ۾ از خود چُهٽيو وڃي. ناصح کي جيڪڏهن انهن باريڪ نڪتن جي خبر نه هوندي، جنهجي وسيلي نصيحت جي ناگوارائي ۽ ڪڙائي دور ٿي وڃي، ته سندس نصيحت قبول پوڻ جي ماڳهين موراهين ملامت ۽ نفرت پيدا ڪندي. شاهه دنيا جو هر هڪ جزو پنهنجي حڪيماڻيءَ اک سان ڏسي ٿو، ۽ خسيس خسيس شين مان پڻ اخلاقي سبق وٺي، انکي دلچسپ ۽ خوبصورت لباس پهرائي، پڙهندڙ جي پيش ڪري ٿو. اخلاقي تعليم جو دامن سندس هٿان هرگز ڇڏايو نٿو وڃي. نصيحت جو دروازو هميشه کليو پيو آهي، ۽ قدم قدم تي نيڪ صلاح جا موتي منظوم ٿيا پيا آهن. مگر ڪن سُرن ۾ ته نج ناصحانو شعر ئي نظر اچي ٿو، جهڙوڪ سر 'يمن ڪلياڻ' جي انين فصل جي آخر ۾، سر 'سينهن ڪيڏاري'، سر 'ڪاپائتي' وغيره ۾. اسان کي نمي ڪمي هلڻ گهرجي. سيني سان من ماري ميڙ ڪرڻ گهرجي. ڪينو ۽ ڏمر نه ڌارجي ڇو ته منجهائن ڏولاءِ ۽ ڏک حاصل ٿئي ٿو، ڪاند وڏيائي ڪين آهي. ڪنهن کي ٻه واتان ويڻ ورائڻ نه گهرجن.

Humble kindness

دل مان چاوت ۽ بغض ڪڍي تواضع ۽ خاڪساري اختيار
ڪرڻ گهرجن. مطلب ته:-

آڻ چوندن ۾ چو، چوندن چيو وسار،
انئي پهر ادب سين، پر اهائي پار،
ڪوڙن پايو مُهُ مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مفتي منجهه وهار، ته قاضي ڪانيارو نه ٿين.

اگرچ تواضع ۽ خاڪساري هر حال ۾ بهتر آهن، ته به انهيءَ
جو مطلب نه آهي ته هرو ڀرو گيدي يا ڪانئر ٿيڻ گهرجي.
جڏهين ڪنهن نالائق يا ڪميڻي ماڻهو سان ڪم پوي ته
ان کي پنهنجي حشمت ۽ جرات جو ڏکو ڏيکارڻ گهرجي؛
۽ جيڪڏهن سختيءَ جي ضرورت ٿئي ته اها به روا آهي؛
چو ته اهڙي حالت ۾ سختي رحمت آهي.

ڪڏهن پئجي ڪن تي، ڪڏهن ٿيجي واٽُ،
ڪڏهن ٿيجي ٻڪرو، ڪڏهه ٿيجي ڪاٽُ.

انسان جي مٿان ڪهڙيون به مشڪلاتون يا آپدائُون اچي
نازل ٿين ته ڪيس ثابت قدم ٿي، انهن کي منهن ڏيڻ
گهرجي؛ نه رڳو خدا تي ڀاڙي، ٻانهون ٻڌي ويٺو رهي.
اگرچ خدا تعاليٰ جي مرضي ڪانسواءِ ڪي به ڪين ٿو ٿئي،
تڏهن به انسان کي پنهنجي سر سعيو ڪرڻ ضرور جڳائي.
"لَيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعيٰ"* يعني انسان لاءِ سعيي ڪانسواءِ ٻيو
ڪجهه ڪينهي." اول ڀاڻ تي ڀاڙڻ گهرجي، پوءِ خدا تي

* قران، ۵۳، ۳۹.

ڀروسو رکجي. موقعو هٿان نه وڃائجي. چاڪاڻ ته تِرِ ڳٽي سَوَ چوٽون کائي.

تانگي ۾ ناڏي، ٻڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ اَٽي، ڪونه ڏيندءِ ڪو ٻيو.

دنيا ۾ وفائي ۽ محبت جو ڏڪار آهي. آدمين پنهن جو اخلاص مٽائي ماڻو ڪيو آهي، ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس پيو کائي. ماڻهن کان وڌيڪ مرن ۽ پکين ۾ ميٺ ۽ پيار آهي. پر تڏهن به اڳلي کي کپي ته پنهنجي وڙان نه وڃي. چڱايون ڪرڻ چڱن جو لائق آهي، ۽ بڇايون بڇڙن جو. جيڪڏهن تون بڇڙي سان بڇڙو ٿئين، ته پوءِ تنهن جي ۽ هنجي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت؟ جيڪڏهن ڪو چڱو ماڻهو هجي، ۽ توکي خاطري آهي ته انجي سنگ مان تون لاڀ پرائيندي، ته پل ته هو توسان ڪهڙي به هلت ڪري، تڏهن به تون هنجي پاند کي هٿان نه ڇڏ. جي هو ٻوڙ چويئي، ته جيءُ چؤ، جي هو هڪالي ڪڍيئي، ته به انجي اوڏو پکڙا اڏي وڃي گهار.

چِنَنِ تُوءِ مَ چِڻُ، پاءِ اُمِهِڙي اُنِ سين
جي هو اَوُڳڻُ ڪَنِئي اَسُنهين! ته تون ڳُڻا نئي ڳِڻُ،
پاند جهلئو تون پِنُ، هن سونهاري سڱَ ۾.

مٿان جي ڪمي ڪانهي. جئن جئن اهڙن ناصحانه نڪتن تي ويچار ڪبو، تئن تئن ويندو سندن لطف

وڏيڪ معلوم ٿيندو. ڳالهيون تہ معمولي ۽ رواجي آهن جنھجي هر شخص کي ڄاڻ آهي، مگر انهن مان جي مطلب ڪڍيا اٿس، ۽ جو سهڻو ۽ عجيب نمونو اختيار ڪيو اٿس، تنهن مان ائين پيو ڀاسجي جو ڄڻ تہ ڪُهنن خيالن کي هڪ نئون جامو پهرايو اٿس، يا پراڻي شراب کي هڪ نئين صراحيءَ ۾ اوتيو اٿس.

٤. تلوڪ ٽيمي

لعلچند امرڏنومل

ڪاڪا، واچ ۾ ته ڏسو لڳا ڪلاڪ آهن؟

ڪاڪو تلوڪچند، صدريءَ جي هيٺين کيسي مان واچ ڪڍي، وقت ڏسي ئي پيو، ته اسان مان هڪڙو، نماڻائيءَ جو رڳو ڍونگ ڪري، وٺي پڇندس: ڪاڪا، ڇهه لڳا آهن ڇا؟

انهيءَ ٽان جو اڃي پريو مڙس منجهي، سو ڪي مهلون ته مات ئي نه اچيس. پوندا پيو ڏيندو، ڪڇ پيو ٽيندو؛ اڳيان ٻار هنجي ٻڌو، جوان هنجي ڪرڙو ڊ، انهيءَ تي بعضي الٽ به ڪندو. اسين ننڍا وڏا، ڏند ڪڍي بيٺا ڪلنداسين، ۽ رکي رکي، ڪاڪا، ڪاڪا، سچ چئو، ڇهه لڳا آهن ڇا؟ ائين چئي، پيرمرد کي هيڪاري پيا پاڻيون ڪڍنداسين.

ڪاڪي تلوڪچند جو هڪڙو نيم اهو، جو ڪنهن جي به واتون ٻڌائين ته ڇهه لڳا آهن ڇا؟ ته ڪاڪي کي چانڊڪ اهڙي لڳندي، جو جنهن ٽڪري تي ٻيٺو هوندو اها ٽپائي ڏيندو.

تلوڪ ٽيميءَ جو ٻيو نيم لڳندو هو ڪاڏي تي.

(جيڪي به مليس، جيترو به مليس، تنهن مان ٻچائيندو ڪٿو به نه.)

هوڏانهن ڪڙ، هوڏانهن مڙ، جيڪي به يڪي ٻڪيءَ ٿالهيءَ ۾ پئجي آيو، اهو اُتي جو اُتي، يڪساهيءَ ڪائي اُٿندو. نه ٻيهر ڪجهه گهرندو، نه پئيان ڪجهه ڇڏيندو.

نه ته هو پنهنجيءَ سهنجيءَ وارو، گهر ۾ نوڪر چاڪر گهڻيئي هئس. ته به ماني، گهڻو تڻو، سري گهاٽ جي ساهون، هوءَ جا پنجابي سڪي جي ويسي هجي، اُتي ڪائيندو هو.

انهيءَ ويسيءَ واري جي خصوصاً رات جي ماني ته ڪاڪي کي پاءِ پئجي ويئي هئي.

اسانکي اُنهي جو چاڙ هو. سو هي به اجا سڪي کي پيو چوندو هو ته رسوئي لڳاءِ، ته اسين به پنج ست ڇڻا وجي مٺانس ڪرڪندا هئاسين.

ويسيءَ واري کي ميبچ ڏبي هئي، سو اُنهي پڻاندر يا ته هيڏو سارو چاڙو چانورن جو، پنج ست ٻڳڙن جهڙا ڦلڪا، ڇڻن جي دال جو وڏو شاهي اونهو وٽو، ٻي به هڪڙي اڌ سائي پاجي گائبي ساري، آڻي ڪاڪي جي اڳيان رکندو هو؛ يا ته مرڳو چانورن جي رڳي اڌ چاڙي، ڦيڇڪ جهڙو هڪڙو اڌ ڦلڪو، تراڪڙي وٽيءَ ۾ دال ذرڙي، جا تري ۾ ئي پڪڙي پيئي هوندي هئي، ٻي ڪا سائي پاجي به صرف نظر ڏنياڻيءَ طور، رڪيبيءَ جيڏيءَ ٿالهيءَ ۾ پڙڇي، ڪري ڪاڪي کي منهن ۾ ڏيندو هو!

پوءِ ته ڪاڪي لاءِ ٻنهي پارين جٺ! ڪاڏو ٿيو سوڪم ته ڪاڪو ڪن پلڪ ۾ ٿالهيون وٽيون جنسي چٽي اُتي ڪڙو

ٿيندو؛ پر جڪ ڏاڍا پيا ويندس. ٻلا جو ٻڪاروئي رهجي ويندو، جنهن جا آنڊا پيا ڪلوس ڪندا، سو سڙي پوسڙي ٻه نه؟ ۽ جي ڪاڏو پئنجي آيو اٽاسو، ته ڪاڪو ڪائيندو ٻه ٻيو، ته ويسيءَ واري ڪي سخن ٻه ٻيو پٽيندو. پر پيٽ ڏلهجي پوندس ته ٻه اُٿندو ڪين. اڳٺ ڪي ٻور ڪري ڪٺو داڙو جڏهن چوئي ڇپوئي ڪائي رهندو، تڏهن ڏالهيءَ جي پڇر ڦٽي ڪندو! اسان نندڙن وڏڙن لاءِ ته رونشو هوندو هو!

ٻي سندس پر کهڙي!

حيدرآباد جي شهر ۾ آهن ڪليل ڪسيون. گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هڪڙي وڏي ڪسي وڇان پئي وهي، ۽ پاسن کان ٽپي ٽپي تي گهر گهر جي ٻاهران وري ٻيون ننڍيون ڪسيون هونديون، جن مان گهر گهر جو ڪنو پاڻي لنگهي، وڃيو وچ واريءَ ڪسيءَ ۾ پوي.

هاڻي تلوڪچند جو ٽيم هيءَ جو پاسي واري ڪسي اورانگهيندو ئي ڪين.

هلندي هلندي، ڪا پاسي واري ڪسي سامهون اچي ويئي، ته ڪاڪو ڦيرو ڪائي، وچ واريءَ ڪسيءَ تان ٻرانگهه پائي، وڃي ٻئي پاسي کان پنڌ پوندو. اڳيرو وري اُنهيءَ پاسي ٻه ڪا ڪسي منهن آڏو آئي ته وري ٻه وچ واري ڪسي ٽپي، ٻئي پاسي هليو ويندو.

پر مبادا ڪنهن هنڌ ٻنهي پاسن واريون ڪسيون هڪ ٻئي جي ٻنهه سامهون اچي وچ واريءَ ڪسيءَ ۾

چوڙ ڪنديون، ته پوءِ ڪاڪو ڏسو ته تنگ ڪئن ٿو چڙي!

وڃي سو وڃي ڪيڏانهن؟ پاسي واري ڪسي به ڪاڪي کي اورانگهڻي ڪانه هجي، وچ واريءَ ڪسيءَ وٽان به لنگهه بند. بس رنگ هوندو هو اهو ڏسڻ وٽان!

ڪاڪو ڏنگائيءَ تي بيهي، وٽي وچ واريءَ ڪسيءَ جي آرپار ٽپ ڏيندو.

انهيءَ ٽيميءَ جو هڪ لڳا ٽيم لڳو، ته گورنر جي سواري سر بازار ڏيئي، سري گهاٽ وٽان اچي لنگهي، ته انهيءَ کي اُتي ڪن اٿ ترسائي، ماڻ گورنر صاحب جي آجيان ڪريان!

هو پاڻ سرڪار نامدار جو وڏو ڀل ڀرائو. پانيائين پڇي ته ڪليڪٽر کي لکندس، ته مون هي ٽيڪڙ ڪيو آهي، ته مون کي اجازت اوس ملندي؛ پر هن گوري ڪُوس ٿي ڪونه ڏنس.

هن چيو ڪن به سندس! ۽ جنهن ڏينهن پوياڙين جو گورنر جي سواري سري گهاٽ وٽان اچي لنگهڻي هئي، تنهن ڏينهن اُها مهل چٽائي، ڪاڪو مٿي ۾ ميراٺي ڪيمخاب جي ٽوپي وجهي، ڪلهن تي ڪارو ٻگهو ڪوٽ پائي، هٿن ۾ گلن جو هار کڻي، گهاٽ واري گهٽيءَ جي سامهون، هو جو ڪندن فوٽيگرافر جو دڪان هجي، تنهنتي وڃي ويهي رهيو.

بس، سري گهاٽ ڪان ٿورڙو پريان گورنر جي سواري
ور ڪائي، سر بازار ۾ اچا گهڙي ٿي، ته هن به جهٽ ڏيئي،
وڃي گهوڙن کي لغام ۾ هٿ وڌو.

گاڏي اُمالڪ بيهي ويهي. گورنر حال ڳالهه سمجهي نه
پيو. ٿوري ۾ ڪيس ڳالهه سمجهائي ويئي. گورنر ڪلي ڏنو.
هن گلن جو هار ڪڍي گلي ۾ وڌس.

اهڙو هو ٽلوڪ ٽيمي!

٥. ڪو سقراط پارو سياڻو ڪيي

پرمانند ميوارام

ڪيترين صديون ٿيون، جو هڪ پيرسن يونان جو فيلسوف هو، جو شهر جي منڊين ۽ شاهي چونڪن ۾ گهمندو ڦرندو هو. انهيءَ زماني ۾ ڳالهير تڪڙيون تقريرون ڏيندڙ، مٺين جاين ۾ اچي مڙندا هئا. هي سياڻو به وڃي ڳالهيون ڪندو هو. مٿي ڪپائو يا ڪنهن بحث يا تڪراري ماڻهو ڪين هو. ڏاڍي نهر سان ڪانئن سوال پڇندو هو. چوندو هون ته ٻڌايو ته جيڪي حرف ڪم آڻيو ٿا تن جي معني چا آهي؟ پوءِ فينسنائيءَ سان پردا چلي پري ڪندو هو، ته ڪوڙ يا غلطي جا-وڏن حرفن اندر ڍڪيل هوندي هئي، سا ڪُلي ظاهر ٿي پوندي هئي. پوءِ اهي ٻاڙي هن عاقل اڳيان ڏاڍا ڪِڪا وڪا پيا لڳندا هئا. اهو هو مشهور سقراط فيلسوف. (شل ڪو اهڙو سقراط پارو سياڻو جاڳي جو اڄڪلهه جي نيم طبيبن ۽ نيم مُلن تان قلعي لاهي، سندن آنڌا گُنجيون پڌرا ڪري ڏيکاري) ته ڪيئن ڪوڙ ۽ غلطيءَ کي ٻاهران سچ جو ريس پهرائي، انڌ-وشواسين، بيتميز ۽ اڻ پڙهيل يا اڌ پڙهيل ڪُتِ خلق کي، گمراهه ٿا ڪن ۽ ڌوڪو ٿا ڏين.

نوجوان ٿورو علم پرايو آهي؛ نچاٽا ڪاليج به پڙهيو آهي. ڏاڍي لاف هڻي چوي ٿو ته ”آءٌ آزاد خيال آهيان،

فري ٿنڪر.“ سوال: ”آزاد خيالي، تڏهين وڏي وٿ
چئبي؟“ جواب: ”بيشڪ، آزادگي وڏي نعمت آهي
سيڪبجهہ گهوري، بلڪ جيل جا در ڏسي، لنگهڻ کڏي بہ
اهو جنم جو حق نہ ڇڏجي.“ اتي پيرمرد ڪنڌ ڌوڻي
ڳالهہ ڦيرائي، نوجوان کان پڇيو: ”پلا، تعليم لاءِ اوهين
ڏئين رهيا آهيو نہ؟“ جواب: ”تعليم؟ هيءَ تہ ڳالهہ منهنجي
دل وٽان ڪئي اٿوَ؛ هائو، هر ڪنهن کي جيڪر وديا دان
ڪجي، مفت ڏجي. اسان آزاد خيال وارن جي وس
هجي، تہ هوند سکر توڙي نسکر جي ٻارن کي پاڙهيون، ۽
ڪاليج توڙي.“

سوال: ”جڏهين نينگر کي پاڙهڻ ٿو ويهارجي، تہ علم
سندس آزادگيءَ ۾ رڪاوٽ ڪين ٿو وجهي؟“ جواب:
”پلا، اها بہ ڪا ٿيڻي آهي؟“

پيرمرد: ”بہ نينگر ٿا وٺون؛ هڪڙو اسڪول ڇڏي
پيچي ٿو وڃي، ٻيو محنت ڪري علم ٿو پرائي. پاڇوڪڙ
کي جيڪا ڳالهہ خيال ۾ ايندي، يا ڪنهن کان بہ ڪڻي
جهٽيائين تہ اها سچي ڄاڻي وسهي ويندو؛ جيڪو طالب
علم هوندو سو آزاد خيال نہ ٿيندو. وٽ مثال: ماستر
سيڪاريس ٿو تہ ناءِ آڻان ٻاهتر؛ سنڌ، انگريزن، ميرن کان
۱۸۴۳ع ۾ فتح ڪئي؛ ڪيچ سنڌ جي ڏکڻ ۾ آهي. هاڻي
هي ٽي حقيقتون آهن. نينگر جو اسڪول ۾ پڙهڻ وينو،
تنهن انهن ٽنهي ڳالهين سڪڻ سان سچا سارا ٽي گهمرا
پنهنجي آزادگي ڇٽ ڪئي. هاڻي مڃي نٿو سگهي تہ
’ناءِ اڻان ڇائيتاليهہ، يا انگريزن ۱۷۴۳ع ۾ سنڌ ورتي، يا

ڪچ سنڌ جي اتر ۾ آهي. ڏس علم پرائڻ جو نتيجو ٿيو، پاڻ کي غلام ۽ آزاد خياليءَ جو دشمن بنائڻ."

نوجوان: "سو وري ڪيئن؟ آزاد خيال وارو آهي ئي اهو، جو سچ جو ڳولائو ۽ ان جو گرهڻ ڪندڙ هجي. هو ڪنهن ڌرم مت جو پابند نه آهي، ۽ سائنس جيڪي ڳجهه ظاهر ڪري ٿي ڏئي، تن جي مڃڻ کان عار نٿو ڪري."

پيرمرد: "ته به منهنجي ڳالهه ته سڌ ٿي ٿئي. آزاد خيال اهو آهي، جنهن کي اجا پوري پروسي جهڙي خبر نه مليل آهي، ۽ جنهن کي نه ٿون آزاد خيال ٿو سڏين، سو جيتريقدر جاهليءَ ۾ گرفتار هوندو، آزاد به انهيءَ قدر هوندو. جن کي علم هيئت جي سُڌ نه آهي، سي ئي سمجهڻ لاءِ آزاد آهن، ته سج کان ڌرتي وڏي آهي. سڀ کان پورو پورو آزاد خيال اهو آهي، جنهن جي مغز ۾ خلل آهي؛ پر جنهن کي جيئن علم سرس، تيئن هو گهٽ آزاد آهي. سو آزادگي نه خيال جي، پر ڪرڻيءَ جي هئڻ کپي."

مهاودوان پرشن جو خيال ئي ڪامل آهي؛ انوماني يا قياسي ڳالهين ۾، جتي ثابتي ملي نٿي سگهي، اتي ئي فقط خيال آزاد آهي، پر جيئن علم وڌيڪ پرائجي ٿو، تيئن قياسي ڳالهين جي حد وجهي سوڙهي ٿيندي. نڪي وري آزاد خيال اهڙو خيال ٿي سگهي ٿو، جو ٻين جي پرياءِ يا استاد جي اختياريءَ کان آزاد ٿي سگهي. جي استاد پروسي جهڙو آهي، ته جاهلي دور ٿئي ٿي، ۽ سندس شاگرد علم حاصل ڪن ٿا. جو پاڻ چاڙهي تنهن کان علم

سکھڻ واجب آھي. قابل استادن کان سکڻ ڪري، جا سياڻپ پرائجي ٿي، تنھن کي "تياڳڻ" اياڻپ ٿيندي. (پورو پورو علم آزاد نہ پر سچ سان ٻڌل آھي.) جو علم "آزاد" چوڻ ۾ اچي ٿو، سو سچ پچ اڻڄاڻائي يا جاھلي يا تعصب يا وھمي انومان آھي، جنھن کي ماڻھو ڀلجي سچ سمجھي ٿا ويھن.

٦. سارنگ

پيرومل مهرچند

سارنگ معنيٰ ڪڪر ۽ پوءِ معنيٰ جهڙ ڦڙ يا برسات. برسات يا مينهن بابت ڪيترن ئي مضمون لکيا آهن پر شاهه جي رسالي ۾ جيڪي برسات جا بيان آهن سي پڙهڻ وٽان آهن. هن اعليٰ درجي جي شاعر پنهنجي رسالي جي سر سارنگ ۾ چؤماسي جي تصوير نهايت چيدن لفظن ۾ چٽي آهي ۽ وڏي ڳالهه ته ان ۾ سنڌ جي، خاص ڪري ٿر جي مسڪين مالدارن جي، ڳچ جيترو احوال ڏنو اٿس. ٿر ۾ نڪو واهه نڪو درياهه آهي، تنهنڪري اُتي جي ماڻهن جا گهر ڪڪرن تي آهن. چؤماسي ۾ اُهي ويچارا آسمان ۾ اکيون اٽڪائي پل پل ائين پيا پڪارين:

مٿان منجهه ڪي مينگهه ملارا
مينهن گهرن ٿا مالن وارا.

ٿر جو مدار باراني پوک تي آهي. پر ٿر ۾ نڪي سيئي آن پوک ڪن ٿا، نڪي سيڪنهن کي اَن ڳنهڻ جي وسعت آهي. چوٽي به آهي ته ٿر آهي ٿرڻ تي، نه ڪڻ تي يعني ٿري ماڻهن جو گذران ان تي ايترو نه آهي جيترو ڌڻ ڪير تي آهي. ٿر جا مالدار برسات انهيءَ لاءِ گهرن ته وهٽن لاءِ چار وڌيڪ ٿئي.

ٿر ۾ برسات سبب نه فقط ان پوک ٿئي ٿي ۽ مال لاءِ چارو جهجهو ٿئي ٿو، پر ڪيترا مسڪين جن کي ان ڳنهڻ

جي وسعت ڪانهي، تن لاءِ پنهنجي پيٽ پيرڻ جي ٻي ٻه هڪ وات ڪلي ٿي. برسات سبب قسمين قسمين گاهه ٿين ٿا، تن جو ٻج ڪيترا مسڪين ان ڪري ڪم آڻين ٿا ۽ اهو "ڏٿ" سڏجي ٿو. ڏٿ ۾ نه فقط جهنگلي اَن، پر جهنگلي ٻاڄيون ۽ ميوا به اچي ٿا وڃن ۽ پلر پيارين ته سنگهارن سکه ٿئي."

برسات مان ٻيو سکه اٿن پلر جو. ٿر ۾ ڪن ڪوهن جو پاڻي ٻارو ته ڪن جو ٻنهه ڪارو، تنهنڪري "پلر" يعني برسات جو پاڻي ٿري ماڻهن لاءِ هڪ وڏي نعمت آهي. برسات سبب تليون، ترايون ۽ تڙ مٺي پاڻيءَ سان ٽمٽار ٿيو وڃن ته اتي زالين مڙسين، ٻارين ٻچين پلر جا ٻڪن جا ٻڪ پيري پيئندا آهن ۽ اوڏي مهل اندر ٻيو ٺرندو اٿن. تلين ۽ ترائين ۾ جيڪي به ڏينهن برسات جو پاڻي بيٺو هوندو آهي، سي سڀ ڏينهن اهوئي پاڻي پيئندا آهن. انهن سيني سکن ڪري ماڻهو سارنگ کي گهڻو ساريندا آهن.

"سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگه مينهن،
آڙون ابر آسري تارا تنوارين.

ٿر ۾ توڙي ٻين هنڌ پونن ۾ هرڻ جام آهن: ۽ اُهي رڃ کي پاڻي سمجهي، سڄو ڏينهن ستون ڏيندا وتن. جي پاڻيءَ لاءِ هڙو پريشان سي سارنگ کي ڇو نه سنڀاليندا؟ مينهن کي ته اوسو الاهي آهي. اُهي پاڻيءَ ۾ ترڳڻ ۽ پيئڻ واري زمين تي وهڻ گهڻو پسند ڪنديون آهن، تنهن ڪري انهن لاءِ به برسات رحمت جو ريلو آهي. هيءَ ته وڏن

ساهوارن جي ڳالهہ آهي، پر آڙ جهڙو جيئامڙو پکي، جو رنگہ
جو ڪارانجهڙو ٿئي ٿو، سو بہ برسات لاءِ ڏاڍو تڙقندو آهي.
جيئن ڏٺو تہ آڙ جي تکي تنوار پيئي پوندي. جيئن تہ تمام
ننڍڙو جيت آهي پر آواز بلڪل تکو اٿس، تيئن آڙ جي
تنوار بہ تہ جهڙي تيز آهي، بلڪ وڌيڪ. ٿري لوڪ چون
تہ اهي آڙون مينهن لاءِ پڪارين ٿيون؛ پر مينهن پوڻ جي
پڪ تڏهن ٿيندي جڏهن تاڙو پکي تنواريندو. تاڙي
تنواريو تہ ٿري ماڻهن کي جڻ تہ برسات وسڻ جي واڌائي
ملي چڪي. جيڪڏهن تاڙي پکيءَ جي تنوار نہ ٻڌن ۽
مينگهہ ملار جا آثار بہ نہ ڏسن تہ پوءِ کي نااميد ٿيو مال
جي چاري سانگي ٻين آباد هنڌن ڏي لڏيو وڃن،
جنهنڪري هو "سانگي" سڏجن ٿا. اهڙن وقتن تي کي
مال ڪاهيو وڃيو ڇنن وٽ رهن.

ٿر ۾ ڪيترن هنڌ، خاص ڪري ڏاکڻي پاڳي ڏي،
ڪڇہ جي رڻ طرف، ڇن يعني هيٺاهيون زمينون گهٽيون
آهن، جي ڍنڍن وانگر آهن. انهن ڍنڍن جي آسپاس
وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا ايريا بيٺا آهن، تن ۾ مالدار پنهنجو مال
چاريندا آهن. انهيءَ پاسي زمين اڪثر سيلاب واري آهي
۽ ڪيتري قدر "ڇڇي" يعني ڪلراٺي آهي، تنهنڪري
برسات ۾ اتي گوڏي جيڏي گپ ٿيندي آهي. اهڙيءَ
حالت ۾ اجا جهڙ ڦر ٿئي تہ مالدار يڪدم اتان لڏي ڏهرن
يعني ڏاڍي زمين وارن ماڳن ۾ وڃي رهندا آهن. ٿر ۾
جيئن واري مهني ڪان وڻي سنهي مک گهٽي ٿيندي آهي
جنهنڪي "چارو" چوندا آهن. انهيءَ مند ۾ "جئوئو" نالي

هڪ جيت گهٽو ٿئي ٿو، جو مينهن وساري جهڙو پر رنگ جو ڪارانجهڙو ٿئي ٿو. اهو جيت ماڻهن توڙي وهٽن کي چڪ هڻي ته ستائي رکي. چاري ۽ چئوئن جي آزار کان ڪيترا مالدار خود پٽن جي مٿان پڪا اڏي، واڱڪا ٿي وهندا آهن، تنهنڪري شاهه صاحب به چيو آهي ته:—

”چن چڏي پٽ پاءِ، اڏ اُتاهين پڪڙا“

اهڙن وقتن تي جڏهن مالدار لڏ پلاڻ ڪندا آهن، تڏهن مال کاهي گس ڪن يعني انکي دڳ لائي چڏين ته پاڻيهي سنئون رستو وٺي هلي: ۽ پاڻ رليون، گودڙيون، تڏا، ان پيهڻ لاءِ جنڊ ۽ ٻيو سمر، ڪي مٿي تي، ته ڪي اٺن يا گڏهن تي لڏي ڪڻندا آهن جنهن ڳالهه جو به اشارو ڪيو اٿس. پهرين ئي پهرين بيت ۾ دلگير مالدارن کي وڏڙي مينهن وسڻ جي خوشخبري ٻڌائي ۽ هننکي چيچن مان لڏي پٽن يعني ڏاڍين زمينن ڏي وڃڻ جي صلاح ڏيئي، پوءِ برسات جا بي نظير بيان ڪيا اٿس.

”اج رسيلا رنگ بادل ڪڍيا برجن سين.“

برسات وسڻ مهل آسمان ۾ جڻ محفل مچي ٿي وڃي. ڪي ڪڪر پورب ته ڪي پڇم، ڪي اتر ته ڪي ڏکڻ ڏي پيا ڊوڙن. گهاٽا ڪارا ڪڪر مڙيو اچن ته سرلي وچان سڄ لڪيو وڃي، ۽ جنهن مهل لڳهه پاڻ ۾ لڳن ۽ مينهن ٺهه ٺهه ڪري ٺمن، تنهن مهل آسمان مان اهڙا وٺندڙ آواز پيا اچن جو جڻ ته مرڏنگ سارنگيون سرندا ۽ ٻيا ساز پيا وڄن. بعضي وڏڙو مينهن اهڙو تڪڙو وسندو آهي، جو پاڻ ته سارنگ جون صراحيون آسمان مان پيئون اوتجن.

اوڏي مهل جي هوا زور هوندي آهي ته مينهن اوهيڙا ڪري وسندو آهي ۽ اها آب جي اُڇل سيني ساهوارن ۾ نئون ساهه ڦوڪيندي آهي. رکي رکي رعد جي اها رڙ پيئي پوندي آهي جو ڪليون به ڪنبي وينديون آهن، وڄ اهڙا تـڪا چمڪاٽ ڪندي آهي جو ماڻهون ۽ وهٽ ڏڄي ويندا آهن، ۽ اوڏي مهل ڪنڍيون (مينهون) ڪڙڪو گهٽو ڪنديون آهن. مينهن سان گڏجي واچ هوندي آهي يا اُتر جي هوا زور سان لڳندي آهي ته ڪيترن ويچارن جا پونگا ڍهي پوندا آهن. اهڙي طرح ڪي خرابيون ٿين ٿيون پر تڏهن به ايترو چئبو ته برسات مان سڪه وري به سرس آهن. تنهنڪري سارنگه سبب ماڻهن توڙي مرن کي جهجهي سرهائي ٿيندي آهي، ويتر بادلن جا رسيلا رنگه ڏسي روح کي گهڻي راحت ايندي آهي. اهڙي طرح اسانجي شاعر چؤماسي جي هوبهو تصوير چٽي آهي ۽ انهم ڪابه اجائي رنگيني يا گلڪاري ڪانه گڏي اٿس.

وسڪارا

گجگوڙ

ٺوڪاڻ

مهد ۾ ...

ڪسهر

۷. ڀاڳوت ۾ شاھ

اُگھاڙ Nakedness

جيئنمل پرسرام

اديون ور اُگھاڙ— (شاھ)

سهڻو لطيف ٿو سڀئي واري سر معذوريءَ ۾ چوي ته "اي ڀينر! اُگھاڙ هڪ عجيب عظيم شيءِ آهي". ماڻهو چون ته ڪپڙا پايو، لطيف ٿو چوي ته ڪپڙا لاهيو! مطلب ته ڳالهيون ئي اُبتيون.

"اڪ اُلٽي ڏار، وڻ اُلٽو عام سڀن!"

انهيءَ اُگھاڙ جون ڳالهيون، اڪثر، علم تصوف وارن ڪيون آهن، جئن سريمد ڀاڳوت ۾ سري ڪرشن گوپين کي چيو ته اوهين مڙيئي ڪپڙا لاهيو، اگھاڙيون ٿيو؛ تئين لطيف به ٿو پنهنجي ٻوليءَ ۾ چوي: "سڀ ننگيون ٿي نڪرو." جيڪڏهن هي ڳالهيون بدني فهم ۾ وٺبيون ته نهايت اڌرم پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. هر ڪنهن ڳالهه ۾ وڏو ويچار آهي. سڀني ساسترن ۾ اِها بات ٻڌايل آهي. ويچار کانسواءِ مڙيئي اونده آهي. ڀاڳوت ۾ جيڪا ڳالهه شري ڪرشن يا گوپين جي آهي، سا هڪ نهايت مستوريءَ (Mystery) واري آهي، هڪ روحاني ڳجهه جي آهي. شري ڪرشن جي عمر ان وقت ۱۰ ورهين جي هئي! چوڻ ۾ اچي ٿو ته سوا لک گوپيون گوڪل گام ۾ هيون، جن سان سري ڪرشن راس

ڪئي. جيڪڏهن ويچار هلائبو ته معلوم ٿيندو ته هڪ "ڳوٺ" ۾ سوا لک ناريون اول ٿينديون ڪيئن؟ ائين ته سوا لک مرد، سوا لک ٻار، سوا لک ٻڍا به هوندا يعني ته هڪڙي ڳوٺ ۾ ٥ لک ماڻهو! ٻاهرين ڳالهين جي اندر، اندرين رهاڻ کي سمجهڻ کان سواءِ، مذهب مرض جي صورت وٺي ٿو. اهي سوا لک ناريون، اندر واريون، يوڳ جون ناريون آهن، جن ۾ ڪرشن روپي شبد راس ٿو رچائي! هي اگهاڙ به ٻاهرين ڪانه آهي. هيءَ اگهاڙپ اونهي آهي. لطيف انهيءَ اُگهاڙپ تي سهڻي اُپٽار ڪئي آهي. آءٌ سندس اهي لاڳيتا شلوڪ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس.

(١) اديون ور اُگهاڙ، وهاڻ جنهن وساريو
جيڏيون ڇڏي جاڙ، سي ننگيون تي نڪرو.

اي ڀينر! اها اُگهاڙپ چڱي آهي، جنهن مونکان هي دنيا جو وهاڻ – نفساني خوشيون وسارائي ڇڏيون. وهاڻ منجهه ماڻهو ڪپڙن پائڻ جي خوب خوشي ڪندا آهن. وڳن پٺيان وڳا ڪنوار ۽ گهوٽ لاءِ ٺهندا آهن. لطيف ٿو چوي ته اهڙي وهاڻ مونکان اُگهاڙپ وسارائي ڇڏي، اي جيڏيون! اوهين ڪپڙن واري ڪثرت ڇڏي، ننگائي جي وحدت ۾ داخل ٿي، هن سنسار کان ٻاهر ٿيو. يعني ته انيڪ مان ايڪ ۾ اچو.

(٢) سي ننگيون تي نڪرو، لالچ ڇڏي لوڀ،
سپريان سين سوڀ، نندون ڪندي نه ٿئي.

اها اگهاڙ ڇا آهي، تنهن کي وڌيڪ ٿو لطيف کولي. اهي وهاڻ وارا ڪپڙا ڇا آهن؟ اهي آهن لالچ ۽ لوڀ.

ويدانتن موجب آتما ننگن آهي، جنهن جي مثال اسٿول سرير، سوکيم سرير، ڪارڻ سرير جا ڪپڙا چڙهي ويا آهن. انهن ويسن کان جڏهن آتما واندي ٿئي، تڏهن پنهنجي سچي ويس جي معلوميت ٿئيس. جيئن لطيف ٿو چوي:-

"توکي ويس وڄائيو، ويس وڃائيو تو."

لالچ ۽ لوڀ، اهي سوکم سرير جون خرابيون آهن. لطيف ٿو چوي اهي سڀ ڇڏيو، انهي نفسن جي اند ۾ غرق نه ٿيو، جاڳي پرين کي ملو. جئن ڪٺ اُپنشد وارو به ٿو چوي:-

"اُٿو جاڳو! ستگر ديو جو پند پنچايو!"

(٣) سڀ ننگيون ٿي نڪرو، پرهڻ ڇڏي، پوءِ

مهند مڙنئان هوءِ، هي جا ڪين ڪٺي.

نه رڳو ٻاهريان ويس ڇڏڻا آهن، نه رڳو طمع کي ترڪ ڪرڻو آهي، پرهي جي اکر پڙهي، هن ۾ پراوا خيال وڌا اٿئون، سي به ترڪ ڪرڻا آهن. اهي مٽي جا وٺاءُ به سڀ ڪڍي ڦٽا ڪرڻا آهن. امام غزالي اسلامي، بيدار روح، عمر ڪتاب پڙهيا ۽ لکيا، پڇاڙيءَ ۾ هڪ ذهين شاگردن کي گهرائي چيائين ته اهي مڙيئي وجي پاڻيءَ منجهه وجهو؛ اهي مڙيئي ڪوڙ آهن. پوءِ ٿو چوي' ته انسان جي مٽي ۾ ڪوڙا خيال ويهي ويا آهن؛ هڪڙا آهن موروثي؛ ٻاٻي ڏاڏي کان مليل، ۽ ٻيا آهن مُلن ۽ ماسترن وٽان مليل. اهي سڀ خيال ڪڍي ڇڏڻ گهرجن. اها من جي صفائي آهي؛ يعني اُپاڌين، غلط فهمين، وغيره کان وانجو رهڻ: ٻيا به ڪيترا دماغ جا اجايا خيال آهن! رام ڪرشن پرمهنس، وويڪانند

جي گوروءَ، پاڻ کي انهن ڪپڙن کان هيئن وانجو ڪيو! جائي جم کان، مثلاً، هي خيال ويهي ويو اٿئون ته آءٌ هندو، هو مسلمان. اها هڪڙي اجائي اُپاڌي آهي. رامڪرشن چيو: انهيءَ کان ڪيئن ڇٽان؟ آءٌ رڳو پيو پاڻ کي هندو سمجهان! سو ٻارنهن مهنا مسلمان جا ڪپڙا ڪري گهر ۾ وضو ڪندو هو، نماز پڙهندو هو. وري خيال آيس ته منهنجي آتما نڪي مرد آهي، نڪي زال آهي، پوءِ آءٌ پاڻ کي رڳو مرد سمجهي ڇو ويٺو آهيان! ١٢ مهنا زنانا ڪپڙا پائي، زالن وانگر گهر ۾ هلت ڪرڻ ويٺو. آءٌ نٿو چوان ته اسين به هوبهو ائين ڪريون؛ پر ڪنهن به ريت ضروري آهي ڄاڻڻ ته اهي جميل خيال به ڪپڙا آهن. انهن کان ننگو ٿيڻ جي ضرورت آهي. مطلب ”ڪين ڪٺي سسئي کي هلڻو آهي!

(٣) ڪهي جا ڪين ڪٺي، پرينءَ پهتي سا؛
وهي ويڙهيجي جا، وصل تنهن وڄائيو.

جا به گوپي ڪپڙن ۾ ويڙهجي وهندي، تنهن کي ڪرشن ملڻو ئي ڪونه آهي! انهيءَ کان گهوٽ سدائين پري آهي. جيئن ليلان سان چنيسر کي پريت هئي، پر ليلان مڻئي تي موهجي، چنيسر کي ڇڏي ڏنو. مڻئي تي جي رنگين چٽ هوا، ”تنهين ڦيريس چٽ!“ اهو مڻيو اٿي ’ڪپڙن‘ وارو آهي. سائين کي ڪپڙا، سينڌ، سرما ڪونه کپن؛ هن کي کپي دل جي صفائي. جيئن شاه سمي گنڌريءَ واري ڳالهه ٿو ٻڌائي، ته ڪيئن تماچي راجا، گنڌريءَ کي ڪنوار ڪيو، تئن ڀاڳوت ۾ آهي ته ڪيئن ڪرشن جڏهن ڏنو ته

گوپيون هٿيليون ٿيون آهن، تڏهن ڪين ڇڏي وڃي ڪبريءَ وٽ رهيون.

(٥) "وصل تنهن وڃايو، سينڌ سرمي سيئن؛
سا لوٽي ليلان جيئن، مٽيو جنهن مٽ ڪيو."

آخر تڏهن لطيف ٿو چوي ته اهي ڪپڙا آهن. "هوند" هيءَ ننگائي آهي "اڻهوند". انهيءَ "اڻهوند" کي "لا" به چئبو آهي. "لا" معنيٰ "سواءِ"، "نفي" آهي، نانهه آهي، ساڳي معنيٰ "ڪين" آهي!

(٦) هوندئان هوت پري، اوڏو آهه اڻهوند کي؛
ساجن تن سري؛ لاسين لڏيسن جي.

لطيف پڇاڙيءَ جي سلوڪ ۾ چوي ٿو ته اهو نفس ڪپڙن وارو خنجر آهي. انهيءَ کي خنجر هڻي ماري ڇڏ. اهي ڪپڙا آهن سڏون، طمع، ترشنا، لالچ لوڀ،

(٧) لائي خنجر لا جو، هيءَ! خنجر کي هڻ؛
سڏن جون، سيد چئي، وٺون سڀ وڪڻ؛
پير پروڙي ڪڻ، ته هلڻ ۾ هوري وهين.

مٿيان ست ئي بيت 'لاڳيتا سر معذوري' ۾ شاهه صاحب ڏنا آهن. اهو سڄو سر پڙهڻ جهڙو آهي. انهيءَ اڳهاڙ جي شيڪسپيئر شاعر پڻ ڳالهه ٿو ڪري. چوي ٿو ته اندر ۾ موج جي مرلي پيئي وڄي "Music of Spheres"؛ انهيءَ کي دلپت صوفيءَ "گگن جي گور" ٿو چوي. "گگن گور باجي دن راتي."

Such harmony is in immortal souls. But whilst this Muddy Vesture of decay doth grossly close us in we can not hear it. (Merchant of Venice)

"اهڙي انند جي مرلي اَمر آتما اندر پئي وڄي. پر جيسين هي گپ جا ناسوت ڪپڙا انهيءَ کي ڍڪيو وينا آهن، تيستائين تون اها ٻڌي نه سگهندين." وري به ساڳي ڳالهه "Vesture" يا ويس واري! اندر جي تلاشي ڪندڙن، انهيءَ اُگهاڙ جي ڳالهه ڪئي آهي. جيئن هڪ ڪرستاني سنت ٿو چوي ته: اگهاڙو شش اگهاڙي يسوع کي ملي!"

٨. رام ۽ رحيم

امرلعل هنگوراڻي

اياڻن کان پاڙي ۾ رهندا هوا. هڪ هو ملان جو گهر، ته ٻيو هو ٻانيڻ جو گهر. ٻانيڻ جي گهر ٺاڪرجي پوڄا ٿيندي هئي. جهانجهه زور سان وڄندي هئي. اهو سندس هريءَ جي ڪيرتن ڪرڻ جو نمونو هو. ملان وٽ به پنجئي نمازون پڙهبيون هيون. ٻانگ جي سڏ کي به ٻانگو شد مد سان ڪندو هو. جي برهمڻ ملان کان پڇندو هو ته ادا منهنجي پوڄا تنهنجي عبادت ۾ ته ڪو رخنو ڪونه ٿي وجهي؟ ته ملا ورائيندو هئس ته جڏهين تون ڪيرتن ڪرين ٿو تڏهين مونکي پنهنجو موليٰ ياد پوي ٿو. مطلب ته هو پنهنجي مذهب تي پورو هو ۽ هو پنهنجي ڌرم تي قائم هو. علحدن مذهبن جا هئا، پر ويڙ وروڌ وچ ۾ نه وڌائون. جي ملان جي گهر شادي ٿيندي هئي ته برهمڻ کي ڪچو ان ڏيندا هئا. کير ۽ مکڻ کي ته ڇوپ ٿئي ئي نه. ملان پنهنجي ڳان ۽ جو کير مکڻ کيس ڏيندو هو. ڳان ۽ هئي برهمڻ جي. انت ڪال جي ويلي ڪنهن شاهوڪار ڪپلا ڳئو کيس دان ۾ ڏني هئي. خدمت ڪندو هوس ملان. ڪاڏي ۾ اٽ خرچ ڪندا هئا. کير ۽ مکڻ پاڻ ۾ ونڊي ورڇي کائيندا هئا. پائي جو ليکو هو.

اپر زماني جي لهرا! تنهنجي لهس ۽ ليپ کان ڪير پري آهي؟ ملان جا يار مسلم نيشنل گارڊ ۾ ڀرتي ٿيا هئا ۽

وڏي واڪن چوندا وتندا هئا ته ”پاڪستان ليڪي رهنگي“. هوڏانهن ٻانڀڻ جا ٻار، سنگي، ”اکنڊ هندستان“ جو نعرو هڻندا هئا. ملان خود مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ هو. واعظ گهڻا ڪندو هو. هندن جي برخلاف وڏيون چوڙيون تقريرون ڪندو هو، پر برهمڻ سان نينهن ناتو هوس. گئونءَ ۾ سندس ٻيڻي پائيواري هلندي ٿي آئي. ليگ وارن چيس ته برهمڻ جي گانءِ هضم ڪري ڇڏ؛ چي، اهو حرام آهي. امانت ۾ ڪا خيانت ڪجي؟ رسول رب جي حياتيءَ ڏانهن اشارو ڪري چوندو هو، ’پيغمبر ٿيڻ کان اڳ ماڻهو ڪيس امين ڪوٺيندا هئا، امڪان آهي ته خدا سندس امانت ڏسي ڪيس پيغمبريءَ جي پڳ ٻڌائي.‘

نوئاکليءَ جي ڳالهين هندن ۾ مسلمانن لاءِ حقارت ڦوڪي هئي. بهار جي ڦهرن مسلمانن ۾ جذبات جوش ۽ جولان آندو هو. بارود تيار هو، باقي ڪو چڻنگ لڳائي!

نيٺ چڻنگ لڳي. ”نوٽيفائيڊ ايريا“ جي اليڪشن هئي. ٽي جايون مسلمانن جون ۽ ٻه هندن جون. مسلمان ته يڪراءِ چونڊيا ويا. باقي رهيا هندو. هندن ۾ ٻه هندو مسلمانن جا چاڙتا بيهاريا هئائون. تقريرون ٿيون. انهن هندن کي مليڇ سڏيو ويو. هنن جي جڳدرٽ سان پيٽ ڪئي ويئي. هندن جوش ۾ پاڪستان تي حملو ڪيو. اليڪشن جون پيٽيون کليون. هندن جي اميدوار کٽيو. وڏا جشن ٿيا! سرگسون ۽ جلوس ڪڍيائون. لوڻين گارگند ڪيو ۽ بد شد ٻوليو. ليگ وارن ڏانهن اشارو ڪري چوڻ

لڳا ته ”ڏسو سنڌن منهن، ڀاڙوتي وانگر جهڙا.“ وڏو ممڻ مچي ويو. انهيءَ بيهودي گفتار ڪندڙ جي ته بروقت مسلمانن چڱي پوڄا ڪئي. پوليس ۽ چڱن ماڻهن، هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ پئي جهيڙو ٽاريو.

پر اندر ۾ ٻنهي ڌرين کي باهه هئي. هندن ڪئي گورنر، گورنر جنرل ۽ آفيسرن ڏانهن تارن جي پيهه. جواهرلعل ۽ گانڌيءَ کي به تارون ڪيائون. اڃا مائونٽبيٽن هندستان ۾ لٿو به نه هو ته سندس شخصي نالي ۾ ڪراچيءَ جي ايئرپورٽ ۽ دهليءَ تارون ڪيائون. هوڏانهن مسلمانن چيو ته اڄ هن ڳوٺ ۾ نوئاکالي ڪنداسين. ملان جي گهر ۾ ميٽنگ ٿي. ”الله اڪبر“ جا نعرا هنيائون. ملان هونءَ ته تيار هو، پر ڪن هندن جي خلاف ڌر وارن چيو ته پهريائين ڪوس ڪنداسين ٻانيڻ جي گهر جو.

ٻانيڻ ڪنهن به مين ميک ۾ ڪونه هو. سانت سروپ هو. ملان کين گهڻو ئي سمجهايو ته پهريائين ڪاهه ڪجي سماجين تي، جن جي رڳ رڳ ۾ رولو آهي؛ پر ٻيا سڀ چون ته پهريائين باهه ڏيئي ڪوس ڪنداسين براهمڻ جي گهر جو. ورن جي ڳالهه هئي. ملان ڪنڌ تي ڪاتي آڻي ٻاڻ کي نيچو نوايو. ملان جي ڌيءَ فاطمه اندران سڀ ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. ٻئي هٿ مٿي تي هنيائين. خدا ۽ رب رسول کي ياد ڪري پڪارڻ لڳي. اندر ۾ آواز آيس ”خالق جي عبادت چڱي، پر خالق اٿيئي خلق ۾“ فاطمه جون اکيون کليون.

ٻانيڻ جو ساهه مٿ ۾ هو. ٻانيٽياڻي سري ڪرشن جي مورت جي اڳيان گوڏا کوڙي ٻاڏائي رهي هئي، ته "دروپديءَ جي لاج تو رکي، تو سروپ ڌاري گج کي گراهه کان بچايو. پهلاد کي هرناڪش کان، اوتار ڌاري تنهن ٿنڀي مان پرگهٽ ٿي تو بچايو. هن اوکيءَ ۾ اچي سوکي ڪج."
سندس پٽ جو سنگي هو، منجهي پيو هو. شواجيءَ جي مورت مان ڪوبه ٻل نه مِليُس، نيٺ سندس حياتيءَ تي غور ڪيائين. پيءُ کي چوڻ لڳو "شواجيءَ جو مثال وٺو." ٻانيڻ چوڻ لڳو، "اسين ننڍ ۾ جٽا چار-تون، پيٽين، ماٺهين ۽ مان. ڇا وڙهي سگهنداسين؟ ڳتڙا ڳتڙا ٿي ويندا سين." سنگيءَ کي ته پيون شواجيءَ جي بهادريءَ جون ڳالهيون وسري ويون باقي سندس نوڪريءَ ۾ پيهڻ ياد آيو. سو صلاح ڏيڻ لڳو ته "چو نه نوڪرن ۾ لڪي شواجيءَ وانگر پيهون." پٺهس سندس اوچي خيال تي چنڊو وجهندي چيو ته "ساڳي ئي صلاح جيڪا ڪُئي ڏني هئي ٻليءَ کي گهنڊ ٻَڌڻ جي. نوڪري ڪڍي نڪرندو ڪير؟" ٻانيڻ پيو چارو نه ڏسي سيني کي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو. دل ۾ خيال ڪيائين ته 'وجي ٿو ملان جي سَرَنِ پوان!'

ٻاهران الله اڪبر جا نعرا لڳي رهيا هئا، جي ٻانيڻ جي ڇاتي چني رهيا هئا. اندر ڪوٺيءَ ۾ ٻانيٽياڻي ورور ڪيو پئي سري ڪرشن کي سڏيو. چي "جيئن دروپديءَ جي لاج تو راکي. تو سروپ ڌاري ......".

سندن گهر جي اندران ملّان جي گهر سان در هو. زالون پاڻ ۾ ايندیون ويندیون هيون. در تي ڪڙڪو ٿيو. پاڻيڻ پڇيو ته "ڪير آهي؟" جواب آيس، "چاچا، مان فاطمه آهيان." پاڻيڻ در کوليو. هوءَ سيني کي پنهنجي گهر وٺي ويئي. سوگهو ڪري پنهنجي گهر ۾ پناهه ڏنائين.

هوڏانهن دروازو ڀڄي ليگي اندر آيا. ڪاريءَ وارا ڪڪ. منجهي پيا ته ڪيڏانهن هوا ۾ گم ٿي ويا. ملّان جو پٽ نيشنل مسلم ليگ گارڊ جو مهندار هو. ڪيس ڪڙڪ پئجي ويئي. سو اندريون در کولي اندر نهارڻ لڳو. ڏٺائين ته پاڻيڻ ۽ سندس ٻار سلامت آهن. خوشيءَ ۾ سيٽيون ماريائين. ليگي اچي مڙيا. فاطمه دروازي وٽ اچي بيٺي- ڪهاڙي ڪلهي تي. پاڙس اڳتي وڌيو. فاطمه جون اکيون ٽانڊن وانگر ڦهرسان ٿي ٻريون. فاطمه پاڙ کي چيو، "پاڙ جو سانگو نه رکنديس، پناهه وارن جي پناهه پياري پيغمبر جي پوئواري ساڳئي ريت ڪنديس."

جوان گهٽو ئي هو، پر سِرُ سيني کي پيارو آهي، سو به وري ڪيئن زال ذات جي سامهون ٿيئي؛ سا به ساڳيءَ گهڙيءَ جي پيڻ! فاطمه جي لفظن مان سندس ارادو وڌيڪ صاف هو. پاڙس هيسيو. فاطمه جو حوصلو وڌيو. اڳتي وڌي چوڻ لڳي، "ڪٿي اسلام ۾ لکيل آهي ته معصومن جو خون ڪريو؟ رسول رب ته انهن مسلمانن لاءِ ڦاسيءَ جو حڪم ڏنو، جن ڪافرن جو خون ڪيو." ليگي ميڙ پنتي هٽيو؛ چي "اسان جي اسلام ۽ رسول رب کي نڪو ڏيئي

رهيا آهيو. مڪي جي ڪافرن ساڻس هيتريون عقوبتون ڪيون! مٿن ات جي اوجهري اڇليائون، گند ڦٽو ڪيائون ته به فتح ڪرڻ کان پوءِ، خيريءَ خير ڪيو. مڪي ۾ رت جو ٽيپو نه ڳريو. اهو آهي اسان جو مير محمد عربي."

ليگ وارن جو ميڙ وڏيڪ پڻتي هئيو. سندن منهن ۾ پشيماني هئي. چي "اسلام لاءِ وڙهڻ نڪتا آهيو. اٿو پنهنجي پيٽ جو سور. حضرت علي دشمن جي سيني تي ويٺو هو. ترار هڻي پورو ٿي ڪيائينس ته دشمن سندس منهن ۾...... ٿُڪي ڪئي. حضرت علي ترار ڪڍي دشمن کي ڇڏي ڏنو. دشمن وائڙو! چي، 'هي ڪهڙي ڪار!' حضرت عليءَ وراڻيس، "اڳ جي توکي ماريان ها ته اسلام لاءِ لڙي رهيو هوس، پر جي هينئر توکي ماريندس ته پنهنجي لاءِ. اهو اٿو توهانجي رسول جو يار حضرت علي!"

مسلمانن جو ميڙ ڇڙ وڇڙ ٿيو. سنگي جوان ڪرشن جي مورتيءَ تان گل لاهي فاطمه مٿان ورڪا ڪئي. ٻانيٽياڻي آسمان ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳي، "اڄ ته ڪلجڳ ۾ دروپديءَ جي لاج تو راکي."

فاطمه گهر وڃڻ لڳي، پر ٻانيٽياڻي چوڻ لڳس، "توکي ائين نه ڇڏيندس. ڪجهه کائي وڃ. مٺائي کڻي ٿي اچان." پاڻ ئي ٻسي کڻي آئي جا سيني کان جدا پاسيري ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رکي هئي. انهيءَ ۾ مٺائي وڌائين. چي، "هن ٻسيءَ ۾ ڪڪي جي ڇٺيءَ ڏينهن تنهنجي پيءُ اسانوٽ کاڌو هو. سي ٻسيون صاف ڪيوسين، پر هن ۾ ڪو به ڪونه کائي-چو ته مسلمان جي ڇوت لڳل اٿس."

فاطمه (ڪل چرچي ۾) - ”چاچي ڏاڍي تنگدل آهين، مٽان ٻي بسي خراب نه ٿي پئي!“

ٻانيڪياڻي - ”نه ڏيءَ. پيءُ نائي رهي آهيان ته جڏهين هن نڪر ۾ ناڪر ڏسي رهي آهيان ته ڇا مسلمان ۾ ٻاهو رام رميو نه آهي؟“

راهون رام مِلڻ جون آهن سوين هزار
نڪر ۾ ناڪر ڏنو ٻوداڻ بيشمار
پٿر ۾ پرميشور ڏنو عاشقن اڪيچار
اَگنيءَ ۾ ايشور ڏنو پارسيءَ پريڻ پار.

٩. سنت جا سنت

پرنسيپال اجواڻي

ايشور جي سرشٽيءَ ۾ مانڪ ديهيءَ کان به وڌيڪ سريشٽ پد ٻي سگهيئو ۽ هوندو به. جي ائين نه هجي ته پوءِ ڪٿان آيا ديوتا ۽ فرشتا، غلمان ۽ پارکد، اپسرائون ۽ حورون، اندر لوڪ ۽ ستون آسمان؟ هي جي نياپا ٿا اچن معلن جي روحن وٽان سي به ڪٿان ته ايندا هوندا؟ سي نڳي يا چشم بندي ته نه هوندي! سونهن ۾ ۽ شڪتيءَ ۾، سمجهه ۾ ۽ ڦڙتائيءَ ۾، پهچ ۾ ۽ پد ۾ انسان کان اڪيچار جيو گوءِ کٽي ويندا هوندا، پر مانڪا ديهيءَ کي جو ورمليل آهي پيچ جو ۽ پاپ جو، پريم جو ۽ دويش جو، ٻنڌن جو ۽ مڪتيءَ جو، سو هن کي ديوي ديوتائن فرشتن ۽ ملائڪن کان گهڻو مٿي نيئي ايشور سان هڪ ٿو ڪري ڇڏي؛ يا ته ايشور جو نُور ٿو اُتس چمڪائي:

آدم ڪو خدا مت ڪهو آدم خدا نهين
ليڪن خدا ڪي نُور سي آدم جدا نهين

مسلمان مڃيندا آهن ته سندن نبي معراج جي سمي اُتي پهتو جتي نه جبرائيل نه عزازيل ڪڏهين پهتا. هونءَ به جو بار نه جبلن کنيو نه آسمانن، نه فرشتن نه حورن، سو جيتامٽڙي آدم جي ڪلهن جهليو. عيسائي ته سنئون سڌو چوندا آهن ته عيسيٰ خود ايشور جو پٽ هو ۽ فرشتن جو خاوند ۽ حاڪم، ۽ جنهن جي پيٽ مان پيدا ٿيو انهيءَ سان

بہ ٻئي ڪنھن جي پيٺ ڪرڻ بي ادبي سمجھندا آھن. مسلمانن لاءِ انسان اشرف المخلوقات آھي تہ عيسائين لاءِ انسان جو مھاندو خود ايشور تان ورتل آھي. ھندن جو نشچو آھي تہ مانڪا ديھيءَ جھڙي ٻي ڪانھي، نہ فقط انھيءَ ڪري جو چوراسي لک جوڻيون ڪاٽي پوءِ ٿي ھيءَ ديھي ملي، پر ڇاڪاڻ تہ انھيءَ ديھيءَ بنان سدگتي ڪانھي. جو پانئيين تہ پرمھنس وانگيان ايشور جو درشن ڪريان يا گوتم ٻڌ وانگيان نرواڻ پايان، تنھن کي اوس انسان جو چولو اختيار ڪرڻو پوندو. مانک ديھيءَ جي استول عمارت ۾ بيٺڪ ڪرڻ کان سواءِ اگھر کي نہ ٿو پسي سگھجي يا رسي سگھجي، پوءِ اڳلو ڪٿي اِندر لوڪ جي راجائي ڪمائيندڙ ھجي.

ظاھر آھي تہ مانک ديھيءَ جي اھا فضيلت، اھا خصلت، ٻانھن جي زور يا دماغ جي قوت ڪري نہ آھي. شاريرڪ ٻل توڙي عقل ۽ فھم ۾ ڪي جانور بہ انسان کي شھ ڏيئي ويندا، ديوتائن يا فرشتن جي تہ بات ئي اور آھي. پرمنشيہ جي دل ۾ ڪو اھڙو جادو سمايل آھي جو انھيءَ وسيلي ھو مڙني جيون جنتن کان گوءِ ڪٽي ٿو وڃي. پوءِ حيوان ھجن يا فرشتا. دل جو درد انسان جي ئي وصف آھي. دل جو ارپڻ يا دل جي شردا، نہ گونگو جانور ڪري ڄاڻي نہ آسماني فرشتو. ھڪ مشھور بينگالي ناول جي منڍ ۾ درشيہ چٽيل آھي سنسان جھنگل جو جتي ڪو گنڀير آواز ۾ پڇي رھيو آھي: ڇؤ، ڇا ڏيئي سگھندين؟ جواب اچي ٿو سڀ

ڪعبه ڏيئي سگهندس؛ پنهنجي حياتي به ڏيئي سگهندس.
وري سوال ٿو اُٿي: حياتي ڏيڻ به ڪا وڏي ڳالهه آهي؟
جواب: تڏهين ڇا ڪبو؟ تڏهين ٿو سوال پڇندڙ للڪا،
ڪري: پڳتي. منشيه جي هردي اندر جا شرڌا آهي، پڳتي
آهي، تنهن جو ذرڙو به ٻئي ڪنهن جيو ۽ جوڙ جي ڀاڱه ۾
نه آهي. جنهن ويل انساني جامو لاٿوسين تنهن ويل انهن
مڙني اُمنگن ۽ آسن کي خير باد چوڻو پوندوسين ۽ انهيءَ
سان گڏ مڪتيءَ ۽ نرواڻ کي به.

انسان جي ڪٿ لاءِ تنهن ڪري هڪ ئي ٿيپ يا قيمت
آهي، انسان جي دل؛ ۽ انسانن ۾ سريشٽ به اُهو ئي آهي
جو صاحبدل آهي.

دل بدست آور ڪ حج اڪبر ست
از هزاران ڪعبه يڪ دل بهتر ست
گر تو سنگ خاره و مرمر شوي
چون به صاحبدل رسي گوهر شوي

تنهن ۾ به ٽن قسمن جي انسانن جي دل جو ساهس يا
دل جو شان سورج ۽ چندرما، ستارن ۽ گرهن جي دنيائن
کان به مٿي ٿو گذر ڪري؛ ۽ نه ٽيڻين ڳالهين کي وجود ۾
آڻي ٿو سگهي:

ساڌ ستي اور سورما ان ڪي بات اگاڌ
ساڌو اُهو جو ايشور جي راهه بتائي:
ياد حق ڪرنا ڪراناهي فقط ساڌو ڪا ڪام
خلق ڪو راستا دکانا هي فقط ساڌو ڪا ڪام

ستي اُها جا رنگ ۾ رتل هجي:

جن کي چولي رتڙي پيارِي کنت تناکي پاس
ڏوڙ تناکي جي ملي کهہ نانک کي ارداس

سورمو اهو جو سنگرام ڪڏاهن نہ ڇڏي:

سور چلا سنگرام کو کبهون نہ ديوي پيٺ
آگي چل پاڇي ڦري تا کا منهن نهين ديٺ

تنهن ۾ مکيہ جزو آهي شرڌا جو، ست جو، پاڻ ارپڻ جو:

پتنگ چائين پاڻ کي تہ اچي آگ اُجهاءِ
پڇڻ گهڻا پڇائيا، تون پڇڻ کي پڇاءِ.

اسان سنڌين جي خوش قسمتي آهي جو ڀلي ڀنواري مردن ۾ سورمتا جي ڪمي آهي تہ ستين ۽ سنتن جي تہ هر هنڌ بهاري آهي؛ جڏهن سڀ بهادري ۽ ڀڪتيءَ جي برکت اچي نبل نارين ۽ ورڪت سادن سنتن ۾ پيئي هجي. سنڌوءَ جي سير ۾ ساڌٻيلي جي بنهہ ٻير ۾ ستين جي آستانن جا گنبذ سُورمين جا عاليشان يادگار آهن. ستيءَ جي ست دشت دلوراءِ جي نگري ناس ڪئي، ۽ ستين ئي سنڌي هندن کي سنڌ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. سنڌي ساهتيہ جو تہ دارو مدار ئي آهي سنڌي سورمين تي. شيڪسپيئر لاءِ ڪنهن چيو آهي تہ شيڪسپيئر جي ناٽڪن ۾ سورما ڪينهن پر سورميون آهن ئي آهن. اُنهيءَ چوڻيءَ ۾ وڌاءُ ٻيا وڌاءُ هجي، پر شاهہ جي بيتن جو مُول شاهہ جون سورميون آهن: سورٺ ۽ مارئي، سسئي ۽ سهڻي، مومل ۽ نوري......

سنڌ جي سرتاج شاعر جي بيت پڙهندي سنڌي سورمين تي عش عش ٿي ڪجي:

پَٽُ نہ پَرِهِيان سومِرا! جانڪِيتان جيان
آئون ڪِئن لوئِي لاهيان، ڪارَڻ پِنِ ڏيهان؟
جانسِين تي جِيئان، ڪانڌُ نہ ڪنديسِ ڪو ٻيو.

جي سٽي سيتا ڪي ڌرتي ڦاٽي جاءِ ڏني تہ سٽي سسئيءَ سان گهٽ وڌ ڪونہ ٿيو، جي سٽي دميتتي نيٺ پتار هٿ ڪيو تہ سٽي مارئيءَ جا بہ پورهيا پليءَ پيا، جي سٽي ساوتري يمراج تي جيت پاتي تہ سنڌي سٽيءَ جي پرارٿنا ڀونڪمپ نازل ڪيو.

اها ٿي ڪهاڻي سنڌي سٽين جي. پر سنڌي سنتن جي ڳالهہ ئي ڪهڙي ڪجي! سندن سڪ ۽ سوز، آلاپ ۽ ورلاپ، شرڌا ۽ نمرتا جا شاهد آهن سنڌ جو اوجل ساگر ۽ سنڌ جا ٿر ۽ بر جن جي ڪنڌن تي ۽ مٽيءَ واريءَ تي سنڌ جي ساڌن جوڳيءَ پڇايو ۽ رام ريجهايو. سنڌ جي ساڌن سنتن کي ڪيلاس ۽ مانسروور، بدريناٿ ۽ رشي ڪيش جي ياترا ۽ پيچ، گهر ويٺي نصيب ٿا ٿين. هنن کي ڪاشيءَ ۾ شاستر پڙهڻ پڙهائڻ جي ضرورت نہ ٿي پوي؛ هنن جي لاءِ هڪ اکر الف ئي بس آهي جنهن سان ايشور يا الله کي سڃاڻي ٿا وڃن. هو ڪتابي علم جو قدر نہ ٿا ڪن:

رتي علم نہ راس، پسڻ ڏاران پرينءَ جي.

هنن وٽ سيني علمن ۽ وديائن جو نچوڙ اچي ٿو گڏ ٿئي، ۽ سچ پڇو ته انهن مان عارف ۽ اوليا جي ڏگري هرڪو ٿو حاصل ڪري.

بي ڪتاب و بي حساب و بي اديب .
اوليا را حق ڪند علمي نصيب .

اُنهن ساڌن جي نرمل واڻي جنتا کي پاڻ ۾ جذب ڪري ٿي ڇڏي، ۽ ٿڪلن بر ٿيل پوسرندڙ نر نارين جي تتل هردن تي چندو ٿي وجهي:

نهين سيتل هي چندرما، هم نهين سيتل هوءِ
ڪبير سيتل سنت جن، نام سنيهي سوءِ
رڌ سڌ مانگون نهين، مانگون تم سي ايهه
نس دن درشن ساڌ ڪا، ڪهين ڪبير موهي ديهه

سنڌ جا ساڌو سنت، درويش ۽ صوفي، شاستر ارٿ يا گيان گوشٽ مان بلڪل اڻواقف آهن: هو سڌو وڃن سڌو ڏين، هنن کي غيب مان گنج ملن، هو وري اُهي گنج لوڪن کي ورهائي ڏين. هننڪي وهنواري سنڌين جي نه اٽڪل شڪل آهي، نه رکڻ ۽ سانڍڻ جو اونو آهي. جنهن مهل سنڌ جي ڀڳتن ۽ درويشن جي ٻين ملڪن جي يوگين ۽ گيانين، تپسوين ۽ مهاتمائن سان ڀيٽ ٿي ڪجي تنهن مهل از خود ياد ٿو پوي موسيٰ ۽ ريدار ڇوڪرو. جا لڳي موسيٰ جهڙو نبي ۽ پهتل شخص ۽ ڇا لڳي هڪ گينوار ڪودڪ. پر نيٺ اهو ڳوناڻو ڇوڪر موسيٰ کان ڪٿي ويو ۽ سندس سادي ڀڳتي موسيٰ جي گيان ڌيان کان وڌيڪ پاس پيئي. موسيٰ کي پاڻ دب نڪتي ته ٽون ڪم ڪارين

ٿو جو اهڙي مجذوب کي ٿو ڪافر سڏين، هي ته منهنجي جيءَ سان جڙيو پيو آهي:

تو براي وصل ڪردن آمدي
ني براي فصل ڪردن آمدي

اهڙا آهن سنڌ جا سنت ۽ درويش، سدائين ايشور جي جيءَ سان جڙيل. اُنهيءَ وصال ماڻيندي هنن لاءِ نڪي ڪو وڏو آهي، نڪو ڪوننڍو آهي؛ نڪو ڪو خراب آهي، نڪو چڱو آهي، نڪو ڪو هندو آهي نڪو ڪو مسلمان آهي، هنن لاءِ همه اوست؛ هڪ ئي هڪ آهي:

ڇيڻيءَ ۽ ڪنچڙم سم ڏسن پيڳوان.

هي ساڌو سچا سورما آهن، ڇاڪاڻ هننکي ٻپ ٻاءِ جي سڌ ڪانهي. جن کي ڪا ترشنا نه رهي، منيو من مان ڇاهه، تن کي ڪهڙو ڀؤ ڀولو؟

هنن سورمن کي سومان ۽ نه-سومان جي پڇاڻ نه آهي ڇاڪاڻ هننکي پنهنجو جدا وجود ئي ڪونه رهيو جنهن جي مان اپمان جو اونو ٿئين. جو گاريون ڏئي ۽ جو پرڻام ڪري هنن لاءِ ٻئي هڪ آهن؛ ڇاڪاڻ ٻئي برهم جا روپ آهن:

ڪوئي آوي ڀاولي، ڪوئي آوي اڀاو
ساڌ دونو ڪو پوڄتي ڀاو نه گنين اڀاو

سنڌ جا ساڌو لڪل لعل ٿي رهڻ پسند ٿا ڪن ۽ جي پڇين ته ڪنهن کي ٻه سڌ نه ڏين ته ڪهڙي ڪمائي ويٺا ڪن:

نيهن نهائينءَ ڪان سک منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن ٻاهر ٻاڦ نه نڪري

پر نڙيل گل جي هيڪار ڪي ڪير بندش وجهي سگهندو
ته ماڻهن جي مغزن کي معطر نه ڪر؟ اُچل ڏيندڙ چشمي کي
ڪهڙو بوچ اچي سگهندو؟ اُنهن گلن تي سوين هزارين پنور
ٿا گڏ ٿين، انهن چشمن مان پياس مٽائڻ لاءِ الائي ڪيترا
مرد ۽ عورتون، بلڪ ڍڳا ۽ ڍور ٿا ڪنا ٿين؟ پنورن ۽
جيتن، ماڻهن ۽ مرن، جي پيٽ ڪري اهي گل اڻ منداڻدا
ڪومائجي ٿا وڃن، چشمن تي پٿر پئجي ٿا وڃن. پر ساڌو
ڪڏهين ڪين گسائيندو، يا ڪنهن کي "نه" نه ڪندو، پوءِ
پلي ته سندس ديهي اچي ڌهڻ تي پوي:

هي هڏو ۽ چم پڪ پريان جي نه پڙي؛

هي ساڌو اينتري قدر ته پيچ گهڙ، نفعي نقصان، چڱائي
لڳائي کان غافل آهن، يار جي تنوار ۾ ۽ يار جي بندن جي
تيمار ۾، جو هننکي حياتي ۽ موت جي پرواهه يا يادگيري
نه ٿي رهي. هي اُهي پاڳل آهن جن کي جي خونخوار
درندو وات کولي ڳرڪائڻ لاءِ اچي ته هو هسي هسي انهيءَ ۾
لنگهي ويندا ته هي دوار کليو "دوارڪانات" کي رسڻ لاءِ!
جي جيئري مئا سي مري ٿيا نه مات. شهيد سي ڪنهن
هنڌ ٿيا آهن ۽ انهن شهيدن جي ڪري ئي انسان ذات اوج
تي رسيل آهي - سقراط ۽ يسوع، منصور ۽ جون، ڪربلا جا
شهيد ۽ گرو گوبند سنگ جا شهيد پتر، ديانند سرسوتي ۽
گانڌي...... اهي ڪڏهي وڃو ته اتهاس پسو رهجي وڃي ۽
ڌرم ڪنجسو. پر سنڌ جا ساڌو ۽ درويش جن کي گهٽا
سڃاڻن به ڪونه، مات ميٽ ۾ شهادت جو جام ٿا پيئن

۽ جي ٽي سگهين ته ڪنهن کي سڌ نه ڏين ته ڪيئن آيا ڪيئن ويا. انهن شهيدن جي سنڪيا گهڻنجڻ جي نه آهي:

ملڪ مڙيئي منصور ڪهي ڪهندين ڪيترا؟

عام سنڌين ۾ مشهوري جو مرض نهايت ڦهليل آهي ليڪن اُنهن جي بلڪل ابتڙ سنڌي سنتن ۾ پاڻ لڪايو آهي ۽ زهر کي امرت ڪري چکيو آهي. پر خون خستوري گهڻو وقت لڪي سگهندا؟ انهن سنتن جي عشق جو اظهار، ۽ شهيدي جو شعاع، ڪاراڻ ۾ بجلي وانگي چلڪو ٿا ڪين ۽ هڪ دنيا کي بي جو تجلو ٿا پسائين. اسان سنڌين جي خوش نصيبي چئبي جو ڪاري رات ۾ در در پٽڪندي ۽ ٿاٻا کائيندي امر شهيد سنت ڪنور رام ٻارن جي کهاڻي جو شعاع رکي رکي اسان کي سنئون دڳ بتائي رهيو آهي ۽ اُنهن پيڻن جي واڻي جو پرلاءِ ڪنن تي پئي هردي کي پنل ۽ سيتل بنائي رهيو آهي.

١٠. آبشارن جو سرتاج

منگھارام ملڪاڻي

Buffalo شهر ۾ سنڌي ميزبانڻ

اُها رات ۽ ٻيو اڌ ڏينهن ٦٥٠ ميل اُتر طرف مسافري ڪري اسانجي بس بفلو ۾ بيٺي. ڏسان ته هيءَ چڱو چوڪو هنري شهر آهي جنهنجي ڪارخانن ۽ گرنين جي ٻُخارن (chimneys) مان ڪاري دونهي جا بادل نڪري شهر تي ڇانيل آهن؛ پر پهاڙ ته ڪي ڏسڻ ۾ ئي نٿا اچن جنتان پاڻي هيٺ ڪري نائگرا جهڙو شاهي آبشار بڻجي پوي! ميدان ملڪ لڳو پيو آهي تنهن ۾ ڪهڙي قسم جو آبشار هوندو؟ شهر مان ڏوڪيندا وڃون ته مٿان مينهن شروع ٿي ويو، ۽ ٽرمينل تي بس بيٺي ته وڏڦڙي برسات پئجي رهي هئي ۽ چوڌاري انڌڪار ڇانئجي ويو هو. تنهن جي سوٽ سان اڳي ڪونه گڏيو هوس، پر ولائتن ۾ هندستاني ساڙهي سڃاڻڻ سولي آهي ته بند ڪالر وارو ڪوٽ به ڳجهو رهڻ وارو ڪونهي. سو وڌي وڃي هڪ ٻئي کي ڪيڪاريوسون؛ اسٽال تي چانهه پيتيسون، ۽ پوءِ مينهن وسندي پنهنجي سهڻي گهر (apartment) ۾ وٺي آئي. چيومانس: مونکي ته نائگرافالس ڏسي اڄ رات ئي نيويارڪ روانو ٿيڻو آهي. جواب ڏنائين: مؤسم توهان جي برخلاف آهي ۽ منهنجي فائدي ۾. پيڻ جو سُهرو مون وٽ مهمان ٿي اچي ۽ هڪڙي رات به نه

ٿڪي! ڏسو، برسات ته مورڳو وڌندي پيئي وڃي، سو انهي انڌڪار ۾ ڪيئن آبشار ڏسڻ ۾ ايندا؟ جي شام تائين بند نه ٿي ته سڀاڻي ڪو ڏينهن به هتي رهڻو پوندو. چيم: ائين ڪيئن ٿيندو؟ پوءِ ته نيويارڪ مان منهنجو جهاز ئي ڇٽي ويندو. چيائين: جهاز ته ٻيءَ ڪنهن ۾ به وڃي سگهندا، پر نائگرافالس وري ڪڏهن ڏسندا؟ اُتي مونکي پريشان ٿيندو ڏسي آٿت ڏنائين: پر توهين ڳڻتي نه ڪريو؛ مون پنهنجي اسپتال جي وڏي ڊاڪٽر سان موٽر جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. سانجهن تائين مينهن گهٽ ٿي ويندو ۽ توهين منهن اونداهيءَ جو، پاڻ بجليءَ جي روشنيءَ ۾ فالس جو ديدار ڪندا؛ صبح واريءَ بس ۾ هليا وڃجو. هاڻي توهين هٿ منهن ڌوئي تازا توانا ٿيو، تيستائين مان ڊنر تيار ڪري وٺان ته سويل ئي کائي هلون.

هٿ منهن ڌوئي، ڪوچ تي ويهي چيم: تازي اخبار ٿو پڙهان، پر کيسي ۾ هٿ وجهان ته عينڪ نهيئي ڪانه! چيم: هيءَ وري ٻي مصيبت! بفلو تي شايد ڪو گرهه پيل آهي. مسافريءَ واري hand-bag هيٺ مٿي ڪيم پر پتو ندارد. ميزبانڻ ساڙهيءَ مٿان آڳو (apron) اٽڪائي کانو پي گرم ڪيو، تنهنڪي دانهن ڏنيم: بس ۾ ڪتاب پڙهندي شايد عينڪ وساري آيو آهيان. هاڻي ته مان انڌي سمان آهيان، اکر به پڙهي نٿو سگهان. چيائين: مان اِجهو کانو ختم ڪري ٽرمينل کي فون ٿي ڪريان، وڃايل شيون اڪثر ڪري لڀي پونديون آهن. اڳو پوءِ صبح واريءَ بس ۾ توهان لاءِ جڳهه به رزرو ڪرائي ٿي ڇڏيان. پڙهڻ ڳڙهڻ جو مددگار

وڃائي مان منجهيو موڙهو پيو هوس، ته فون ڪري ٻڌايائين:
چون ٿا ته هتي ته عينڪ ڪانه لڌي، باقي Boston ۾
ٽيليفون ڪيو اٿئون ته اها بس اُتي پهچي ته ڳولا ڪن.
نااميديءَ مان چيم: مان هليو ويندس نيويارڪ، پوءِ ليندي
ته ڇا ٿيندو؟ چيائين: مان توهانجي نُنهن کي شڪاگو ۾
اُها موڪلي ڇڏيندس. جواب ڏنم: سا مون مسافر کي ڪٿي
۽ ڪڏهن پهچندي ۽ ڪهڙي ڪم ايندي؟ نيويارڪ ۾
ضرور نئين وٺي پونديم. اُتي هڪ مدراسي ڊاڪٽر آيو جو
ساڳي اسپتال ۾ ڪم ڪندو هو ۽ پر واري ڪمري ۾ رهندو
هو. رڄ جوان هو ۽ منهنجي نهايت عزت ڪرڻ لڳو.
پنهنجي ڪوٺيءَ مان وائين جي ٻاٽلي کڻي آيو ۽ چيائين:
جهڙ سيءَ ۾ ٻاهر نڪرڻو اٿوَ، ڪجهه وزن پي گرماش ڪريو.
پوءِ ميزبانڻ سنو سوادي کانو پليٽن ۾ پائي کارايو، ته مٿان
وڏو آمريڪي ڊاڪٽر به مٿي چڙهي آيو ۽ مون سان ڏاڍي
ڪيڪار ڪيائين. دريءَ کان ٻاهر ڏٺوسون ته برسات به بند
ٿي ويئي هئي، سو ڊاڪٽر موٽر ۾ چاڙهي نائگرا فالس
ڏيکارڻ هليو.

نائگرا آبشار

بفلو کان ٽيهه پنجٽيهه ميل اُتر طرف هلياسون ته ٽڙندڙ
پکڙندڙ خاڪي رنگ وارن بادلن مان اولهه ۾ سج ليئا ڪڍا
پائي رهيو هو. Silver Creek نالي هڪ سهڻي ننڍڙي شهر
مان لنگهياسون جنهن ۾ ڪيتريون وڏيون هوٽلون ٺهيل
هيون، جو ته نائگرافالس جا ڪيترا سئلاني سڀ و هن ڳوٺ ۾
اچي ڪي ڏينهن ڪاٽيندا آهن. هاڻي آبشارن جي گجڪار

ڪنن تي پيئي ۽ وڻندي ويئي، پر منهنجي تصور موجب، ڪو پهاڙن تان ڪرندڙ پاڻيءَ جو جهرڻو ڏسڻ ۾ ئي نہ پيو اچي. ڪڪيءَ کان پڇيم: هن توهانجي آبشار جو فقط آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ڇا؟ چيائين: ٿورو صبر ڪريو، اجهو اکين سان بہ ڏسندا. اُتي هڪ ٽانگهيءَ پر تيز وهندڙ ۽ ويڪريءَ نهر مٿان پل تان لنگهياسون، جا ڇپن تان ڇوليون کائيندي گڙگڙ ڪندي پي ويئي. وڏي ڊاڪٽر چيو: اها اتي Ontario ٻنڍ مان نڪتل ندي، جا ٿورو هيٺيرو هڪ شاهي ڪڏ ۾ وڃي ڪرندي ۽ نائگرافالس ٺهي پوندو. تڏهن سمجهيم تہ مان رڳو پهاڙن تان پاڻيءَ جو چشمو ڪري آبشار نہ بنائيندو آهي، پر ميدانن تان نهر وهي ڪنهن ڪڏ ۾ وڃي ڪري تہ بہ آبشار بڻجي سگهي ٿو. هاڻي گهرگهراهٽ وڌڻ سان گڏ پاڻيءَ جي ڇڻڪار بہ شروع ٿي ويئي، ۽ سگهوئي موٽر بيهارڻ جي هنڌ لٿاسون. اُتي نائگرافالس جي سر زمين تي هڪ عاليشان هوٽل اڏيل هئي، جتي ڪڪي ٻڌايو هوم تہ شڪاگو ۾ شاديءَ ڪرڻ کانپوءِ honey-moon ڪرڻ آيا هئاسون.

بس، پوءِ تہ جيڪي ڏٺم سو اکرن دواران ظاهر ڪرڻ عبث آهي. آبشار جي بنهہ پيرَ ۾، ڪڏ جي بنهہ مٿان، ڪنهڙي ٽي وڃي بيٺاسون، تہ سچي جي سچي ويڪري ندي، گجگوڙ ۽ گجيون ڪندي، ڪڏ جي ڪناري تان اُٿلو کائي، اوڙاهہ ۾ ٽپو ڏيئي رهي هئي! ۽ هيٺان هيڏي پاڻيءَ جي مقدار ڪرڻ جا ڌڌڪا اهڙا پئي آيا جڻ سوين توبون هڪ پئي پٺيان فاير ڪري رهيون هيون — اينري قدر جو هڪ ٻئي کي

ٻڌي نہ پيا سگهون. وري ڪرندڙ پاڻيءَ جي ڇنڊڪار جا مٿي چڙهي ٿي آئي، سا اهڙي هئي جهڙو اُنهن توبن جو پاڻيانو دونهون، جنهن عينڪ وارن کي تہ بنهہ انڌو ڪري ڇڏيو- ويچارا هر هر لاهي پيا شيشا اُگهن، تان جو رومال ئي آلا ٿي پين. ڪنهڙي جي ٻيءَ هيٺاهينءَ ڪنڌ تي وياسون تہ اُتي بہ هڪ ٻي نديءَ، ساڳيءَ شاهي ڪڏ ۾ اُٿلي ٻيو آبشار بنايو هو جنهن مان بہ پاڻيءَ جو ٻخار مٿي چڙهي پي آيو. ڪڪيءَ ٻڌايو: انهيءَ کي چوندا آهن Horse-shoe Falls، ڇو تہ اُهو گهوڙي جي نعل وانگر گول آهي. پريان هڪ ٽيئنءَ ڪرندڙ نهر مان ٿيون ننڍيل آبشار ڏسجي رهيو هو، جنهن ۾ هڪ دلپذير نظارو پسڻ ۾ آيو: هڪ صاف ستن رنگن واريءَ اِندلٺ جي اڌ ڪمان، آبشار آڏو ٽنگي پيئي هئي ۽ اسد ٿيندڙ سورج جي ڪرڻن ۾ چمڪي رهي هئي! ننڍي ڊاڪٽر چيو: انهيءَ کي Rainbow Falls چوندا آهن، ڇو جو اتي سج بيٺي سڄو ڏينهن ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ اِندلٺ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. پر اهو آبشار ڪئنيڊا ملڪ ۾ آهي؛ ۽ هيءَ اوڙاهہ، جو ٽن آبشارن پورو ڪري هڪ شاهي ندي بڻجي وڃيو سمنڊ ۾ پوي، سو آمريڪا ۽ ڪئنيڊا جي وچ ۾ حد-نشان آهي. نديءَ جي آرپار هوڏانهن ٽنيئي بنا پُل ڏسو ٿا؟ اُها ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڳنڍ آهي.

ڪڪيءَ چيو: شام جو نظارو تہ ڏٺوَ؛ هاڻي اچو تہ توهان کي ڪافي پياري نائگرافالس جو رات جو نظارو ڏيکاريون. شڪر ڪريو جو برسات پئجي ويئي، نہ تہ فقط ڏينهن جو ڏسي هليا وڃو ها، تہ رات جو مزو ڪيئن وٺو ها؟

ريسٽارنٽ مان نڪتاسون ته شفق مان ڦري انڌڪار ٿي ويو هو، ۽ آبشار جي ٻئي پاسي ڦري وڃون، ته لکھا ٻجلين جو دھو آڪاش ۾ پيو پوي. آبشار جي ڪنڌي واري ڪنھڙي تي وڃي هيٺ نھاري ڏسون ته ٻنھي پاسن کان اُڇليل ٻجليءَ ۾ چمڪندڙ پاڻيءَ جون ڌارائون، ور وڪڙ ڪنديون، موتين ماڻڪن مثل ڦينگون ڦھلائينديون، پاتال ۾ پيون ڪرن؛ اتان ڪوھيڙي جا ڪڪر ٻاڦ وانگر مٿي چڙھندا، پکڙندا، پيا ڀڪن! پوءِ ته اوچتو آبشار رنگ بدلائڻ لڳو: ڳاڙهو، سائو، سوسنو، واڱڻائي، پيلو؛ ڪنھن مھل ته ست ئي رنگ گڏ—مطلب ته پرستان ٿي پيو؛ سرڳ پري وري ٻي ڪھڙي هوندي! ڪڪيءَ چيو: اهي رنگين روشنايون، نديءَ جي پرينءَ پر ڪئنڊا جي پاسي کان ٿا اُڇلين، ۽ نائگرافالس ڏسڻ جو سچو پچو مزو اُتان ئي آهي. توهان وٽ ڪئنڊا جو پاسپورٽ آهي، ته سرحدي پل اڪري توهانکي اُتان هلي ڏيکاريون؟ جواب ڏنم: نڪو، ڪئنڊا ملڪ ته مون پاسپورٽ ۾ وجھايو ئي ڪونه. وڏي ڊاڪٽر چيو: ڀلا اچو ته Maid of the Mist ۾ چڙهي اهو نظارو توهانکي ڏيکاري اچون. تعجب ۾ پڇيم: اِها وري ڪھڙي ڪماري ٿيندي آهي؟ ڪڪيءَ سمجھايو: اهو سئلاني آگبوٽ جو نالو آهي جنھن ۾ چڙهي هيٺينءَ نديءَ جو چڪر ڏبو آهي ۽ سچي آبشار جو مڪمل نظارو وچ سير مان ملندو آهي. چيم: توهانجي ڏاڍي مھرباني. پر ٻيلي، آءٌ ٿڪو چوُر ٿيو پيو آهيان، انھيءَ ۾ ته اڌ رات لڳي ويندي. صبح جو سويل اٿي وري سفر ڪرڻو اٿم. جيڪي

ڏنو اٿم سو ئي مون لاءِ حيرت پزير گنج آهي! هاڻي هلو ته گهر موٽي ڪو آرام ڪريون.

ڪڪيءَ جي گهر اچي، ننڍي ڊاڪٽر منهنجو بسترو پنهنجي ڪمري ۾ پنهنجي پلنگ تي وڇايو ۽ پاڻ پٽ تي غاليچي تي سمهي پيو. گهڙو ئي چيومانس: توهين ته مونکي مهربانيءَ سان ٿا ماريو؛ پر نماڻائيءَ سان اُتر ڏنائين: پريا ڇهه سال مان پنهنجي پتا کي ڪونه گڏيو آهيان، سو توهان سان هي ٿورو وقت گذاري اِئين پيو ڀانيان ته منهنجو پتا هندستان مان مون سان ملڻ آيو آهي! پربات جو اُٿي ڪڪيءَ نيرڻ ناهي ڪارائي، ۽ فون تي ٽئڪسي گهرائي ٻئي ڄڻا نيويارڪ واريءَ بس تي اُماڻڻ آيا. وجايل شين جي آفيس مان ڪڪيءَ پڇا ڪئي پر عينڪ جو اجا پتو ڪونه پيو هو. موڪلاڻيءَ مهل مشڪي چيومان: رڳيون مهربانيون مڃانءِ يا مبارڪون به ڏيانءِ؟ ڪڪيءَ ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ ڊاڪٽر شرمائجي وراڻيو: تڏهن توهين سمجهي ويا! برابر اسان مڱڻو ڪيو آهي، سال کن ۾ هندستان موٽي شادي ڪنداسون. توهين پتا سمان آهيو، آسيس ڪجو.

١١. اِنسان

ليکراج عزيز

قدرت جي ڪارخاني ۾ اِنسان جي پيدائش نہ فقط سڀني کان علحدي آهي پر شرفدار بہ. اگرچہ اِنسان جي ظاهري بناوت ۽ طاقت جو مدار فقط ٻن اکين، ٻن ٻانهن ۽ ٻن ٽنگن تي آهي، پر قدرت هن کي اُهي باطني ۽ مخفي طاقتون ڏنيون آهن، جن جو مثال ڪائنات جي ٻي ڪنهن بہ شيءِ ۾ ڪونہ ملي سگهندو ۽ اُهي آهن فهم ۽ فراست. هُو اِنهن ٻنهي طاقتن جي وسيلي سڀ تي قادر آهي.

پاڻيءَ، مٽيءَ ۽ ٻين عناصرن جي ميلاپ مان ٺهيل هن جنس کي اِنهيءَ شرف ڪري سڀني مخلوقات جي صف ۾ نمايان ۽ بلند جڳهہ مليل آهي. هن جي علم کان آسمان جي گردش، سج جو دورو، چنڊ جو ڪمال ۽ زوال ۽ تارن جو حساب، مطلب تہ نظام فلڪيءَ جو سڄو چرخو لڪي نہ سگهيو آهي. ڪڪرن جي رفتار ۽ برسات جي اندازي جو بہ هن کي پورو پورو علم آهي. عميق سمنڊن جي تہ کي ۽ عالم آبيءَ جي قسمن کي اِنسان جهڙو ٻيءَ ڪنهن بہ نہ سمجهيو آهي. درياهن جو وهڪرو هن جي وس کان ٻاهر نڪري نہ ٿو وڃي ۽ جبلن جا گرم ۽ سرد ٽڪر، توڙي اُنهن جا مخفي خزانا، سڀيئي اِنسان جي قبضي ۾ آهن. هُو هوائن کي پنهن جي ڪم آڻي سگهي ٿو ۽ پاڻيءَ وغيره مان

بجلي پيدا ڪري اُن جي تاثير کان معمولي توڙي ڳرا ڪم
وٺي سگهي ٿو. ڏاڍن کان ڏاڍا جانور ۽ انسان ذات جي
جان جا دشمن جهڙوڪ شينهن، چيتا، بگهڙ، مڇ ۽ زهري
نانگ هن جي هيبت کان ڏڪي وڃن ٿا ۽ سندس عقل
۽ ڪيڏ جي اڳيان بازيگر جي باندر وانگر نچن ٿا يا گهرو
پاليل ڪتي جيان پيچ لٽڪائي بيهن ٿا.

انسان هوا تي هوائي جهازن، زمين تي ريل گاڏين ۽
موٽرن، پاڻيءَ تي آگبوٽن ۽ زيرآبين رستي قبضي ڪرڻ ۾
ڪيتري قدر نه ڪامياب ٿيو آهي! سندس وڪ روز وڌندڙ
آهي. هيتريءَ ساريءَ ڪماليت جو صاحب هوندي به
انسان اهڙو ته سياءُ وهيڻو آهي، جو ڪڏهن به هڪ حال
تي مستقر نه ٿو رهي. ڪڏهن سياڻن ۾ سياڻو پيو لڳندو
ته ڪڏهن مورکن ۾ مورک؛ ڪڏهن پاڻ کي شاهه پيو
سمجهندو ته ڪڏهن گدا؛ ڪڏهن ٽڪر مانيءَ تي راضي
ته ڪڏهن سڄيءَ دنيا جي حڪومت ملڻ تي به بي صبر.
هن جو غضب پنهنجن پرارن جو خون هاري ٿو ۽ سندس
رحم ڪيس هيڻن ۽ بيواهن جي خدمت ڪرڻ ۽ ڀرگهور لهڻ
لاءِ بي چين ڪريو ڇڏي. ڪڏهن ٿوري ڏک کان روئي
وجهي ٿو ته ڪڏهن وڏين وڏين مصيبتن کي مرڪي منهن
ڏئي ٿو. هن جي چترائي پهلوانن کي نوايو ڇڏي ۽ سندس
کهرو ڳالهاءُ لڙاين جا ٻارڻ ٻاريو، شهرن جا شهر چٽ ڪريو
ڇڏي. ڪڏهن پرائيءَ لائيءَ چائيءَ ۾ مشغول هوندو ته
ڪڏهن ساراهه ۾؛ ڪڏهن پاڻ کي پاءُ پيو سمجهندو ته
ڪڏهن سير. نه هن کي عقل آڏو ڪڪر منجهائي ٿو ۽ نه

سونهن سڪائي ٿي. مطلب ته پل پل جا پور نرالا اٿس. هو پنهن جي خياليءَ طاقت سان لحظي ۾ دنيا جي چئن ئي ڪندن جو سير ڪري ايندو؛ ته ڪڏهن مونن ۾ منهن پائي هڪڙيءَ ڳاراٽي ۾ پيو ڳرندو. جي ڪنهن ڪم ۾ سوپارو ٿيو ته پاڻ کان ڪري پائيندو ۽ جي ناڪامياب ٿيو ته سمورو بار تقدير جي ڪلهن تي اُڇلي وجهندو ۽ پاڻ پرچائڻ لاءِ چوندو ته مون گهڻيئي وس ڪيا، پر پاڻي ڪونه پرايم. اها خبر ئي ڪانه پونديس ته سندس اختيار ڪيل طريقا اڻپورا هئا جنهن ڪري فتحمند نه ٿيو.

انسان جي پوراليءَ طبيعت جا رنگ روپ بيشمار آهن. قارون جي خزانن هوندي به قناعت ڪانه ايندي‌س. هميشه وڏيڪ لالچ ۾ منهن پيو وجهندو. اها ڄاڻ به اٿس ته (حياتي کنبي جو چنڪو آهي) ۽ دنيا جو مال متاع سڀ اتيئي پيو هوندو، سات نه هلندو ۽ (هيتريءَ ساريءَ طاقت جوڳهمند هوندي به لڳو واءُ ته ويو ساهه) پر تڏهن به رهندو ڪونه. مال کان سواءِ اولاد ۽ دنيوي تعلقات ڪيس ايتري قدر قيد ڪري رکن ٿا، جو اُنهن جي خوشيءَ ۾ پنهن جي خوشي ۽ غم ۾ پنهن جو غم پسي ٿو. هو هميشه هڪ نه ٻيءَ شيءِ پٺيان ڊوڙندو رهي ٿو. هڪڙي هٿ آيس ته ٿوريئي وقت ۾ اُن کان ڪٿو ٿي، ٻيءَ جي طلب ۾ توائي ٿيندو، ڇاڪاڻ جو هو اصل کي ڇڏي فرع کي يا سچ کي ڇڏي اُن جي پاڇي کي چنبڙي ٿو. خود غرضيءَ ۽ خود پسنديءَ ڪري هو جنگيون جهيڙا ڪندو رهي ٿو ۽ پنهن جي چاهه کي

ايتري قدر چاهي ٿو، جو پنهن جي وضع قطع ۽ لباس کي دنيا ۾ سڀني کان سٺو ۽ اعليٰ ڪري ليکي ٿو.

ٻولي به سڀني کان شيرين، فصيح ۽ معنيٰ دار اُها آهي جا پاڻ ڳالهائي ٿو؛ پوءِ کڻي ٻين زبانن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا علم ۽ حڪمتون هجن، ته به پنهن جيءَ مٽ نه ڪندن. هُو وطن، قوم ۽ دوست به اُهيئي عمدا ۽ سهڻا شمار ڪري ٿو، جتي ڄائو ۽ نپنو آهي، جنهن جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ جن ۾ اُٿيو ويٺو آهي. مطلب ته هر شيءِ جنهن ۾ هن جي مذاق جون خوبيون آهن يا جنهن مان هن جي ڪنهن خوبيءَ جي بوءِ اچي ٿي اُها خوب آهي ۽ جي منجهس اُهي موجود نه آهن ته بري، جنهن ڪري هُو اُهي خوبيون ٻين ۾ پيدا ڪرڻ چاهي ٿو ۽ اُتن زوريءَ مڙهڻ کان به نه ٿو گسي. البته جڏهن پاڻ ٻي ٻولي سکي ٿو يا ڌارين جي وضع قطع ۽ لباس جي عادت ڪري ٿو ته پوءِ اُنهن ۾ هن لاءِ هڪ قسم جو لطف پيدا ٿيو پوي؛ نه فقط ايترو، پر ڪن حالتن ۾ ته سندس اهڙي غلاماڻي ذهنيت ٿيو پوي، جو اُنهن جي مٽ پنهن جي زبان ۽ رسمون به نه سمجهندو.

ڌرم کان پياري ٻي ڪا به شيءِ ڪانهي پر جڏهن هُو پنهن جو ڌرم مڃائيندو، تڏهن اُن تي حملن ڪرڻ کان به عار ڪونه ٿيندس. (هُو جيري لاءِ ٻکري کهي وجهندو.) اِنهيءَ خود پسنديءَ ۽ خود غرضيءَ ڪري دنيا ۾ جنگيون هليون اچن ۽ بي امني گهر ڪري ويٺي آهي. تيسين دنيا مان اِن فتني ۽ فساد جي پاڙ پٽجي نه ٿيندي جيسين

خود پسنديءَ ۽ خود غرضيءَ جي مرض کي ڏٽي نه ڪڍيو
ويو آهي؛ نه ته ته دنيا ۾ صلح جون سڀ حڪمتون بيڪار
آهن؛ نه خون خرابيون بند ٿيون آهن ۽ نه ٿينديون.
جيتوڻيڪ سڀيئي مذهبي اڳوان هڪڙوئي وحدانيت جو
سر آلاپي ويا، پراتري پاو ۽ سٺيءَ سيرت لاءِ تاڪيد
ڪيائون، ته به خود پسند ۽ خود غرض اِنسان ڇا ڇا نه
ڪري چڪو آهي! هو سچي عمر خود پسنديءَ ۽ خود غرضيءَ
جي بيابان جي رڃ پٺيان پيو ڊوڙي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين
پياسي رهجيو وڃي، ڇو جو غرض جي حد ڪانهي ۽ حياتي
ناپائدار آهي. پر اِهو ساڳيو اِنسان جڏهن من ماري ايتري
قدر مهين ڪري ٿو جو سڀني ۾ به هن کي ڦُرڻو نه ٿو جاڳي،
تڏهن زمانو ڪيترا به ويس بدلائي، آسمان روز سَو رنگ
ڏيکاري، ته به هن تي ڪو اثر نه ٿو ٿئي. کهڙي به خوشي
هن کي خوش نه ٿي ڪري ۽ کهڙو به رنج هن کي نه ٿو
رنجائي. هو دنيا ۾ ڪنول گل وانگر گذاري ٿو ۽ هميشه هڪ
اهڙي رس منڊل ۾ رهي ٿو، جتي بهار ئي بهار لڳي پيئي
آهي. هو جيڪي به ڏسي ٿو، سو باطني اک سان ۽ نه
ظاهريءَ سان؛ جنهن ڪري هن کي ڏٺي ۾ اُهو اڻ ڏٺو پاڻ
پسائي ٿو، جو ئي سچ آهي. اِنهيءَ سچيءَ هستيءَ کي
سڃاڻي پاڻ کي هڏ ماس جو پڃرو نه ٿو سمجهي ۽ اِهو
هوڪو هر هنڌ ڏئي ٿو ته پنهن جو اصل نڌان سڃاڻو؛ هيءَ
دنيا ڪوڙي آهي؛ وڻ جي ڇايا تي اعتبار ڪونهي ۽
ڪيتري به ڏوئڻ سان هيءَ ڪچيءَ مٽيءَ جو پتلو صفا

کين ڏيندو، اندر جهاتي پائي ڏسو ته ڪير آهي جو ٻولي ٿو، ڪير آهي جنهن جو رڳ رڳ ۾ سير آهي، ڪير آهي جنهن جي نڪري وڃڻ سان اِنسان جي سموري مٽيا مارجيو وڃي ۽ هُو مردو ٿيو پوي؟ البته اِنهيءَ ڪير کي ڏسڻ جو دستور ڪونهي ۽ ورلو ڪو ايڏانهن توجه ڏئي ٿو، پر هيڪر جنهن جو توجه ڪِپي ٿو، سو رفته رفته اُن کي پسي ٿو ۽ بي اِختيار ٿِي چوي ٿو:

ٿي ڪشف هن تي راز اگر هست و بود جو
بندو ٿئي خود آدمي پنهن جي وجود جو.

اِنهيءَ سچ چوڻ ڪري پوءِ هن کي ڪيترا به عذاب ملن ته اُهي خوش ٿِي سهي ٿو ۽ رضا تي راضي ٿِي، تلوار جي ڌار ۽ باهه جي پنيت جي وچ ۾ اهڙوئي اڏول رهي ٿو جهڙو پٽ هندورن ۽ حورن جي هنج ۾. مٽيءَ ۽ سون هن لاءِ هڪ سمان ٿيو پون. ڪوسي ٿڌي هن ۾ ترجو تفاوت نه ٿِي آڻي. هُو هميشه سرو جيان سائو ۽ سڌو رهي ٿو. سندس منهن تي ڏک سک ۾ اُها مرڪ پيئي لهرائيندي، جا معصوم ٻالڪن جي چپن تي نظر ايندي آهي. هن جي روحاني طاقت ٻن چپن جي چورڻ سان خاڪ جي چپٽيءَ کي اڪسير ڪريو ڇڏي ۽ هن جي هڪ ٿي نظر سان هئل دليون جيئريون ٿيو پون. عالم غيب جا پاڪ رهاڪو اهڙي اِنسان جي نوراني نگاهه مان برڪت وٺڻ جا خواهشمند رهن ٿا، هن جي قلبي ڪشادگيءَ ۾ ساري خدائي اچي وڃي ٿي ۽ سندس آندروني جلوو عالم علويءَ جي اوجن تي چند وانگر چمڪي ٿو. نفس جنهن کي اسين رهزن

سمجهون ٿا تنهن کي هوُ رهبر ڪري ڄاڻي ٿو ۽ چوي ٿو ته اِهو نفس نه هجي ها ته اسين ملائڪن کان مٿي نه ڳڻيا وڃون ها، ڇاڪاڻ جو اِهائي آزمائش آهي جنهن مان پار پئي، اِنسان "پاڻ سڃاڻڻ-پرڀو سڃاڻڻ" واري ڳجهارت پروڙي ٿو ۽ سچ پچ ته اهڙو اِنسان ئي اِنسان آهي، پر هِن ۽ هُن تصوير ۾ ڪيڏو نه فرق!

١٢. سنڌي شاعرن جي حسن پرستي

ڪلياڻ آڏواڻي

"حسن دا سجدا، فرض اسانني" - (بيدل).

مشرقي شعر ۾ حسن پرستيءَ جو گهڻو اِظهار آهي. سنڌي شاعر بہ حسن پرستيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سندن ڪلام، حسن مجازي توڙي حقيقيءَ جي اُستتي ۽ پوڄا آهي؛ مجازُ ڪي هنن حقيقت جو عڪس ڪري ورتو آهي. مجازي روپ ۾ حقيقي "آروُپ" جو جلوو ڏٺو اٿن-

حقيقت مجاز، ايڪائيءِ ۾ ايڪ ٿيا- (بيدل)

سنڌي شاعرن، قدرت جي جمال کي "دوست جو درپن" سڏيو آهي؛ بلڪ هرهڪ وسنوءَ کي محبوب حقيقي جو آئينو ڪري مڃيو اٿن. هنن عاشقن، ڪکہ پن ۾ پرينءَ جي سونهن ڏٺي آهي-

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٹس ڳرکيون- (شاه)

جاما سؤ هزار، پهريندڙ هڪ پري- (بيدل)

درپن هزار، نوري جمال ايڪ- (بيدل)

چوريءَ چوريءَ سير ڪرين ٿو، تنهنجو چاند چمن ۾- (سچل)

اِهو محبوب حقيقي آهي، جو سهڻا روپ وٺي، عينن (اکين) سان عاشقن جون دليون ٿو ويڌي. اِها کُهڻ جي بازي، آروپ ايشور، روپن جي ويس ۾ ٿو رچي:

کيلي اروپ عشق جي بازي
لکيو ڇپيو دل کسي يار
صورت جي سامان ۾ - (بيدل)

حسن ٽن نمونن جو آهي: اِنساني، قدرتي ۽ حقيقي. سنڌي شاعرن، ٽنهي جي پرستش ڪئي آهي. سندن نظر ۾، پهريان ٻئي، ٽئين جو عڪس آهن. ساري ڪائنات جو حسن، دلبر حقيقيءَ اڳيان حجاب آهي. هتي سندن انساني يا قدرتي حسن تي ڇيل شعر جي اُپٽار نہ ٿي ڪجي. محبوب جي زلفن، چشمن، اَبرن، لبن، خط و خال، قد و قامت، رفتار ۽ گفتار جي دلربائيءَ تي، جا سنڌي شاعرن جادو بياني ڪئي آهي، سا ڪنهن کان لڪل ناهي. محبوب جي اکين جي، سنڌي شعر ۾ خاص اُستتي آهي-

اکيون اکڙين کي، سِڪيو ڪن سجود- (شاهه)

سنڌي شاعرن جي اکين جو سجدو، هروقت پرينءَ جي نيڻن اڳيان آهي-

اُنهن جادوگرن اکين، بيران ڪيوسي
نيڻن سنڌي نازن، حيران ڪيوسي (سچل)

پر هنن، سچل وانگر، ساجن جي اکين ۾ ئي حقيقي اسرار ڏٺو آهي:

ڪي ٽا پيچن پرين کي، ڪرسيءَ يا عرش اُتي
تنهنجي اکين منجهان سهڻا، اسرار ڏٺوسي-

نانڪ يوسف جي بہ پرينءَ جي نيڻن تي هڪ دل موهيندڙ ڪافي آهي، جنهنمان پڌرو ٿو ٿئي تہ سنڌي شاعر، محبوب جي اکين تي اِنهيءَ ڪري مست آهن، جو

انهن ۾ ”رَبي راز“ ڏنو اٿن. هت اُنهان کي مصراعون پيش ٿيون ڪجن:

پرين ناز دلنواز، تنهنجي نيڻن جو نئون نئون
آهي عشق طبل باز، تنهنجي نيڻن جو نئون نئون
دلبر گهور سندي نور، لٿين دلبر دليون
ڪاري عشق جو شهباز، تنهنجي نيڻن جو نئون نئون
اسرار بي اختيار، تنهنجي عينن ۾ آلول
ڳجهي رمز رَبي راز، تنهنجي نيڻن جو نئون نئون
آگهور آئين شهه زور مندن عشق اصل ڪنئون
وجي درد سندو ساز، تنهنجي نيڻن جو نئون نئون
نانڪ يار سان همراز، هوونڌ يوسف يارا
منجهه پرت جو پرواز، تنهنجي نيڻن جو نئون نئون

دلپت به پرينءَ جي حسن کي عجيب نموني ۾ بيان ڪيو آهي، ۽ ساڳئي وقت، شاهه وانگر ڏيکاريو اٿس ته عاشق جي اکين کي، معشوق جي اکين جي اُڃ آهي.

ڏونس جنهنجي تن ۾، منهنجي اکين آهي اُڃ،
پاڻ پرين هڪ پاڻي، لوڪ مڙيوئي رُڃ.
چڱا آهن چند ڪون، پرين سهڻا ڪنئون سج،
پسان پيشاني پرين جي، ويتر ڪنئون وڄ.
ساجهر ايندا سپرين، اونو ڪري اَڄ،
اُجايون دلپت اکيون، شل ريجهي ڪنديون رَڄ.

شاهه جو، زلفن جي ڪنڍن تي چيل هينئون-بيت، هڪ لاثاني موتي آهي. ڪاڪل جا ڪنڍ به شهيدن جي قطار ۾

آهن ۽ ڪنهن به ڪفن جا محتاج ناهن:

ڪاڪل ڪُني جا، ڪفن ته ڪين ٿئي،
منجهه شهادت سا، لُڏي ۽ لاڏ ڪري.

سنڌي شاعرن، پارسي شاعرن وانگر، پنهنجي ڪلام ۾ محمود ۽ اَياز، شيرين ۽ فرهاد، ليليٰ ۽ مجنون، وامق ۽ عذرا، يوسف ۽ زليخا جا عاشقانا قصا نه آندا آهن، پر اُنهن ڏانهن صرف اِشارا ڪري، انهن عاشقن کي نه رڳو حقيقي حسن جا روپ، پر خود پنهنجا روپ ڪري ظاهر ڪيو اٿن:

ڪري سينگار صورت جو، اچي سڀ ۾ سمايا سي
صفت ۾ پنهنجي رائي سان، سوين نالا سڏايا سي
شيرين فرهاد جو نالو، ڪري عالم تي آيا سي
ٻهاني ٻيڪ مجنون جي، نڪي ليليٰ لڪايا سي.

بيدل کان اڳ، سچل به ساڳيو خيال ظاهر ڪري ويو آهي. بيدل جي ڪلام تي، سچل جي ڪلام جو گهرو اثر پيل آهي.

ڪڏهن آياز ڪڏهن هئس محمود
ڪڏهن نوڪر نانءُ ڌرايم ٿي
ڪڏهن ليليٰ هئس ڪڏهن مجنون
ڪڏهن واٽين ورهه وسايم ٿي
ڪڏهن وامق عذرا ڪڏهن
شيرين فرهاد ڪونايم ٿي
ڪڏهن هئس زليخا ڪڏهن يوسف
ڪڏهن عزيز مصر سڏايم ٿي

ڪڏهن نانءُ سچو ٿي هت آيس
ڪڏهن روح تا راڳ رسايم ٿي.

سنڌي شاعر، قدرت جي ڪرشمن ۾ به معشوقاڻو حسن ۽ ناز و انداز ٿا ڏسن. سنڌي شاعرن جو سرتاج شاھ، بادلن جي ڳوري چال ۾، محبوباڻي رفتار ۽ لاڏ ٿو پسي:

گنير گت سڪت، چلڻ جي چاھ پئي،
هندو حيرت ۾ پيا، لالي ڪي لبن.

اسانجي صوفي شاعرن، حسن پرستيءَ ۾ نئين وات ورتي آهي. هننجي ڪلام ۾ سرو، سوسن، صنوبر، شمشاد ۽ طوبيٰ جو ذڪر نه ٿو اچي. ظاهري حسن ۽ جمال تي هرڪا اک فدا آهي. مجازي سونهن جي درشن لاءِ ظاهري اکين جي درڪار آهي، جنکي شاھ "مجازياڻيون" ٿو سڏي؛ پر حقيقي حسن جي مشاهدي لاءِ باطني يا قلبي نورگهرجي. مجازي حسن فاني آهي، حقيقي حسن باقي. اِنسان کي هي "مجازياڻيون" موهي، ساڻس نسورو ڏوھ ٿيون ڪن. سنڌي عارف شاعرن جي درشتي، حقيقي جمال تي آهي- اُنهيءَ بي پايان حسن کي نه آهي قد، نه مد؛ اُنکي ڏيکڻ لاءِ بي عدد سڪ جي درڪار آهي. شاھ ٿو چوي:

سپيريان جي سونهن جو، نڪو قد نه مَدُ،
هِت سڪڻ بي عدد، هُت پريءَ پروا ناھ ڪا. (سر آسا)

اِنهيءَ سونهن جي پسڻ لاءِ، "مجازياڻين" کي ٻوٽي چڏڻو آهي:

ڏيک م تون سين تن، هي جي مجازياڻيون مُهَ ۾،
پرين سي پسن، ٻئي جنين ٻوٽيون. (سر آسا)

جن عاشقن، اِنهيءَ بي اِنتها حسن جو مشاهدو ماڻيو آهي، سي دائم درد ۾ آهن. اُهي اَزلي عاشق، مطلق جمال جي بي پايان عميق ۾ ٽٻيون هڻندي به، اَبدي اُڃ ۾ آهن-

اِن ڏرمنجهان ڏِکَ، ڏني پاڻ اُڃ ٿئي- (سر سسئي آبري)

حقيقي عاشقن جي اُڃ، سائر (ساگر) ۾ هوندي به نه ٿي لهي-

پَسي جهاجهه جمال جي، جنين پيتي پِڪ،
اَپر اڳانجهو ٿئو، سوُر اُنين کي سِڪ،
هڏ نه پڳيـن هِڪَ، سدا سائر سير ۾-
سدا سائـر سير ۾، اَنـدر لهي نـه اُڃ،
پسڻ جو پِري جـو، سا سيـائـي سڃ،
تيلاهه مـرن اُڃ، سـدا سائـر سـيـر ۾-

حقيقي حسن جو پرتو هرهنڌ آهي، پر اُهو حسن، پنهنجي نج سروپ ۾ اُتي ٿو وسي، "جتي نهايت ناهه ڪا-" انهيءَ عجيب ولايت ۾ نه "آه" آهي، نه "ناهه-" اِنساني ٻوليءَ ۾ انهجو ورنن نه ٿو آڻي سگهجي. خاڪ جو ٺهيل اِنسان، حد ۾ حد، اُنکي، اَڻ پورن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو سگهي. شاهه جهڙن ڪاملن، جن حقيقي جمال جو ديدار ماڻيو آهي، سي به اُنهجو ذڪر ڪندي، ڪنهن هنڌ بيهي ٿا وڃن. در حقيقت، هنن به اُنهجو رڳو هڪ ترورو ڏنو آهي، ڇو ته ايشور جي ساري سونهن، پسڻ ڪان ئي پري آهي- "توکي رسي تو ڏٺي، سپوئي جمال"- ايشور پنهنجو جمال،

پاڻ ئي ٿو پسي، ڪامل ويچارا به صرف اُنجي خيال ۾ ٿا رهن.

جت آه نه ناه ڪا، اِي خاڪيءَ جو خيال،
جانب جو جمال، پسڻ ئي پري ٿيو. (سر آسا)

اِنساني حوصلو ويچارو عاجز آهي، اُنکي ڇا مجال، جو رڳو اُنجو تصور ئي ڪري سگهي؛ اِنساني خيال صرف حيرت ۾ ئي حيران آهي. اِنساني ڪلپنا به هڪ نابيناجي اکين مثل آهي؛ حقيقي حسن اُنجي دائري کان ٻاهر آهي.

حوصلو حيرت ۾، ڪري ڪين درڪ،
جو حسن سند و حق، سو ڪُور (اندو) پروڙي ڪينڪي.
(سر آسا)

حسن واري ولايت ڏورانهين ناهي، پر اِنسان جي اندر ۾ ئي ٿي وسي. اُنکي پرکڻ لاءِ هڪ ڳوڙهي سُرت کپي:

ساجن سونهن، سرت، وِکان ئي ويجهو گهڻو.
(سر سسئي آبري)

اِنهيءَ ولايت کي پائڻ لاءِ، باطني حسن جي ضرورت آهي:

وجڻ ِتت پئوم، جت هلڻ ناه حسن زي. (سر مارئي)

١٣. شاھ ۽ شيڪسپيئر

بي- ايچ- ناگراڻي

شاھ ۽ شيڪسپيئر ٻہ اوچ ڪوٽيءَ جا شاعر آھن. ٻنھي پنھنجي پنھنجي قوم جي شيوا ڪئي. شاھ عبداللطيف سنڌيءَ جو خزانو ڀرپور ڪيو تہ شيڪسپيئر انگريزيءَ جو. شاھہ اسانکي سنڌي ڪافي، سنڌي وايون، سنڌي لوڪ ڪٿائون ۽ اھو درد جو خزانو ڏنو جو سنڌي سالڪن کي ڪن رس جي ڏئاران، ھن دنيا مان ڪنيو وڃيو ايشور جي چرنن ۾ لائي. شاھ جي ٿون بيت پائين سي آيتون آھين نيون من لائين پريان سنڌي پارڏي.

شيڪسپيئر لاءِ ساري دنيا ھڪ ناٽڪ گھر ھئي ۽ اسين سڀ ويسداري. ھن پنھنجي وقت ۾ ماڻھن کي ڪلايو، روئاريون. انسان ذات جي جدا جدا ڀاون ۽ حالتن جو درشن ڪرايو ۽ اھو سڀ ناٽڪ جي رستي. ھر قسم جا انسان ھن پيدا ڪيا: لچ، لوفر، مسخرا، سياڻا باتشاھون، سڀاجھيون نارڀون ۽ ڪامي زالون،- ڪي وفادار، ڪي بيوفا، فيلسوف وغيرھ، جو ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ سڄيءَ دنيا کي اچي پنھنجي اسٽيج تي آندو ائس. ھن خصلت ڪري ڪيس "ھزار منو" ڪري سڏيو ائن. شاھ ڪھاڻيون ڪٺي انھن جي دواران پنھنجي تصوف جا اُھي ديدار ڪرايا جي وڏا وڏا فيلسوف ھوند وڏي تپسيا بعد بہ نہ ڪري سگھن. ھن ريگستان مان اھا ٻاٽي اُچاري جنھن جي تاثير سڀني سالڪن کي اُتساھت

ڪيو ۽ ڪندي رهندي. شاهه پنهنجي ٻاڻي سنڌيءَ ۾ چئي ۽ شيڪسپيئر انگريزيءَ ۾، جا هن وقت انٽر راشٽري ٻولي آهي.

شيڪسپيئر انڪري جڳ پرسڌ ڪوي آهي ۽ شاهه جو دائريو محدود آهي. شري سارلي سندس ڪجهه شعرن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ شيخ اياز شاهه جو سمورو شعر اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. پر ترجمو، ترجمو آهي ۽ اصليت اصليت- شيڪسپيئر جڳ پرسڌ هئڻ سبب، شاهه کي سنڌ جو شيڪسپيئر ۽ جلالدين روميءَ کي ايران جو شيڪسپيئر چون.

سوال اٿي ٿو ته اسين ڀٽائي کي اوچ ڪوٽيءَ جو شاعر ڇو ٿا سڏيون؟ شعر ڇا آهي، منجهن شاعر جون خصلتون هيون؟ (سونهن شاعر جو ڪاڄ آهي، پوءِ اها سونهن ڪٿي به هجي- قدرت ۾، انسان ۾ يا اِنسان جي ڪرم ۾. شاعر ان سونهن جو ويچار ڪري ڪري، ڪنهن جنبش ۾ اچي ٿو، سندس من ۾ ڪو لهرو، ڪو رقص پيدا ٿئي ٿو، ڪا مستي، جا جيسين شاعر روڪي سگهي، ٿو تيسين ٺيڪ، پر جڏهن اها مستي اجهل ٿئي ٿي تڏهن جيڪا پلٽ هو پلٽي ٿو تنهن کي اسين شعر چئون ٿا.) شاعر جي لاءِ چيل آهي ته هو هڪ ولي ۽ پيغمبر آهي جنهن کي غيب جي خزاني جون ڪنجيون مليل آهن. هو ڪو مشاهدو ماڻي ٿو ۽ پنهنجو پيغام انسان ذات اڳيان رکي ٿو- پيغام جو سرو ڪالي ۽ سرو ديسي آهي، جو پانڌيئڙن جي رهبري ڪري ٿو، نبل ۽ نست ۾ جان ڦوڪي ٿو ۽ من جي گهور اونداهيءَ ۾

ڏياتيءَ جو ڪم ڪري ٿو. سالڪ پوءِ پيرو پڇائي، وڃي انهيءَ پد تي پهچي ٿو جتي سڀ ڏک دور ٿيو وڃي ۽ انساني من استقامت ۽ استرتا تي پهچي ٿو.

شاهه جو پنو لڳائڻ سولو آهي. هو پنهنجي سورمين جي ساهيڙي ٻڌجي ڪين صلاحون ڏئي ٿو جي سنوان سدا سندس ويچار آهن. شيڪسپيئر ناٽڪن ۾ سورمن ۽ سورمين ۾ پاڻ لڪايو آهي. سچل جو گفتو ته "گم هو ڪي ديکه نظارا آپ سارا محبوب ڪي صورت ۾" جي شيڪسپيئر سان لڳائجي ته چئجي ته "گم هو ڪي ديکه نظارا آپ سارا ناٽڪ ڪي صورت ۾." شيڪسپيئر جنهن مختلف ۽ هر نموني جا ضد ڪيا، انجي خيالن جو انڪري اندازو لڳائڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

ڪي ڳالهيون تنهن هونديءَ به ظاهر ٿين ٿيون. شيڪسپيئر پنهنجي ڏک انت ناٽڪن ۾ ۽ شاهه پنهنجي کهاڻين ۾ ڏيکاريو آهي ته انسان جي قسمت، انسان پاڻ ناهي ٿو ۽ سندس ڏک ۽ پيڙا، سندس چريتر جي ڪنهن سقم ڪري آهي. ٻنهي پنهنجون سورميون سندر ۽ سڀاجهيون ڪيون جي هندستاني نارين جي پد تي پهچن ٿيون. شيڪسپيئر طرحين طرحين جيو رچيا ۽ انهن جي من جي اوستائن جو درشن اسان کي ڪرايو؛ پر شاهه عاشق، معشوق، رشڪ ڪندڙ ۽ ڦيٽو وجهندڙ ڪيا. ٻنهي مجازي عشق ماڻيو، ٻنهي سرو ڪلا جو نظارو پسايو ۽ ٻنهي سرو ڪلا سمرٿ جو ديدار ڏيکاريو. البت شاهه ڪليو ڪلايو ۽ شيڪسپيئر مبهم نموني.

شيڪسپيئر جي ڪن لکيتن ۾ جهڙوڪ هنجي سانيٽن ۾ اسين شيڪسپيئر جي خيالن جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. اهي ڇٽڪ هنجي سموري شعر جون ڪنجيون آهن. مان هن جون ڪي "سانيٽس" ڪڍي پنهنجي چوٽيءَ پڏيءَ آهر انهن جو ارٿ اوهان اڳيان رکان ٿو.

شيڪسپيئر ڪل ١٥٤ سانيٽ لکيا، جن ۾ پريم جي چڱي اپٽار ڪيل آهي- ڪن گرنٿڪارن ٽيڪا ڪئي آهي ته شيڪسپيئر پنهنجي زال هوندي، ڪنهن سهڻيءَ تي عشق ڪمايو، پوءِ ڪنهن ڇوڪري تي ۽ پيريءَ ۾ وري ڪنهن ڪاريءَ عورت تي. مان سندس سانيٽس مان هڪ ١٠٥ نمبر ڪڍي سندس من جي حالت اوهان اڳيان رکان ٿو. چوي ٿو:

Let not my love be call'd idolatory
Nor my beloved an idol show.

منهنجي عشق کي بت پرستي نه چئجو ۽ نه منهنجي پريتم کي بتخانو. تڏهن ڇا چئون ۽ ڇو ٿو ائين چئين؟ پاڻ جواب ٿو ڏئي:

Since all alike my songs and praises be
To one, of one, still such and ever so.

"منهنجون سموريون ڪوتائون ۽ واکاڻيون آهن هڪ ڏانهن، هڪ جون، هينئر به ساڳيو ۽ سدا ساڳيو."

Kind is my love today, tomorrow kind
Still constant in a wondrous excellence
Therefore my verse to constancy confined
One thing expressing, leaves out difference.

منهنجو عشق اڄ به دل وارو آهي، سڀاڻ به دل وارو؛ دائمي آهي حيرت ۽ ڪماليت وارو؛ انڪري منهنجو شعر به دائميت وارو آهي. آءٌ ڳالهه فقط هڪڙي ٿو ڪوليان تفاوتن ڪان پري.

اهي صاحب جي شيڪسپيئر کي ڇورن ۽ ڇورين جو عاشق ٿا بنائين تنکي مٺيون سٺون ۽ هيٺيون لاجواب جواب آهي.

Fair, kind and true, is all my argument
Fair, kind and true varying to other words
And in this change is my invention spent
Three themes is one which wondrous scope affords.

سهڻو، سٺو ۽ سچو اهو ئي آهي منهنجو ويچار، جدا جدا لفظ ڀيا به ٿو ڪم آڻيان پر خيال رڳو هڪڙو، "سچو، سٺو، سهڻو" ۽ هيءَ منهنجي شعر جي اصليت انهيءَ ڦير گهير ۾ ئي خرچ ٿئي ٿي. ڀڄاڙيءَ جي سٽ ۾ وري خبردار ٿو ڪري ته ٻيلي "اهي ٽي به نه، پر اٿو هڪ" جنهنجي بيان لاءِ عجيب وسيع ميدان پيو آهي.

دنيا جي مشهور شاعرن ويدن جي زماني ڪانوئي ان هڪ جي ئي ساراه ڪئي آهي- ويدڪ ڪوين انکي "سندرم، شوم، ستيم" ڪري سڏيو؛ سندرم معنيٰ سهڻو، شوم معنيٰ سٺو، ستيم معنيٰ سچو؛ ڪن انکي "ست، چت، آنند" سڏيو؛ اسلام واري ان کي "مطلق حسن، مطلق حق ۽ مطلق خير" ڪري پڪاريو. شاهه انکي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيو:

"سو ساراهه سچو ڌڻي، رازق، رب، رحيم،" هو سچو آهي، رحيم آهي. چگي بدران رحيم چيائين؛ جڏهن سند رحم جي ڳالهه ٿو شاهه ڪري تڏهن اچيو پلئنجي؛ چي:

"لوچان ٿي لاحد ۾، هاديءَ لهان نه حد
سپيريان جي سونهن جو، نڪو ڏڪ نه مد
هت سڪڻ بي عدد، هت پرينءَ پرواهه ناهه ڪا"

پهرين سٽ ۾ هادي بي حد آهي. هادي نالو چگي جو آهي، مددگار جو آهي، رحيم جو آهي؛ ٻيءَ ۾ سندس سونهن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ٽنهن سان گڏ سڪڻ يعني عشق به بي انتها آهي.

شاهه جو سر آسا انهيءَ هيڪڙائيءَ جي تنوار سان ڀريل آهي. شاهه جو "حسن سندو حق"، سچل جو "حقاني حسن"، شيليءَ جي "Intellectual Beauty" گياني سندرتا وغيره لفظن جا ڦيرا آهن، ڳالهه اهائي هڪ جي آهي. مولانا روميءَ پنهنجي مثنويءَ لاءِ چيو:

مثنوي ما دکان وحدت است
غير واحد هرچ بيني آ بت است.

چي منهنجي مثنوي هڪ جو دڪان آهي؛ هڪ ٻنان جيڪي پسين، سو بت آهي. شاهه سسئيءَ جي سر ۾ ڪولي ٻڌائي ٿو ته متان سمجهو ته مون عورتن جي ڇٽ ڇني آهي.

"ايءَ نه عورت هوءِ، ايءَ ڏات آهه عشق جي"

شيڪسپيئر جو گفتو ته منهنجي ڪوتا "هڪ ڏانهن، هڪ جي، هميشه به ساڳيو، سدا ساڳيو" اسانکي گرو نانڪ

جو گفتو ٿي ياد ڏياري جڏهن چيائين: ”آد سچ، جگاد سچ، هئه ڀي سچ، نانڪ هوسين ڀي سچ“- پر جئن شاهه صاحب چيو آهي:

”نڪو ڏيگهه نه ويل، نڪو منهن مهاڙ ڪا
اي اهوئي کيل، ڪور پروڙي ڪينڪي“

ڪور معنيٰ انڌو، اگياني ۽ مايا ۾ انڌو- اسين رواجي جيو مايا ۾ انڌا، ڪام وهيڻا، ويٺا عاشقن کي لقب لايون ۽ پنهنجيون ڪنيون ڦٽيون معنائون سندن شعر کي ڏيون. شال ڏٺي اسانکي سمجهه، ٻڌي ۽ سوجهي ڏئي، جو حق ڏسون، حق پروڙيون ۽ حق ماڻيون.

١٤. جنهن تي مالڪ جي رک

رام پنجواڻي

چوڏهن سالن کان پوءِ تنهن ڏينهن پنهنجي ڀاڻيجي جشن سان ملڻ ٿيو. ورهاڱي ڪيڏو نه وچوڙو وجهي ڇڏيو آهي! لاڙڪاڻي ۾ جاءِ جاءِ سان گڏ هوندي هئي. اڄ ڏينهن ته گهٽ ۾ گهٽ گڏ گذاريندا هئاسين ۽ هت هندوستان ۾ سال پڄاڻي ٿا وڃن ته پاڻ ۾ ساڻ نٿو ملي. جشن سان گڏجي خوشي ٿي. خاص انهيءَ ڪري به ٿي جو ڪنهن جيئرو جاڳندو ڏٺم. ورهاڱي جي پهرين ڏينهن ۾ ميرٺ ويندي سندس گاڏيءَ تي حملو ٿيو هو جنهن ۾ سوين هندو ڪسجي ويا هئا، پر ايشور جي قدرت جو هيءُ انهيءَ ڪوس مان بچي نڪتو هو. سلامت بچي نڪتو هو تنهن کان پوءِ ساڻس ملڻ ڪونه ٿيو هو، سو ڪيس ڏسي سياويڪ خوشي پرپي. مون چيو، "جشن، ڪيترن سالن کان پوءِ ٿا گڏجون!"

جشن جواب ڏنو، "شڪر آهي جو گڏيا آهيون! واقعو وسري ڪي نٿو، اڄا به ڪڏهن ڪڏهن سپنو ڏسندو آهيان ته ڏرن ڏکي ويندي آهي. موت جي منهن مان بچي نڪتو آهيان. ٽڪرين ۾ ڪٽيا هئا، نه ته بچڻ مشڪل هو."

منهنجي دلچسپي وڌي، سو پڇيم "ڪئن بچي وئين؟" جواب ڏنائين، "مالڪ مدد ڪئي. انسان جيوان ٿي چڪا هئا. تعصب جي باه ۾ انسانيت جلي خاڪ ٿي ويئي هئي. مذهبي مستانا نيڪ ۽ بد جي تميز ڀلائي چڪا هئا. اهڙي

وقت سائينءَ کان سواءِ ٻيو ڪير ڪنهن جي سهائتا ڪري ٿي سگهيو؟" مون پڇيو، "تڏهن ڀلا تون ڪيئن بچي نڪتين؟" هن چيو، "سچي وارتا اکين اڳيان پيئي ڦري." مون چيو، "بيان ڪري سگهندين؟" هن چيو، "بلڪل چڱيءَ طرح. چوڏهن سال ٿيا پر لڳي ائين پيو ڄڻ ڪالهه ڪالهوڪي ڳالهه آهي." جشن سربستي ڳالهه ٻڌائي. ڳالهه ٻڌي لڳو ته ڪانڊارجي ويا. ڪهڙو نه هيانوَ هپائيندڙ واقعو. سندس ٻڌايل وارتا سندس لفظن ۾ ئي پيش ٿو ڪريان:

"٢١ آگسٽ ١٩٤٧ع مان لاڙڪاڻي مان ميرٽ لاءِ نڪتس. فوج ۾ ڪميشن لاءِ درخواست ڪئي هئم، ملاقات لاءِ ليٽر آيو هو، سو مان سهي سنيري نڪتس. ڪاڪا (پٽس) جوڌپور جي طرف کان وڃڻ جي صلاح ڏني پر سندس صلاح کي گهڻو وزن نه ڏيئي مان روهڙيءَ جي طرف کان لاهور ميل ۾ روانو ٿي ويس. رات جو ١١ بجي روهڙي سٽيشن تي لاهور ميل ۾ سمهي پيس. صبح جو ٥ بجي بهاولپور سٽيشن تي اک کلي. مونسان گڏ منهنجو سؤٽ تخت به هو. کيس به ملاقات لاءِ گهرايو ويو هو. بهاولپور سٽيشن تي ئي محسوس ڪيوسون ته وايو منڊل صاف نه آهي. مسافرن جي سس پس مان اِئين سمجهيوسين ته اڳتي خير ڪونهي. پڪ سان ڪنهن به ڪونه ٿي چيو، فقط انومان هو ته شايد بهاولپور کان پري فساد ٿيا آهن. مون ۽ تخت پاڻ ۾ صلاح بيهاري ته بهاولپور ۾ رهي پوڻ کان اڳتي وڃجي. اسان اِهو ئي خيال ڪيو ته شايد اِهي افواه اڏايا هجن. گاڏي هلي. سيڪنڊ ڪلاس ۾ هئاسين. اڳي

سيڪنڊ ڪلاس هاڻوڪي فرسٽ ڪلاس برابر هو. گاڏيءَ ۾ اسين ٻه ٻئوٽ ۽ ٻه ٻيا مسلمان مسافر هواسين. هنن اسانجي منهن ۾ ٻپ جا نشان ڏسي اسانکي دلداري ڏني ۽ چيو، "الله ڪندو ته وڃي خير سان ماڳ رسندا."

ڇهين ٻجي صبح جو پريان ماڻهن جا ڪٽڪ ڏٺاسين. ڪن کي لٺيون هيون، ڪن کي ڀالا، ڪن کي ترارون ته ڪن کي بندوقون. اسين هراسجي وياسين ۽ ڪجهه ڪڇون ئي ڪين تنهن کان اڳ هنن مسلمان مسافرن اسانکي ٽائليٽ ۾ وڃڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ دريون ڪٽي بند ڪيائون. ڪٽڪ جي رڙين تي انجڻ ڊرائيور گاڏي بيهاري. نه بيهاري ها ته ڪجهه به نه ٿئي ها پر گاڏي بيهاريائين ته پل ۾ ڪوس جاري ٿي ويو. اسان اندر ويٺي دردناڪ دانهون ۽ ڪوڙيون ڪوڪون ٻڌيون. ڪلاڪ کن ساندهه قرمار ۽ قتل عام جاري رهيو. نيٺ جڏهن گاڏي هلي تڏهن مسلمان مسافرن جي چوڻ تي ٻاهر نڪتاسين. اسين نسنا ٿي وياسين ۽ ڳالهائڻ ئي نه ٿي اُڪليو. هنن اشرافن چيو، "ادا! ملڪ ۾ ڏاڍو ڏقير اچي ويو آهي. آزاديءَ سان اچي ويو آهي ورهاڱو ۽ هيءَ ڪلور تعصب جي ڪري جاري ٿي ويا آهن. ڪالهه تائين هِن ملڪ جا رهواسي هئاسين؛ اڄ ڌاريا ٿي پيا آهيون جو هينءَ پيا هڪ ٻئي کي ڪهون. خبر ناهي ته هن ڪوس جو اثر هندوستان ۾ ڪهڙو ٿيندو! پر ڪهڙي خبر ته چرچ هندوستان مان هندن ئي شروع ڪئي هجي! هاڻي اسانجي صلاح اٿو ته توهين ٻئي اسان سان پيٽ ڪوٽ ۾ لهي پئو. سر ڏيئي به توهانجي

سنڀال ڪنداسين. پر جي توهان جي ڪري اسان جي جان کي جوکو اچي ويو ته به الله توهار!" اسان چيو، "متان اڳتي فساد نه هجن." هنن شاملراءِ ٿيندي چيو، "ممڪن آهي ته اِهو جنون اڳتي نه پکڙيو هجي."

پيٽ ڪوٽ سٽيشن تي پهتاسين. مسلمان مسافر هيٺ لٿا تنهنکان اڳي اسانکي ڀاڪر پاتائون ۽ چيائون، "الله نگهبان ٿيندو."

اسين پيٽ ڪوٽ سٽيشن تي گونه لٿاسين ۽ دل ۾ اهائي آس رکي سين ته اڳتي ڪجهه به نه هوندو. پيٽ ڪوٽ سٽيشن لهڻ ۾ به جوکو هو. اِنهيءَ جوکي کان اڳتي هلڻ ۾ وڌيڪ سلامتي سمجهي سون. پيٽ ڪوٽ سٽيشن تان گاڏي هلي ته اڌ ڪلاڪ هلندي رهي. اسان هر هر پئي دريءَ مان نهاريو. اسانجا حوصلا خطا ٿي ويا، جڏهن پريان اڳي کان به وڌيڪ فسادين جو هجوم ڏٺوسين. ٻه ڄڻا اڪيلا گاڏي ۾ هئاسين. وات مان لفظ نه نڪتو. اڳي وانگر وري ٽائليٽ ۾ وڃي لڪاسين. گاڏي بيٺي. الله اڪبر جا نعرا آسمان کي ڏارڻ لڳا. پل ۾ وري به قتل شروع ٿي ويو ۽ جيڪي اڳئين حملي مان بچي نڪتا هئا سي قاتلن جي نيزن جا نشان بڻيا. اسان جي لڪڻ واري جاءِ تي به جلهه ٿي. در تي ڌڪ هنيائون پر در نه کليو. نيٺ ڪنهن چيو، "هڪ ڪافر لاءِ ڇو ٿا پنهنجو شڪار وڃايو؟ ڪٺو سندس سامان ۽ هلي وار ڪريو ٻين منحوسن تي."

ٻئي حملي مان بچي نڪتاسين. گاڏي هلي ۽ جڏهن ڪجهه وقت کان پوءِ ٻاهر نڪتاسين تڏهن ڏٺوسين ته سڄو

سامان گم هو. وري ٻه شڪر ڪرڻ لڳاسين ته جان ٻه بچي ۽ بدن تي جيڪي ڪپڙا هئا سي ٻه بچيا، پر اِها خوشي گهڻو وقت نه هلي. اتي ئي ويچار آيو ته جيڪڏهن وري حملو ٿئي ته؟

مان ۽ تخت روئي ويناسين. ڪا مهل وينجي رنوسين. چپ ٻه پاڻيهي ڪئي سين. پلا پرچائڻ يا دلداري ڏيڻ وارو ٻه ڪو هجي! گاڏي وري هلي ۽ اچي بهاولپور جي گاڏيءَ پاڳل نگر تي پهتي. سٽيشن تي ملٽري وڏي تعداد ۾ بيٺي هئي. اسانکي آٿت آيو. ملٽريءَ جي حڪم سان اسين سڀ هيٺ لهي آياسين. اسان سمجهيو هو ته فقط اسين ٻه ئي زنده هونداسين پر اسين ٥٦ هندو اجا ٻه جيئرا هئاسين! ملٽري آفيسر جڏهن اسانجي ويجهو آيو تڏهن بيوسيءَ سان مون هن کان پڇيو، ”اسان جو ڇا ٿيندو؟“ هن چرڪ جواب ڏنو، ”مان ڪجهه چئي نٿو سگهان، هندوستان جون حالتون ڦرن ته ڪو هت ٻه ڦرن نه ته اسانجي وس جي ڳالهه نه آهي.“

اسانجون اُميدون وينديون رهيون. اندر ۾ ڏڪڻي وڌي ويئي. سٽيشن تي هئاسين ته رياست جو چيف سيڪريٽري مسٽر مؤن آيو. هن انگريز دلداري ڏني پر بچاءَ جي پڪ نه ڏني. ايشور کي ياد ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه وسيلو ڏسڻ ۾ نه آيو. اُها رات سٽيشن تي ملٽريءَ جي پهري هيٺ سک سان گذاريسين. ننڊ ڪانه آئي پر ڌپ گهٽ هو.

ٻئي ڏينهن اسان ٥٦ هندن کي هڪ ٽرڪ ۾ چاڙهي وچ شهر ۾ نهيل ڌرمشالا ۾ اچي لاٿائون! درن تي ملٽري سپاهي بيٺا هئا، تنهنڪري اندر ۾ مڙيوئي آٿت هو. پنج ڏينهن ڌرمشالا ۾ رهياسين. ڪاڌو ٻه ويلا، دال ۽ ٻه روٽيون هڪ ويلي تي. ڏاڙهي وڌي ٿي ويئي. ڪپڙا ميرا ٿي ويا، موت جو دٻپ پل پل سر تي سوار هو! ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ته ننڊ نه اچي، پر جي اچي ته ٿوري کڙڪي تي ڇرڪ ڀري اُٿون. (ساهه اِنسان کي ڪيڏو نه پيارو آهي!) اسان گهڻو وقت پرارٿنا ۾ گذاريندا هئاسين ۽ سائينءَ در دعا مڱندا هئاسين ته ڪئن ٻه اسانجي جان بچي. پرارٿنا ڪندا هئاسين پر اندر جو اندر ۾ پڪ هئي ته وري ڏيهه جا وڻ ڪونه ڏسنداسين.

پنجين ڏينهن ڪانپوءِ انهيءَ شهر ۾ فساد شروع ٿي ويا. هڪ وڏو ميڙ اسانجي ڌرمشالا تي ٻه ڪاهي آيو. اسان ملٽري سپاهين کي خبردار ڪرڻ لاءِ درن تي پهتاسين ته هڪ ٻه سپاهي ڏسڻ ۾ نه آيو. ميڙ مان رائيفلن جون گوليون هليون ۽ جيڪي اڳيان هئا سي اسانجا ويهه پنجويهه ساٿي اُتي ئي ڍيري ٿي پيا. (ٻڌندڙ ماڻهو ڪک ۾ ٻه هٿ وجهندو آهي) مرندڙ ماڻهو ٻه منٿ وڌيڪ جيئڻ جي ٻه منشا رکندو آهي) اسان ٻچيلن جي ٻه اِها حالت هئي. اسين سڀ مٿي ڪڌ تي وياسين ۽ ڪڌ تي هڪ ننڍڙي بنگلي ۾ وڃي لڪاسين. ٻڪري جي ماءُ گهڻا ڏينهن خير مڏائيندي؟ ڪاهيندڙ ڪاهيَ آيا ۽ زور سان چلائي چيائون، "دروازو کوليو، هاڻي ڪيڏانهن ويندا؟" مان ۽ تخت ته ڪنڊ ۾

ڪريا پيا ھئاسين. پر ڪن دروازو کوليو. در کولي، ھٿ جوڙي اُنھن چيو، "اسانکي ماريو نہ، اسين ڌرم بدلائڻ لاءِ تيار آھيون."

اِھا ڳالھہ ٻڌي ڪاھيندڙن مان ھڪ چيو، "چڱو، توھانکي جان بخشيون ٿا بشرطيڪ توھان ڌرم بدلايو." ھڪ تعصبي گونڊي رڙ ڪري چيو، "اڙي، ھنن تي ڪھڙو اعتبار؟ وجھہ ملڻ تي وري دين بدلائيندا. ڦريون، ماريون." اسانکي ڦريائون، اسانجا ڪپڙا بہ لاٿائون ۽ اجا مارڻ لاءِ تيار ٿيا تہ ڪو ھيٺان رڙ ڪندو آيو "ڀڄو، ڀڄو، ملٽري ٿي اچي." پل ۾ سڀ رفوچڪر ٿي ويا. اسين بچي وياسين پر اسانجي حالت ڪھڙي ھئي! نہ ڪپڙو انگ تي، نہ ساھہ رڳن ۾! حوصلو گم، مُردن وانگر ڪريا پيا ھئاسين. اُنھيءَ رات کاڌو مليو پر کائي نہ سگھياسين؛ اُبتا پئي آيا. مان تخت کي ڏسي روئان ۽ تخت مونکي ڏسي روئي. پر وري ھڪ ٻئي کي دلاسو ڏيئي پيا چئون، "جنھن ھن مھل ٽائين رکي ورتو آھي سو انت ٽائين رکي وٺندو." رات جو ڌرتيءَ تي ليٽي پياسين. صبح جو ملٽريءَ وارن اچي اُٿاريو. مسٽر موُن بہ آيو. اسان مڙي اچي سندس سامھون بيٺاسين. مسٽر موُن چيو، "مونکي ارمان آھي جو رات توھانتي حملو ٿيو پر مان ڇا ڪريان؟ بدلي جي باھہ ۾ جلندڙ جنتا کي مان روڪڻ جي ھرممڪن ڪوشش ڪندي بہ روڪي نہ ٿو سگھان. ھاڻي توھين سڀ ھلي ٽرڪ ۾ وھو. اسان سپيشل گاڏيءَ جو بندوبست ڪيو آھي جا ملٽريءَ جي حفاظت ھيٺ ھلي توھانکي ڀارت جي

حد ۾ ڇڏيندي. ڪندو ايشور ته وڃي سک سلامتيءَ سان پارت ۾ پهچندا ۽ وات تي ڪنهن ٻيءَ مصيبت ۾ مبتلا نه ٿيندا." پويان لفظ ٻڌي اندر ۾ سيءَ اُڀري ويو. مسٽر موُن جا پويان لفظ اڃا به پيا ڪنن ۾ ٻرن: اِنسان ته حيوان کان به بدتر ٿي ويو آهي. افسوس نه آهي ته اِنسان، اِنسان جو خون پيئي؟ پر هنن دردناڪ حادثن کان پوءِ به مونکي يقين آهي ته ڀڳوان ڀليلن کي سچي راه تي آڻيندو ۽ انسان پنهنجو شان سڃاڻي اهڙن ڪرتوتن کان باز ايندو."

ملٽريءَ جي پهري هيٺ گاڏي هلي. دل ۾ دڪ دڪ هئي، لڱن ۾ ڦڙڪٽي. اِهو به اعتبار نٿي آيو ته وقت اچڻ تي اِهي ملٽريءَ جا سپاهي اسانجي حفاظت ڪندا. سندن رائيفل ڏسي هرهر پئي خيال ٿيو ته اسان جي بچاءَ لاءِ مليل رائيفلون اسان تي ته نه هلائيندا؟ گاڏي هلي. اسان وري به پرارٿنا شروع ڪئي. گاڏي هلندي رهي ۽ جيتوڻيڪ وات تي ماڻهن جي انبوهن ڪيترن هنڌن تي گاڏيءَ کي بيهارڻ جا يتن ڪيا پر ملٽري سچي هئي ۽ هنن گاڏيءَ کي بيهڻ نه ڏنو.

هندوستان جي حد ۾ پهچڻ لاءِ فقط ۴۰ ميل هئا. ۴۰ ميل نه هئا پر ۴۰۰ ميل هئا! دک جو پل به وڏي ورهيه تي پوي ۽ سک جا سال هڪ گهڙيءَ سمان گذري وڃن. دل ٺري پيئي جڏهن ترنگي تي نظر پيئي. پنهنجو جهنڊو ڏسي آٿت آيو ته پنهنجي ملڪ ۾ پهتا آيون.. اسانجي ڏاڍي آجيان ٿي. هرڪو همدردي ڪرڻ لڳو. اسانکان احوال پڇڻ لڳا، پر ڪا ويرم ته اسين ڳالهائي نه ٿي

سگھياسين. ساڳيءَ رات اسان دهليءَ لاءِ نڪتاسين ۽ اچي راڄڌانيءَ ۾ پهتاسين. جشن جي ڳالهہ ٻڌي ڪيڏو نہ افسوس ٿيو ۽ ڪيڏي نہ خوشي ٿي! افسوس اِنسانيت جي خون تي ۽ خوشي هنن جي بچي اچڻ تي. مون پڇيو، ”جشن، هيترا ڪُنڌر ڪسجي ويا، تون ۽ تخت بچي ويا! عجب نہ آهي؟“ جشن چيو، ”دادا، عجب بہ عجبن جهڙو. اڄا بہ ورور ڪري پاڻ کان پڇندو آهيان ”ست اٺ سؤ هندو هئاسين ۽ بچياسين ڪل ٣١ ڄڻا! مان ڇوٽي نڪتو سگهان تہ اِنهيءَ قتل عام مان آءٌ ڪئن بچي آيس.“ مون چيو، ”اِهو ئي هنڌ آهي جتي سوال جواب ٿئي ئي ڪونہ. (بچائڻ تي اچي تہ ٻاهہ جي پيٽ مان ڪڍي ٻاهر ڪري، مارڻ تي اچي تہ هڪ چڻنگ سان جلائي ڀسم ڪري ڇڏي) شڪاري شڪار ڪرڻ وڃي تہ هزار پکي ماري اچي، پر جي نصيب نہ هجيس يا پکيءَ جي قسمت چڱي هجي تہ سوَن گولين سان هڪ پکي بہ نہ ماري سگهي. شاهہ صاحب ڪين فرمايو آهي:

”سر ۾ پکي هڪڙو، ماري بينس لک
جنهن تي صاحب جي رک، سو سر ۾ گهمي سُرهو“

جشن ٿڌو ساهہ ڀري چيو، ”سچ دادا سچ؛ حقيقت آهي تہ:

”جنهن تي مالڪ جي رک
سو سر ۾ گهمي سرهو“.

١٥. انوادِ ڪلا

ٽيرٿ وسنت

سنسار ساهتيه جي تاجي پيٽي ۾ جا سروديسڪ ويچارن جي ڳت آهي، تنهنجو وچوروار ورنن ڪرڻ آسان ناهي. ڪن گرنٿڪارن انهيءَ اوج جو ڪليءَ دل سان ذڪر ڪيو آهي ته ڪن اهي اثر جذب ڪري پنهنجي رچنائن ۾ اُٽي ٽٽي ڇڏڻ سان انجو ثبوت پيش ڪيو آهي، ليڪن اها دلچسپ حقيقت آهي ته دنيا اندر ڪو برڪه گرنٿ مشڪل ليندو جنهن ۾ سڌي يا اڻ سڌي ريت اها اوج داخل نه ٿي وئي هجي. لاشڪ انهيءَ پرسپرتا (Mutuality) جا گهڻيئي ڪارڻ آهن، مگر هتي اسين ساهتيه سنبنڌي پرسپرتا جو ئي نهات مختصر ورنن ڪنداسين. اڪثر علم دوستن کي اڳيئي ڄاڻ آهي ته نائين صديءَ ڌاري عرب عالمن ڪيترائي سنسڪرت گرنٿ عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا، جنمان ڪي خالص علمي هئا ته ڪي ادبي؛ ليڪن اِهو انوادي سلسلو ڇهين صديءَ ۾ نوشيروان عادل جي دؤر ۾ ئي شروع ٿي چڪو هو، جڏهن هن "پنچتنتر" جو انواد پهلويءَ ۾ ڪرايو. "هتو اُپديش" جو عربيءَ ۾ ترجمو به ڪافي آڳاٽو آهي، جنهنڪري اهي جانورن جون نصيحت آميز ڪهڻيون ۽ ڪهاڻيون گهڻين ٻولين اندر نرالن روپن ۾ موجود آهن. انگريزيءَ ۾ ته انهن کي "Pilpay's-fables" چوندا هئا ۽ ٻين ٻولين ۾ به شايد ٻين نالن سان مشهور هجن. يورپي ملڪن جو هندي ڪلچر ۽ ساهتيه ۾ چاهه سترهين ۽

ارڙهين صديءَ ۾ اتپن ٿيو، جڏهن اهي قومون واپار سانگي هن ديس سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لڳيون. پوءِ تہ مارش من ۽ ڪيري رامايڻ جا ڪي ڪانڊ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا ۽ گوريسو جو رامايڻ اٽالين ۽ شليگل جو لئٽن ۾ شايع ٿيو. گرونٽ ۽ رميش چندر دت جا انگريزي نظم ۾ رامايڻ گهڻو پوءِ جي پيداش آهن. اهڙي ريت فرينچ ٻوليءَ ۾ فوش (Fauche) مهاڀارت جو ترجمو ڪيو ۽ ٿهانپوءِ ٻين يورپي ٻولين ۾ الٿو ڪيو ويو. فوش، ڪاليداس جي شڪنتلا ۽ وڪرم اُروشي پڻ فرينچ ٻوليءَ ۾ آندا، جي پوءِ سر وليم جونس انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا، ساڳي وقت ويدن، جا ڪي منڊل پڻ انگريزي، فرينچ ۽ جرمن ۾ ترجمو ڪيا ويا هئا. ليڪن جرمنيءَ جو مشهور ودوان مئڪس ميولر ئي هو، جنهن رگ وید جو سائناچاريہ جي ٽيڪا سهت ترجمو ڪيو ۽ اپنشدن جو ٽيڪا سهت ترجمو ڪيو. اپنشدن جا ٽيڪا سهت ترجما تہ خود ببليوٿيڪا اِنڊيڪا ۾ شايع ٿيا هئا ۽ سر وليم جونس، مئڪس ميولر ۽ ٻين ڪيترن ودوانن جي اٽڪ ڪوشش سبب سنسڪرت جي ڀاشا ۽ ساهتيہ ۾ ڪافي دلچسپي پيدا ٿي وئي هئي. دو حقيقت هن وقت جا ڀاشائن جي وگيانڪ اڀياس لاءِ چاهنا اتپن ٿي آهي، تنهنجو پايو وجهندڙ يورپ جا برڪ ودوان ئي هئا ۽ هنن جي محنت ۽ دورانديشي ۽ علم دوستيءَ تي هن ملڪ جي ودوانن ۽ وديارٿين ۾ پنهنجي ديس جي سنسڪرتي ۽ ساهتيہ لاءِ اتساهہ پيدا ڪيو. ممڪن آهي تہ ٻوليءَ ۽ نسل جو پاڻ ۾ ڪو خاص لاڳاپو نہ هجي ۽ جدا نسلن جا ماڻهو هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندا هجن يا هڪ ئي نسل جا جدا

ٻوليون، ته به انهيءَ کان انڪاري ٿي نٿو سگهجي ته جيڪي به شخص قومن وچ ۾ آڳاٽا لاڳاپا ۽ پرسپرتائون (Mutualities) ڳولي، ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي انساني برادرين جو دائرو ڪشادو ٿا ڪن، سي شپ ڪاريءَ ۾ رڌل هئڻ سبب تحسين جا حقدار آهن.

سچ ته يورپ جي ڪن ودوانن اسانجي ڪن برک گرنٿن جا اهڙا سندر ترجما ڪيا آهن، ۽ انهن ۾ پنهنجي ذهن ۽ ذڪا سان ڪي اهڙيون خوبيون درج ڪري ڇڏيون آهن، جي خود اصلي لکيتن ۾ عدم پيدا آهن. ايڊون آرنولڊ جي "پورب جوتي" (Light of Asia) ۽ فٽز جيرلڊ جي "رباعيات" اهڙي نوع جون رچنائون آهن، جن جي جيتري واکاڻ ڪجي، اوتري ٿوري آهي. عجب ته ڪن يورپي ودوانن نه فقط اسان جا گرنٿ پنهنجي ٻولين ۾ آڻي- بلڪ خود اسانجي ٻولين ۾ پنهنجي ٻولين جا ڪتاب ميسر ڪرائي اسانجي ساهتيه کي همٿايو. هنن اسان جي ٻولين جا ڪوش ۽ وياڪرڻ پڻ ٺاهيا، جئن اسان جون ٻوليون اُسري سگهن ۽ اسان ۾ پنهنجين ٻولين جي وگيانڪ ابياس لاءِ چاهنا اُتپن ٿئي. اهي يورپي ودوان ئي هئا جن نه فقط اسان جي قوم ۾ آزاديءَ لاءِ اُمنگ پيدا ڪيو، مگر اسانجي ماڻهن کي پنهنجي سنسڪرتيءَ ۽ ساهتيه کان واقف پڻ ڪيو ور نه اسانجي بزرگن جي اهڙي منوورتي هئي جو مهاتما گانڌي جڏهن آفريڪا مان موٽيو ته "پايونيئر" جي انگريز ايڊيٽر وٽان آدرسٽڪار مليس ۽ هو سنڌس ويچارن جو ورونڌي هوندي به سنڌس پئمفليٽ

چپڻ لاءِ تيار ٿيو، مگر امرتا بزار پتريڪا ۽ ٻين اخبارن جي هندواسي ايڊيٽرن ڪلاڪ سيڙائي ٻڌا ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي ٻن ٽن منٽن اندر هڪالي ڪڍيس. خود ٽئگور سان به ڪلڪتي يونيورسٽي اهڙي ئي تعدي ڪئي. جي هي شخص جنهن ڪڏهن ڪاليج ۾ پير نه پاتو تنهنجي ساراهه ڪرڻ يونيورسٽيءَ جي بي عزتي ڪرڻ سمان آهي. جيڪڏهن ڊبليو- بي- ييٽس گيتانجلي جو مهاڳ نه لکي ٽئگور کي چوٽ نه چاڙهي ها ۽ نوبل پرائيز نه مليس ها ته اهي ڪاليجي آخوند ۽ تيسمار ڪداچت هنجو قدر نه ڪن ها. اسانجي ماڻهن جي ذهنيت ئي اهڙي اڻ سهڻ آهي، يا پنهنجي ليکي ويچار ڪرڻ جي شڪتي اهڙي گهٽ آهي، جو ڌارين جي جاڪوڙ ۽ علم دوستي ۽ حق شناسيءَ جي عدم موجودگيءَ ۾ اسين نڪي پنهنجي آڳاٽي ساهتيه جو قدر ڪريون ها نڪي وري ڪنهن کي اسرڻ ئي ڏيون ها. واقعي اسان ۾ فضيلت ۽ ادبي تميز اينري گهٽ آهي جو گذريل هڪ صديءَ کان مٿي انگريزيءَ جو اڀياس ڪندي ۽ انهيءَ نهايت شاهوڪار ٻوليءَ معرفت دنيا جي علمن ۽ ساهتيه مان واقف ٿيندي به اسان هنجي عالم آشڪار شاهڪارن جا ڪافي انداز ۾ ترجما نه ڪيا آهن ۽ ان عيوض موچارا ۽ معمولي ڪتاب ترجمو ڪري پنهنجي ساهتيه کي وڌڻ ويجهڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. هن وقت اسان وٽ جيڪي ترجما آهن سي اڪثر اڻ پورا ۽ اڌوگابرا آهن، ۽ ڪو به اهڙو ترجمو ناهي جو ترجمان جي ذاتي جوهر سبب فتز جيرالڊ جي رباعيات جيان بذات خود ساراهه لائق هجي.

١٦. اڇو تہ قدرت سان قرب رکون

پوپٽي هيراننداڻي

جيڏانهن درشٽي ڦيراءِ تيڏانهن ڪمزوري ۽ گيدڙپڻو دربلتا ۽ نربلتا، بيماري ۽ روڳ ئي ٿو نظر اچي. اسين سڀ مرجهايل چهرا ۽ ملول مک، بيمار من ۽ روڳي تن ڪڻي پيا ڦرون!

زالن ڏانهن نهارتہ ڪي جهنجهٽن وانگر پيئون ڪڙڪن تہ ڪي بسڪوٽن وانگر پيئون پڙڪن، ڪي اِرانديڪن وانگر پيئون وڄن، ٿڏن ۽ لڏن، تہ ڪي گدرن ۽ ڇانهين وانگر پنهنجي پاڙيءَ ۾ ئي پيئون ترڪن. استريءَ جو سچو روپ ۽ رونق، ڊول ۽ ڊيل، زيب ۽ زينت، حسن ۽ هٻڪار تہ ڏسڻ ۾ ئي ڪين ٿا اچن!

مردن کي ڏس تہ ڪي زالن جهڙا رسڻا ۽ روئڻا، تہ ڪي ٻارن جهڙا بي همت ۽ ڊڄڻا؛ ڪي نرم ۽ نفيس، ڪمزور ۽ پيلا، تہ ڪي سنهڙا ۽ لوڪرا، بندرا ۽ ڇامڙا، گگر ۽ گيدي! سچي مردانگي رکندڙ مرد وارو، نہ منجهن جوش آهي، نہ هوش، نہ مضبوطي، نہ سختي، نہ آب آهي نہ تاب، نہ جلوو آهي نہ جمال، نہ حشمت نہ همت، نہ قد آهي نہ بت، نہ تيج آهي نہ مٽيا!

۽ ٻار؟ جهڙا ڪنيين ڪٽل طوطا ۽ پاڙيءَ ۾ پسيل جهرڪيون، جهڙا ڪن ڪڇيل ڪوئا ۽ اڌ مئل هرڻيون!

انهن جي پيٽ ۾ جڏهين اسين پنهنجن آبن ڏاڏن ڏانهن ٿا نهاريون ته انهن وٽ استريءَ جي سونهن سوڀيا، ناز ۽ آدا، مستي ۽ جهوم، لاڏ ۽ لوڏ جي اها جهلڪ ملندي جا اڄ بتي کڻي ڍونڍيندي به نه لڀي. پرش جي ڏڙڪي ۽ ڪڙڪي، بهادري ۽ همت، جگر ۽ جان، شڪتي ۽ سگهه، ويڪرائي ۽ موڪرائي جا اهي مثال لڀندا، جي اڄ عينڪ پائيندي به نه ڏسجن. ٻارن جي معصوميت ۽ ابوجهائي، حرڪت ۽ ڪيهچل، رسڻ ۽ پرچڻ، تازگي ۽ سادگيءَ جا اهي نمونا نظر ايندا، جي اڄ نهاريندي به ور نه چڙهن!

ڀلا اها سونهن ۽ سگهه، اها جوت ۽ جيت، اهو حياءُ ۽ شرم، اها پوترتا ۽ سادگي اهو روپ ۽ جوڀن، اهو ٻالپڻ ۽ ماتاپڻو، اهو استريپڻو ۽ پرشتو آخر ويا ڪيڏانهن؟

حقيقت ۾ اسانجي سواسٿيه ۽ سگهه جو، اسانجي شڪتي ۽ مضبوطيءَ جو، اسانجي رنگ ۽ رونق جو، اسانجي اروگيتا ۽ نروگيتا جو مدار آهي ئي قدرت تي. جيتري وڌيڪ پرڪرتيءَ سان پريت رکنداسين، جيترو وڌيڪ ڌرتي ماتا ۽ آڪاش پتا جي ويجهو ويندا سين، جيترو وڌيڪ قدرت سان قرب رکنداسين، اوترو وڌيڪ زندگيءَ جو لطف ماڻيندا سين. اسانجي بزرگن کي جيون جي ان ڳجهه جي خبر هئي، صحت ۽ سگهه کي حاصل ڪرڻ جي اها طرز کين آئي ٿي، حياتيءَ جي ان رمز کي انهن پڇاڻي ورتو هو ۽ زندگيءَ جو صحيح مارگ انهن ڳولي لڌو هو.

اسين جڏهين پڙهون ٿا ته آريه لوڪ قدرت جي شڪتين جي پوڄا ڪندا هئا، تڏهين انهن تي کلون ٿا. پر

سچ پچ اسان کي پاڻتي کلڻ کپي(پيار معنيٰ پوڄا ۽ پوڄا معنيٰ پيار) آرين جي سورج ۽ چندرما سان محبت هئي، تارن ۽ ڪتين سان دوستي هئي، وڻن ۽ گلن سان سندن سنبنڌ هو، هوا ۽ پاڻيءَ سان سنيهه هو ۽ ڌرتي ۽ آسمان سان پيار هو. انڪري ئي هو ڊگها ۽ قداور، وڻندڙ ۽ لپائيندڙ، خوش ۽ تندرست، مضبوط ۽ سگهارا، ويڪري دل ۽ ڪشادي من وارا هئا.

وهندڙ ندي ۽ کليل هوا، چمڪندڙ سورج ۽ وسندڙ بادل، ڪڙڪندڙ بجلي ۽ نچندڙ جهرڻا، وڌندڙ وليون ۽ مشڪندڙ پشپ کين ڏاڍا پيارا هئا. قدرت جا عناصر کين شڪتي ڏيندا هئا ۽ طاقت بخشيندا هئا. پرڪرتي جو هرهڪ اَڱُ کين تندرستي ۽ سگهه بخشيندو هو. سرشٽيءَ جو هرهڪ نظارو پسنڪ جو باب بڻجي کين سکيا ڏيندو هو. هُو کليل ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي ويهي ڪم ڪار ڪندا هئا. کليل ميدان تي ڍول مردنگ وڄائي کيل تماشا ڪندا هئا. کليل هوا ۾ وڻن جي هيٺان ئي پاٺشالائون استاپن ڪندا هوا. صحت بخش وايُو منڊل ۾ ئي گهمندا ڦرندا هوا. هنن جي هرڪا چرپر ناچ ۾ بدلجي ويئي، سندن هرهڪ واڪيہ گيت جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، تنگ خيالي ۽ سوڙهي منوورتيءَ مان نڪري هُو ڪشادگيءَ ۽ ويڪرائيءَ ۾ آيا، حيوان ۽ اِنسان جو فرق ڄاڻي هُو اِنسانيت رکندڙ اِنسان بڻيا!

اڄ اسين هوا ۽ مٽيءَ کان، اُس ۽ برسات کان، ندي ۽ جبل کان پري پيا ڀڄون. عجيب و غريب خيال رکي

ٻارن کي قدرت جي گود ۾ وهڻ کان وانجهي ڇڏيو آهي.

چي "هوا ۾ نه ويهه ڏڏ لڳندءِ، اُس ۾ نه ويهه مٿي ۾ سور پوندءِ، مينهن ۾ نه نڪر ليس ٿي پوندءِ، مٽيءَ ۾ نه گهم ميرو ٿي ويندين، نديءَ ۾ سنان نه ڪر ٻڏي ويندين، ٻاهر نه رل ڪارو ٿي ويندين، پٽ تي نه سمهه پٽيءَ ۾ سور پوندءِ، پيرين اُگهاڙو نه گهم چادر خراب ٿي ويندي، ڳانءِ جي اڳيان نه وڃ ٽونو هڻندءِ، وڻن ڏي نه وڃ نانگ ڏنگيندءِ، ويڪرو ۽ مضبوط نه ٿيءُ ڪير پسند ئي نه ڪندءِ......"

اسين بند گهر ۽ بند سڪول ۾، بند آفيس ۽ بند ڪارخاني، بند هوٽل ۽ سئنيما، بند موٽر ۽ بند هوائي جهاز ۾ ئي قابو آهيون. اجا به درين کي پردا، بالڪنين تي چيريون، موٽر کي شيشا، پٽ تي غاليچا، بت تي رين ڪوٽ، اکين تي ڪاري عينڪ، اُس لاءِ ڇٽي کڻي قدرت جي سپرش کان پاڻ کي پيا پري رکون. هوا وڻي ٿي پر نه قدرتي هوا- پنکي جي جڙتو هوا ئي اسان کي پياري آهي. نظارا وڻن ٿا پر نه اصلي نظارا- سئنيما جي پردي تي نظارن جا پاچا ڏسي ئي ٺرون ٿا. ڌرتي وڻي ٿي پر گاهه ۽ مٽيءَ واري نه، ڏامر ۽ ٽائيلس واري زمين تي گهمڻ ئي پسند ڪريون ٿا. آسمان وڻي ٿو پر کليل ۽ لامحدود نه، دريءَ مان آسمان جو ٽڪرو ڏسي ئي خوش ٿيون ٿا.

اسان کي خبر به آهي ته بجليءَ ۾ ايڏي طاقت آهي جو ان جي زور تي ڪلون ۽ ڪارخانا هلي سگهن ٿا.

معلوم ٻه آهي ته سج جي ڪرڻن ۾ ئي ساهوارن جي شڪتي سمايل آهي، ڄاڻ ٻه آهي ته هوا ۽ آڪاش جي لهرن جي زور سان ئي ريڊيو ۽ وايرليس هلي سگهن ٿا، سڌ ٻه آهي ته برساتي بوند ڌرتيءَ اندر ويڻل ٻج کي ساڻي جي صورت ۾ ٻاهر ڪڍڻ جي شڪتي رکي ٿي، سمجهه ٻه آهي ته مٽيءَ ۾ هزارين گڻ آهن، تڏهن ٻه سج کان پري، زمين کان دور، هوا، برسات ۽ آڪاش کان ڏهه ڪوهه ڏور ڀڄندا اسين!

ويچاري قدرت! هوءَ ته اسانجي ويجهو اچڻ لاءِ وڏا وس ٿي ڪري، گهڻا واجهه ٿي وجهي! سات سوڻ جي روپ ۾، ڌرم نيتيءَ جي نالي ۾، سونهن سوڀيا جي خيال ۾، وندر ورونهن جي ويچار ۾ اچيو اسان اڳيان حاضر ٿئي. شڀ موقعي تي انب جا پن، مرتيو-سنسڪار ۾ ڪاٺين ۾ ڪاٺ جا سلا، ڌرم وڌيءَ ۾ تلسي ۽ ڪيوڙو، سونهن وڌائڻ ۾ گلاب موتئي جون ڪونديون، وندر ڏيڻ لاءِ برنيءَ ۾ مڇيون ٻڌيجي پيئي ليئا پائي اسان ڏانهن نهاري! پر اسين ساڻس پريت رکون ئي ڪين، مترتا جوڙيون ئي ڪين، سنٻنڌ رکون ئي ڪين، ساهيڙي پايون ئي ڪين، مٽي مائٽي ڳنڍيون ئي ڪين!

نتيجو اهو ٿيو آهي جو اسين ماڻهن مان ڦري مشينون ٻڻجي پيا آهيون، اِنسان مان بدلجي حيوان ٿي پيا آهيون بدزيبا ۽ بدشڪل، بيمار ۽ موڳا، سوڙها ۽ تنگ، ڪڪ ۽ بيزار ٿي پيا آهيون. ڪم ڪريون ٿا پر سنتوش نه ٿو ملي، پيسو آڻيون ٿا پر فرحت نه ٿي ملي، مزا اُڏايون ٿا پر

شانتي نہ ٿي ملي، شونق ونون ٿا پر آرام نہ ٿو اچي، ڪلون ٿا پر من منجهي ٿو وڃي، نچون ٿا پر دل اُداس ٿي ٿي وڃي، ڳايون ٿا پر هردو ٿنڌڙ بدران سسي ٿو وڃي، ٽهڪ ڏيون ٿا پر آتما روئي ٿي ڏئي! ٻار ڪومائجي ويا آهن، زالون مرجهائجي ويون آهن ۽ مردن مٿان مردني ڇانئجي ويئي آهي! اسين ان ۾ ئي خوش آهيون تہ اسان وٽ ڪلون ۽ ڪارخانا آهن، توبون ۽ تارپيڊو آهن، اوزار ۽ ائٽم بم آهن، يوجنائون ۽ ڪوجنائون آهن، سنسٿائون ۽ سڀائون آهن، سنگٺون ۽ منڊل آهن، محل ۽ ماڙيون آهن، پريزيڊنٽ ۽ پرائيم منسٽر آهن.

اسين ڀيل تہ لباڙ هڻون تہ اسانجا آبا ڏاڏا اُٺ تي پر اسين هوائي جهاز ۾، اُهي ٺڏي تي پر اسين پلنگ تي، هو ڍڳي گاڏيءَ ۾ پر اسين موٽر ۾ آهيون؛ هو مٽيءَ جي جهوپڙيءَ ۾ پر اسين سيمينٽ جي مڪان ۾ رهون ٿا، گهمون ٿا، ويهون ٿا، چڙهون ٿا، پر اسين لچڪڻا ۽ ٺڏڻا، رسڻا ۽ ٻچڻا، پيلا ۽ ڳهيلا، جونا ۽ نقلي جو آهيون! اسانکي سهڻ ۽ سگهڻ لفظن جي معنيٰ نٿي اچي، اسان وٽ صحت ۽ سوڀيا نہ آهي، اسان ۾ جگر ۽ جان نہ آهي! اسانجو من ۽ تن ٻئي روڳي آهن!

اسين فئشن ۽ فضيلت کي هرهڪ ڳالهہ ۾ نپائي ٿا اڏيون، نيمن ۽ قاعدن جون لنبيون يادداشتون ڏاهي پاڻکي انهن ۾ ويڙهي ٿا رکون، سياڻپ ۽ سمجهہ جون اُبتيون معنائون ڪڍي الائي ڪيڏانهن پيا ڊوڙون، ترقي ۽ سڌاري جا عجيب ڍنگ ۽ ڍونگ قائم ڪري انهن اندر پاڻکي

چوکنيو ٻڌي وينا آهيون! رواج ۽ عقل جا لوڙها ڏيئي پاڻکي قيدي بڻائي وينا آهيون. وڏا ته نهيو پر ننڍين ٻارن کي به سندن عمر ۽ سياءَ واري شرارت ۽ مستي ڪرڻ نٿا ڏيون. اسين چاهيون ته هو به ڳالهه جي نقصان ۽ فائدي کي جلد سمجهي وڃن، اسان وانگر ڳٽيون ۽ گهٽڪا کائين، راند روند ۾ وقت نه وڃائين، پر وڏن جهڙا سياڻا ۽ گنڀير بڻجي وڃن!

پر هيءَ ننڍائي ۽ ماٺائي، هيءَ سستي ۽ ڪمزوري، هيءَ بيوسي ۽ لاچاري، هيءَ بي همتي ۽ هيٺائي ڪا اسان کي سونهين ٿي؟ انسان جو پاڻکي پاڻي، هوا ۽ زمين جو جيتيندڙ، دماغ جي گهوڙن جي شرط پڇائيندڙ، پسن ۽ پکين مٿان حڪم هلائيندڙ ٿو سمجهي تنهنڪي هي روڳ ۽ بيماريون، هيءَ تنگي ۽ سوس، هيءَ بي آرامي ۽ مونجهه ڪا سوڀيا ڏين ٿا؟

ٻارن کي ڇڏيو ته وجي لامن کان لـذت، گلن کان مشڪڻ، تارن کان اشارا ڪرڻ ۽ لهرن کان ٽپڻ راند سکن! ڇهه ڏينهن سڪول جي بينچن سان ۽ ستين ڏينهن گهر جي پلنگن سان ڪين ٻڌي نه وهاريو!

نينگرين کي ڇڏيو ته شرم ٻوٽيءَ کان حياءُ، وڻن کان تازگي، بهار کان رونق ۽ آبشارن کان البيلائي وٺي اچن! مٽيا ۽ ڪپڙا، موٽرون ۽ بنگلا ڏيکاري ڪين ٻوڪ ۽ بيوقوف نه بڻايو!

نوجوانن کي ڇڏيو ته وجي بادلن کان گنجگوڙ، سمنڊ کان جوش، پربتن کان پختائي ۽ سندن چوٽين کان اوچائي

سگهي اچن! عياش هينري ۽ چپ لڙڪائيندڙ جيمس پاڙهي
کين بودا ۽ چِسا نه بڻايو!

اچو ته سونهن ۽ سوڀيا، طاقت ۽ صحت وري هٿ
ڪريون. اچو ته شڪتيءَ کي پيار ڪريون ۽ کيس پوڄيون.
امبا چئجونس يا درگا، ديوي چئونس يا ڪالي، پر هوءَ
اسان کي ضرور کپي. (جيئن ريڊئي کي ايئريل ۽ ارٿ
(Aerial and earth) ٻنهي جي ضرورت آهي، تيئن اسان
کي به آسمان ۽ ڌرتي ٻنهي جي گهرج آهي. جيئن ڪلن
جي پرزن کي بجليءَ جي ضرورت آهي، تيئن اسانجي
شرير جي عضون کي به بجلي جي جنبش کپي.

اُمنگ ۽ رنگ، نرتيه ۽ گيت، لئه ۽ مڌرتا، پوترتا ۽
تازگي، موج ۽ بهار، سر ۽ آلاپ، طاقت ۽ سگهه، ڏيگهه ۽
ويڪر، ڦڙتي ۽ چستي، لالائي ۽ رنگيني، ٻهڪ ۽ رونق،
ٻل ۽ پراڪرم سڀ اسان کي قدرت وٽان ئي ملندا.
تنهنڪري اچو ته قدرت سان قرب رکون.

١٧. حياتيءَ جو مقصد

ڌرمداس آر. ڪشتريا

هيءَ حياتي بنا ڪنهن مقصد جي ٿي نه ٿي سگهي. ضرور ڪو مقصد هوندو جنهن لاءِ اسين هن دنيا ۾ آيا آهيون. سمنڊ ۾ جهاز وڃي ٿو ڪنهن مقصد سان ۽ اهو آهي ڪنهن بندر تي پهچڻ. سج اُڀري ٿو ڪنهن مقصد سان- ڌرتيءَ تي جي جيوَ جنتر رهن ٿا اُنهن ۾ شڪتي ۽ گرماش ڏيڻ لاءِ ته جيئن جيئڻ سگهن ۽ ڌرتيءَ ۾ جي ٻج وجهجن ٿا اُنهن کي گرماش ڏيئي پيدائش ڪرڻ لاءِ. چندرما اُڀري ٿو ڌرتيءَ تي سيتلتا آڻڻ لاءِ ۽ رات جو روشني ڏيڻ لاءِ. اناج ميوا ڀاڄيون وغيره پيدا ٿين ٿا انسان ۽ ٻين جيون کي کاڌو پهچائڻ لاءِ. مطلب ته هرهڪ جيوَ جنتو ۽ هر چيز لاءِ ڪونه ڪو مقصد رکيل آهي.

اِنسان جو مقصد ڪهڙو آهي؟ اِنسان ڪهڙي مطلب لاءِ پيدا ٿيو آهي؟ هيءَ حياتيءَ جا سراسري ٥٠، ٦٠ يا ٧٠ سال آهي سا ضرور ڪنهن مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ اِنسان کي ملي هوندي. اجائي وڃائڻ لاءِ ڪانه ملي هوندي.

هيٺئر ڏسون ته اُهو مقصد ڪهڙو آهي؟ ۽ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

عام طور رواجي ماڻهن جو مقصد هوندو آهي، مايا ڪٺي ڪرڻ، مؤجون ماڻڻ، سوادي کاڌا کائڻ، عيش عشرت جي حياتي بسر ڪرڻ، نالو يا ناموس ڪيڻ وغيره.

پيءُ ماءُ ٻار کي پاڙهيندا آهن اِنهيءَ خيال کان ته هو ڪا وڏي ڊگري حاصل ڪري خوب ڪمائي ۽ مزي جي حياتي گذاري. ٻار جي اڳيان مقصد ئي اهو رکندا آهن ته وڏي هوندي شادي ڪري پاڻ ۽ پنهنجن ٻارن سان سکي جيوت ڪاٽي ۽ خوب شاهوڪار ٿي موجون ماڻي، موٽر گاڏيون رکي، عاليشان جاءِ ۾ رهي.

چا اِنسان اِن لاءِ ئي پيدا ٿيو آهي ته خوب سوادي کاڌا کائي گهمي ڦري موجون ڪري، جام پيسو ڪمائي پنهنجي شرير تي لڳائي ۽ شرير کي سکي رکڻ لاءِ نوان نوان نمونا ڳولهي ڪڍي! چا اِئين ڪرڻ سان اِنسان سچ پچ سکي ٿئي ٿو؟ آزمودي مان ڏٺو ويو آهي ته اِنسان جيترو وڌيڪ سوادي کاڌو کائي ٿو اوترو وڌيڪ بيمار ٿئي ٿو. ڳورا طعام دير هضم ٿين ٿا جنهن ڪري بيماريون جلد ورائي وڃن ٿيون. زبان جي چشڪي وڌائڻ سان کاڌي لاءِ لوڀ وڌي ٿو جنهن ڪري هاضمي جي شڪتي خراب ٿئي ٿي ۽ اِنسان بيمارين جو شڪار ٿيو پوي. جيڪڏهن کاڌن ۽ نون نون طعامن ۾ سک هجي ته هيئنر ماڻهو سڀ سکي هجن. پر اُتلندو هو ته بيمارين جو شڪار آهن ۽ دکي اِنسان آهن. کاڌو آهي اِنسان جي جيئاپي لاءِ ۽ نه جيئڻ آهي کاڌن لاءِ. چا تڏهن پيسو ميڙڻ حياتيءَ جو مقصد آهي؟ جي اِئين هجي ها ته شاهوڪار سڀ سکي اِنسان هجن ها. پر اِئين نه آهي. شاهوڪارن کي غريبن کان وڌيڪ ڳڻتيون هونديون آهن. شاهوڪار کي تمام گهڻو پيسو هوندو ته لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو ته متان انڪم ٽئڪس وارا

۽ وڌيڪ ٽئڪسون وجهن. هميشه پيو ڊڄندو ته متان سرڪار کي نه خبر پوي ته مون کي گهڻا پيسا آهن. لڪايل پيسي کي بلئڪ (ڪارو) پيسو چئبو آهي. تنهنڪانسواءِ پئسي هئڻ سان ترپتي نه ٿيندي آهي، پاڻ لوڀ وڌندو ويندو آهي وڌيڪ ۽ وڌيڪ پيسو ڪمائڻ لاءِ؛ پوءِ ٺڳيون ۽ ڪوڙ به گهڻا ئي ڪرڻا پوندا آهن. من جي شانتي نڪري ويندي آهي. ڪيترا شاهوڪار ڪيترين بيمارين جو شڪار هوندا آهن. وڏيون وڏيون بيماريون جيئن ته دل جي بيماري، اَڌرنگ جي بيماري، مٺن پيشابن جي بيماري ۽ دماغي بيماريون گهڻو ڪري شاهوڪارن کي ٿينديون آهن ڇاڪاڻ ته هنن جي من ۾ شانتي نه هوندي آهي. ڳڻتيءَ ڪري، هٻڇ ڪري ۽ لوڀ ڪري اِهي بيماريون ۽ من تي بوجو هميشه رهندو آهي.

تنهن ڪري اِئين چوڻ ته پيسا ڪٺا ڪرڻ يا شاهوڪار بڻجڻ حياتيءَ جو مقصد آهي سا وڏي مورکتا آهي. پيسو مقصد نه آهي، پر پيسو هڪ وسيلو آهي جنهن رستي کاڌو پيتو، دوا درمل هٿ ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري پيسي جو غلام نه ٿجي پر پيسي کي فقط هڪ واهڻ سمجهجي.

تڏهن ڀلا وڏو ماڻهو ٿيڻ ۽ ناموس ڪڍڻ حياتيءَ جو مقصد آهي؟ ڪي ماڻهو پنهنجي نالي ڪڍڻ لاءِ سڄي حياتي برباد ڪندا آهن. هو فقط اِهو ئي چاهيندا آهن ته ماڻهو مونکي وڏو ڪري سمجهن، ليڊر ڪري سمجهن ۽ منهنجي پوڄا ڪن ۽ چون ته واه جو فلاڻو ماڻهو آهي. پنهنجي ساراه ٻڌي گد گد ٿيندا آهن؛ جيڪي ڪم ڪندا

آهن سي اِنهيءَ مراد سان تہ سندن نالو نکري. دان کندا يا کنهن جي شيوا کندا اِنهيءَ مراد سان تہ سندن واہ واہ ٿئي. اِنهيءَ خيال کان دان يا شيوا نہ کندا تہ کو سڀ پڇ پئي جو پلو ٿئي پر فقط سندن ساراہ ٿئي. ڪوشش اِئين کندا تہ سندن نالو اخبار ۾ پوي ۽ ماڻهن ۾ مشهوري ٿئي. پر ڏنو ويو آهي تہ ماڻهن جي ساراہ تي ڪو بہ اعتبار ڪونهي. ماڻهو اڄ ساراہ کندا تہ سڀان ساڳئي ماڻهوءَ جي گلا کندا.

هڪ شاعر لکي ٿو تہ ڪنهن ديش شيوڪ جي ڏاڍي ساراہ ٿي ۽ جڏهن شهر مان لنگهيو ٿي تہ سمورو رستو گلن سان ڇانئجي ويو. ماڻهو سندس درشن لاءِ بي آرام پئي ٿيا. اِن ساڳئي ديش شيوڪ سان جڏهن ڪنهن ڳالهہ تي ماڻهن جو مت ڀيد ٿيو تہ ڪيس پٿر هڻڻ لڳا ۽ سندس منهن مان رت وهڻ لڳو. سرڪار جڏهن حڪم ڏنو تہ ڪيس ڦاسي ملي تہ اُهي ئي ماڻهو جي ڪنهن ڏينهن ڪيس گلن جا هار وجهندا هئا سي ڪيس ڦاسيءَ تي چڙهندو ڏسي خوش ٿيڻ لڳا. تنهنڪري ماڻهن جو ناموس هٿ ڪرڻ جي چاهنا رکڻ وڏي مورکتا آهي.

پلا تڏهن حياتيءَ جو مقصد ڇا آهي ۽ ڇا هئڻ گهرجي؟ اسانکي هن حياتيءَ ۾ ڇا حاصل ڪرڻو آهي؟ هن حياتيءَ جو مقصد آهي نہ ساهوڪار ٿيڻ ۽ نڪي عيش عشرت جي زندگي ڪاٽڻ يا مزا ماڻڻ. اهي سڀ ٿوري وقت جو ڏيکاءُ آهن. اهي رڃ مثل آهن. اِنهن ۾ سچو سک ڪونهي، سچو سک ۽ سچي خوشي اندر ۾ آهي، من ۾ آهي، هردي ۾

آهي. جڏهن من ضابطي کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي تڏهن ئي اِنسان اِندرين جو غلام ٿيو پوي ۽ پوءِ هٻڇ لوڀ، تِيسو سار غصو ڪاوڙ خراب خيال ۽ ٻيا وڪار من جي مٿان غالب ٿيو پون، جنهن ڪري انهن جو نتيجو پوڳي انسان بيحد دکي ٿيو پوي.

تنهنڪري انسان جي حياتيءَ جو مقصد آهي "پاڻ کي سڌارڻ" يعني من تي ضابطو رکڻ. من ۾ ڪيترا وڪار پيا آهن ۽ اُنهن کي ڪڍڻ لاءِ ئي هيءَ زندگي مليل آهي. جو اِنسان پاڻکي سڌارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ڪام ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار وغيره ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، اُهو ئي اِنسان سکي رهي ٿو. اِنهن وڪارن کي ڪڍڻ لاءِ زبردست جنگ جوٺي آهي. جيئن جيئن اِنسان من تي ضابطو حاصل ڪندو ويندو، تيئن تيئن وڌيڪ سکي ٿيندو ويندو ۽ اندر ۾ شاهوڪار ٿيندو ويندو ۽ اندر جو خزانو حاصل ڪندو ويندو. اِندرين يا من کي پورن وس ۾ رکڻ ئي هن حياتيءَ جو مقصد آهي. سري گرو نانڪ، ڪبير ۽ گوتم ٻڌ به اِهو ئي مارگ ٻڌايو، سڀني ائين ئي چيو ته من کي جيتڻ سان ئي سچو سک حاصل ٿئي ٿو؛ تنهنڪري هيءَ حياتي جا سراسري ٥٠ يا ٦٠ سال اِنسان کي مليل آهي سا من کي جيتڻ لاءِ مليل آهي. من کي ضابطي ۾ آڻڻ سان اِنسان ڪاڏو ڪائيندو نه لوڀ جي وس ٿي، پر اوترو جيترو ضروري آهي ۽ جو هضم ٿي سگهي. اُهو اِنسان پيو ڪمائيندو پر پيسي جو غلام نه ٿيندو ۽ پيسو ٻين جي ڀلي لاءِ ۽ پراُپڪار لاءِ ڪم آڻيندو؛ اُهو ماڻهو شيوا ڪندو نه پنهنجو

ناموس کيڻ لاءِ پر سچ پچ ٻين جي ڀلي لاءِ جنهن ۾ ٻيا ڀائر ڀينر سکي رهن. اُهو ماڻهو لوڀ جي وس نہ ٿيندو ۽ لالچي نہ ٿيندو ۽ کو غلط ڪم يا بي انصافيءَ جو ڪم نہ ڪندو. دنيا جا ڪم ڪاريون بہ ڪندو پر روز من کي ڏينهون ڏينهن ضابطي ۾ آڻيندو ويندو. اهڙي اِنسان ۾ ڪيڏي نہ پوترتا، ڪيڏي نہ نمرتا، ڌيرج، پريم ۽ پراُپڪار! تنهن ڪري جو اِنسان پنهنجو مقصد پوريءَ طرح سمجهي ٿو سو پنهنجي حياتي اجائي نٿو وڃائي ۽ اجاين بي سود لالچن جي ڪڍ پئي پنهنجي حياتيءَ جو قيمتي وقت نٿو وڃائي؛ پاڻ تي ضابطو آڻي ۽ پاڻ کي سڌاري من ۽ هردي ۾ شانتي حاصل ڪري ٿو. (اهڙو اِنسان نيٺ ايشور جو درشن حاصل ڪري ٿو جتي هميشہ آنند آهي. من جي آئيني تي جا وڪارن جي ڪٽ چڙهيل آهي سا جڏهن صاف ٿيندي، تڏهن ئي ايشور جو درشن پراپت ٿيندو.)

١٨. تون پڇين ٿو، مان اُداس ڇو آهيان؟

ڪيرت ٻاٻاڻي

تون پڇين ٿو، مان اداس ڇو آهيان؟ ويتي ويتي اداسائي دل تي ڇانئجي ويندي آهي. دل جي اونهائيءَ ۾ هڪ تنهائي محسوس ڪبي آهي. تنهائي ۾ هڪ هلڪو هلڪو چڀيندڙ درد! من جو پکيئڙو اڏامندو، عرش جون ڪئين منزلون طئه ڪندو، اڻ وسريل ياد واريون جڳهيون ۽ نظارا ڳوليندو رهندو آهي.

هيءَ نوابشاهه جو ننڍڙو نگر آهي. هن شهر جو هرهڪ رستو، هر گهٽي، هرهڪ جڳهه، هرهڪ پٽ مونکي سڃاڻي. مان ڪوڙ ڪونه ٿو ڳالهايان. مونکي جهولي لعل جو قسم آهي! پڇي ڏسو هرهڪ پٽ کان، ته مون مٿس ڪيترا پوسٽر لڳايا هئا، ڪيترا ڀيرا چاڪ سان، ”انقلاب زنده باد! ڀارت ماتا جي جئه! ۽ هندو مسلم ڀائي ڀائي“ لکيو هو! پڇي ڏسو هرهڪ رستي ۽ گهٽيءَ کان ته مون مٿن ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا ٿي ٽپون ۽ ڊوڙون پاتيون، ڌڪا کاڌا ۽ سندن خاڪ پنهنجي جسم کي ملي؛ ڏسو توهان کي شاهدي ڏين ٿا يا نه!

پلا مونکان اُهو ولسن هاءِ اسڪول وسري سگهي ٿو، جنهنجي ننڍڙي باغيچي ۾، مان پنهنجن هم عمر ساٿين سان شام جو ويهي، مُوريون، گجرون، پالڪ ۽ ميٿي پوکيندو هوس ۽ گل ٻوٽا لڳائيندو هوس! مونکي ڪير

ٻڌائيندو تہ اهي منهنجا لڳايل گل ۽ ٻوٽا ڪيئن آهن؟ مرجهائجي ويا آهن يا اڃا انهن ۾ اهائي مهڪ ۽ مشڪ آهي ۽ سورج جي پهرين ڪرڻي سان پنهنجا ننڍا ڪڙا نيڻ ڪر موڙي کوليندا آهن. جي ها، تہ ڪهڙو منهنجو رفيق انهن منهنجي لڳايل گلن جي جيءَ سان پرورش ڪري ٿو؟ مان ڪيس سلام ٿو موڪليان. پڪ چاڻي تہ اُنهن گلن جي سڳنڌ هوا جي تهن مان ترندي منهنجي هن نرڳہ جهڙي ڪوٺي ۾ اچي منهنجي دماغ کي معطر ڪندي.

ڀلا هن پنهنجي ڏوست چيتي جو گهر ڀلجي سگهندس؟ ان گهر جي هرهڪ سر منهنجي واقف آهي. اُٿي ئي تہ پهريون دفعو منهنجي دل گم ٿي ويئي هئي. مون هڪ هڪ سر ڪري پنهن جي دل کي ڳوليو پر مونکي ڪٿي بہ نہ ملي، مونکي ڪهڙي خبر تہ ڪو ان کي چورائي ويو آهي ۽ وري قيام اها دل مونکي واپس نہ ملندي. ۽ چور؟ اهو بلڪل منهنجي اکين جي سامهون شرارت ڀري نظر سان مون تي مشڪي رهيو آهي. مون کي اها حياتيءَ ڀر نہ وسرندڙ گهڙي اڄ بہ ياد آهي. هن ويٺي منوڙيءَ راند ڪئي. نوڙي ٻن نينگرين ويٺي هلائي، ۽ هن ڀئي ٽپا ڏنا. عورت هوندي ئي سونهن جو ڦوهارو، پر جڏهن مٿس جوانيءَ جي مدرتا ۽ چنچلتا ڇانيل هوندي آهي تہ هوءَ سونهن جو هڪ ٻي باڪ آبشار معلوم ٿيندي آهي. هنجي انگ انگ ۾ مستي هئي، للڪار هئي، سندرتا هئي، زندگيءَ جي اُڇل هئي! مان چاهيان نہ چاهيان، بازي هارائي ويٺو هوس.

تير ڇڏي ويو هو، جنهنکي واپس تيردان ۾ آڻڻ ڪنهنجي
به وس جي ڳالهه نه هئي.

پلا هو محمد بخش ڪاسائي ڪٿي؟ هئو نه برابر
ڪاسائي، پر دل نه ڪنول جي گل جهڙي نرم هئس.
مونکي ڪلهي تي کڻي وڻاڻ گهمائيندو هو، ڏڻ ڏيکاريندو
هو ۽ جيرا ڪارائيندو هو. جڏهن پڇاڙيءَ وارو پيرو ڳوٺ
موڪلائڻ لاءِ ويس، تڏهن پنهنجي دستار سان اکين جون
پلڪون اُگهي پيار ڀريون ڳرانڙيون پائي چيائين "ننڍڙا
ديوان! ٻه ٽي ڏينهن ترس. ڪوٽڙيءَ جا پلا، ناروشاه جون
نارنگيون، سڪرنڊ جا پيڙ ۽ محرابپور جا پيڙا ڏيو تي ڪائي
پوءِ وڃج."

تون پڇين ٿو، مان اداس ڇو آهيان؟ هيءُ حيدرآباد
جو سهڻو شهر آهي؛ ڪيترا نه پيرا مان هن تاريخي شهر جو
ديدار ڪرڻ آيو هوس! ڏس هيءَ قليلي پنهنجي قوه جوانيءَ
۽ مستيءَ ۾ پئي وهي. سندس گڙ...گڙ... جو آواز اڃا پيو
ڪنين پوي. مهاڻا پنهنجن ٻوندين، ٻتيلن ۽ مڇين ۾
وينا سئي جي هالاري جبل ۾ پٽڪڻ جا ورلاپ ڪن.
پرسان ئي هيٺ آهي، مائي ڏائيءَ جو ڀوڙو-ڇنڊي جو ڪائي
وڃڻ ڪان سواءِ توهان چڻ حيدرآباد ۾ جهڙا آيا ٿهڙا نه.
مبارڪ آهي مائي تنهن جي هٿ جي شيري. ماڻهو
سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان تنهن جي ڀوڙي جي هاڪ ٻڌي
ٽا اچن. اڄ ڪلهه، اتي مائي ڏائي هوندي يا ڏائي جي
پوٽي، پر اها ڀوڙي ۽ ڇنڊيءَ جي هاڪ ۽ شيري سنڌ پر
مشهور هوندي.

هاڻي اچي ميرن جو هي ٻڌل قلعو ڏسو: ميرن جي صاحبيءَ جو پويون نشان. قلعي ڏسندي تاريخ جا ڪيترا ورق اکين اڳيان گذري ٿا وڃن. انگريزي سامراجين هتي پنهنجي سوڀ جا پنلا لڳائي ڇڏيا آهن. ڀلا وقت جي سرڪار انهن داغن کي مٽائڻ لاءِ ڪهڙي ڪوشش ٿي ڪري؟ شايد هو پنهن جي طاقت کي برقرار رکڻ جي ڪم کان فارغ ئي ڪونه ٿيا آهن! پرسان ئي مياڻيءَ جو ميدان آهي، جتي شير دل بلوچ انگريزي گولين جو مهاڏو ڪندي زمين تي ڪريا هئا. اڄ ڪوئي هنن جي شهادت جي تاريخ لکڻ جي ڪم کي لڳو آهي، ڪين انهن جي دليريءَ جا ورق وساريا ويا آهن!

پرسان ئي ڪوٽڙي آهي - پلن جو پتڻ. ڪوٽڙيءَ جو تازو سيڪيل پلو کائڻ سان، 'رب جو سنهن' بهشت جو ميوو ياد اچي ويندو هو. هتي ئي ٻيڙيءَ تي چڙهي، سنڌوءَ جي چنچل لهرن مٿان اسان هڪ چانڊوڪيءَ رات جو سئر ڪيو هو. رات جي خاموشي، چانڊاڻ جي سيتلتا ۽ لهرن جي مدهوشيءَ ۾ منهن جي دوست جيڪو دل جو آلاپ "او! منهنجا پرديسي پريتم تنهن جي ياد ستائي ٿي" بلند ڪيو هو، سو اڄ به هوا جي لهرن سان ٽڪرندو رهي ٿو، ۽ ڪڏهن اها زخميل دل جي پڪار دل ۾ پيهي ٻجليءَ جهڙي سرسرات پيدا ڪندي آهي.

تون پڇين ٿو مان اداس ڇو آهيان؟

هي شڪارپور آهي، منهنجي دوست ڪڪوءَ جو جنم آستان. هينئر منهن جو دوست مون کان رسي ويو آهي

۽ مون وٽ وري اچڻ وارو نه آهي، پر سندس يادگيريون ۽ سندس شهر جا واقف نظارا مون وٽ ڇڏي ويو آهي. اڪيلي ڪڪوءَ جي اڪيلي ناني، منهن جي به ناني هئي. سندس سڪ ۽ ممتا مون کان ڀلارائي ڇڏيندي هئي ته هوءَ ڪڪوءَ جي ناني آهي يا منهن جي ناني!

هيءُ اهو شهر آهي، جتي ڪيترا سنت ۽ ڪوي پيدا ٿيا. ان ئي مٽيءَ مان سنڌ جو نوجوان باغي شاعر "اياز" جاڳيو، جنهن جي گيتن جي گونجار ساري سنڌ ۾ ڦهلجي ويئي.

اڄ به نظارو ياد آهي، جڏهن "اياز" سيني روايتن ۽ بندشن کي ٽوڙي "رام باغ" جي هڪ عوامي ميڙ ۾ پنهن جو محبوب گيت ڳايو هو: "او باغي، او را جدروهي، ڀارت جي بلوي جا باني......"

اڄ به اهي روح پرور نغما سنڌي عوام جي چپن تي نچندا هوندا ۽ پرورش پائيندا هوندا.

هيءُ هاٿي در، هيءُ لکي در، شام جو سهانو سمو، هيءُ يارن جا ٽولا، هي حسينن جون چانگون! اهي به ڪي وسرڻ جهڙيون ڳالهيون آهن! ۽ سنڌ واهه! ڪو چوندو هو "جن جي گهر ۾ سنڌ واهه وهي، سي گنگا وڃن نه گوڏڙيا..." اونهاري جو وقت هو. ساري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان نوجوان وديارٿي ڪانفرنس جي موقعي تي اچي ڪٺا ٿيا هئا. خوب گرما گرم بحث ٿيو، ڪشمڪش ٿي، تقريرون ٿيون، نعرا و پاس ٿيا ۽ پوءِ هو سنڌ جي واهه تي شيل! پاڻيءَ ۾ ترڳڻ، انبن جي رس چوسڻ، گوشت تي جهپا هڻڻ ۽ ٽهيون ڏيڻ!

اهڙي وقت ۾ سنگيت جو ميناج هو، نرتيه جي مڌرتا هئي ۽ چترڪاريءَ جي رنگيني سمايل هئي.

بلڪل ويجهو ئي سکر آهي - سنڌ جو شان. سکر ڀلا ڪو ڏسڻ جو شهر آهي! بس دل تي چٽڻ جو آهي. هڪڙو چتر اکين ڪان پري ئي نٿو ٿئي ته ٻيو ان کي ٽپلهو ڏيئي اچيو اڳيان بيهي. چڙهو نه معصوم شاهه جي مناري تي، جڻ عرش جا سئر ڪيوَ! مٿي چڙهڻ سان ائين محسوس ڪندا، جڻ اهڙي بلنديءَ تي پهچي چڪا آهيو، جتان قدرت جي وسعت کي اوهان پنهنجي گود ۾ سمائي ڇڏيو.

اچو ته سکر براج جو سئر ڪري اچون. هي سنڌوءَ جي ڇاتيءَ تي انسان جي فتح جو ڪمرپٽو بڌل آهي — ستر دروازن جو بند جنهن سنڌو جي مدمست پاڻيءَ کي لغام وجهي وس ڪيو آهي. هي سنڌ جو جياپو آهي، ڪيتن جو روح آهي. اها اونهاري جي هڪ دلربا رات جا مون براج پل تي ڪي گهڙيون گهاري هئي، سا قيامت پر نه ڀلجي سگهندس. پاڻيءَ مٿان جڻ ڪنهن ڀڳهاريل چاندي اوتي ڇڏي هئي. پاڻيءَ جي گڙگڙاهٽ جو انوکو آلاپ ۽ لهرن جي ناز و ادا!

هتي بکر آهي، زنده پير آهي، پر سان روهڙي شريف آهي ۽ پاڻي جي وچ ۾ ساڌ ٻيلي جو ٻيٽ. دريا شاهه جي ڇاتيءَ تي، هيءُ ننڍڙو ٻيٽ آنند جو آستان آهي. ڪيترا ٻيرا درشن ڪرڻ ڪانپوءِ به دل ڍاپڻ جي نه آهي. ڀلا قدرت جي سونهن مان به ڪڏهن ڪير ڍائو آهي! آرتوار جي ڏهاڙي تي ڇا ٻيهه هوندي هئي! سڄو سکر اچي پلٽجندو هو.

اهڙي موقعي تي مور ۽ ڍيلون پنهنجا پر پکيڙي جا رمت رمنديون هيون سا ڀلائڻ جي نه آهي.

تون پڇين ٿو، مان اُداس ڇو آهيان؟ هي سنڌ جو بهشت! ڪراچي عاليشان شهر— هن شهر سان منهنجو نينهن آهي، ڇو ته اسان جون ڪيتريون يادگيرون ڳنڍل آهن، هن شهر سان. هن شهر جون گليون ۽ ڪوچا، باغ ۽ وندرگاهه، تعليمي ادارا ۽ سياسي مرڪز مونکان هزارين ميل دور هوندي به ايترو ويجها آهن، جيترو منهن جي اکين جون ماڻڪيون.

هي ڏسو نه ڊي. جي. سنڌ ڪاليج! مان جيڪي آهيان، سو سڀ انهيءَ جي بدولت. ڪاليج جا شاهي گنبذ، آگنڊ ۾ وڇايل ساوڪ جا غاليچا، ڪلاس ۾ پيل بينچون، ڏاڪڻ جا ڏاڪا ۽ ٿنڀي تي هٿ سان اُڪريل هي منهنجو نالو- اهي سڀ چٽر منهن جي اکين اڳيان ائين بيٺا آهن، چڻ ڪالهه ڪالهوڪي ڳالهه آهي. ۽ هيءَ مينارام هاسٽل جو روم نمبر ٢٩، منهنجا چار سال آرام گاهه هو. انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ مون ڪهڙا خواب چاهيا هئا، دوستن سان ڪهڙيون رهاڻيون ڪيون هيون ۽ محفلون مچايون هيون، اُهي سڀ اَڻ وسرندڙ داستان آهن. هاڻي اڇو ته ڪياماڙي تي هلون. هتان بيڙيءَ ۾ چڙهي منهوڙي جو ديدار ڪرڻ ٿا هلون. هي لڪشميءَ جو مندر آهي. عربي سمنڊ جون ڇوليون مڌر ناچڻين جيان تال سان قدم ملائينديون، مندر جي ديوار کي چمنديون ڌيمي چال سان ڇم-ڇم ڪنديون واپس ٿيون وڃن. هيءَ گنجي ڏسو واريءَ سان لپيٽجي

ان سان ملي پنهن جي هستي. وڃائي ٿي ڇڏي. ديوار سان ٽڪرجندڙ لهرون، پاڻيءَ جون بوندون ائين ٿيون ڦهلائين ڄڻ موتين جي ورکا ٿي ٿئي! هن امر آستان تي ماڻهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ سمهي عربستان جي ڪناري تان هلندڙ ڇولين جي محڪمتا ۽ نيلي آڪاش جي وشالتا جا دلفريب نظارا ڏسندو هوس ۽ انهن جا سنهيا ٻڌندو هوس.

هي اٺو آرٽلري ميدان جي ڇهين نمبر جي سورهون نمبر بالڪني. انهيءَ بالڪنيءَ تي ڪئين افسانا ڇپيل سگهجن ٿا. انهيءَ سان منهنجو جيءَ جڙيل آهي، روح جو سنبند آهي، ۽ اها منهن جي حسرتن جو آئينو آهي. انهي بالڪنيءَ ۾ پويون دفعو مون پنهن جي پريتمان کي ڏٺو هو. هرروز انهيءَ بالڪنيءَ جي هيٺان نت نيم مان ڪير واري وٽان ڪير پيئڻ ويندو هوس. ڪير مان منهن جي دل کي تقويت حاصل ٿيندي هئي يا نه، پر پرينءَ جي ديدار مان ته دل کي اڪت مسرت ملندي هئي. هرروز صبح ۽ شام دل جي ڌڙڪڻ کي تيز ڪرڻ ۽ دل کي تسڪين ڏيڻ لاءِ اُتي ئي ايندو هوس. اڄ ضرور ڪو نه ڪو ڪير پيئڻ جي بهاني سان پنهن جي نور نظر کي ڏسڻ لاءِ انهيءَ بالڪنيءَ جي هيٺان اچي بيهندو هوندو. ڪيس مبارڪ هئي اها بالڪني! — ٺورو پريان عيدگاهه ميدان آهي. انهي ميدان تي اتهاس جا باب لکيا ويا آهن. اهو ١٩٤٦ وارو زمانو هو. بهادر ساموندي خلاصين انگريزي سامراجين جي بي عزتي ۽ اپمان جو جواب رائيفليون سڌيون ڪري بغاوت سان ڏنو. نونهال خلاصين جهازن تي قبضو ڪري گولين جو جواب

باروت سان ڏنو. ڪراچيءَ جو شهر اُپامڻ لڳو. سڄي خلق اچي عيدگاهه ميدان تي پلٽي. ڳاڙها، ساوا ۽ ترنگا جهنڊا هڪٺي ميدان ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڦڙ ڦڙ ڪندا رهيا. پنهنجي ڪسڪندڙ طاقت کي برقرار رکڻ لاءِ سامراجين عوام تي گوليون ڇوڙيون ۽ اهو اٺن سالن جو معصوم بوري ٻالڪ منهنجي بلڪل اڳيان سورهيه سپاهيءَ وانگر ڪريو. کيس کن لاءِ گود ۾ کنيم. سندس شهيد خون سان لال ٿي ويس. هڪ ڏينهن ۾ انهيءَ ميدان جي سرزمين تي اٺن شهيدن جي اتهاس جا ورق لکجي ويا، جن کي ڪير ڀلا وساري سگهي ٿو! اڄ به انهيءَ معصوم ٻالڪ جي بيباڪ شهيديءَ واري مرڪ منهنجي تارن ۾ عڪسي پيئي آهي ۽ انهيءَ منهنجي ڪراچيءَ کان مونکي وڇوڙيو ويو آهي. اڄا به تون پڇين ٿو، ته مان ڇو اُداس آهيان!

١٩. هيءُ مهان ديش اسانجو

گوبند مالهي

رواجي طرح وطن جي واري مشڪان بوچاري لڳندي آهي، اُن جو بٽ به باغيچو ڀانئبو آهي ۽ اُن جو ڳاه به گلزار نظر ايندو آهي. پر...... پر هيءُ ڀارت ديش اسانجو، واقعي مهان ديش آهي — ۽ هر لحاظ کان. جاگرافيءَ جي خيال کان توڙي اتهاس جي نقطئنگاه کان، اسانجو ديش انوکو آهي، اديت آهي، سرڳ سمان آهي.

قدرت ڪا گوناگون سندرتا بخشي آهي، هن ديش کي! اُتر ۾ آهي اوچو هماليه جنهنجون هزارين چوٽيون، آڪاس سان گسن ٿيون، جو حڪمتي خزانو ۽ معرفت جو مڪان آهي. هماليه جي اولهه ۾ آهي جنت نشان ڪشمير جي وادي ۽ اوڀر ۾ آهي اديت دهانگ ڀومي (آسام). هماليه جي سايه هيٺ پنجاب کان بنگال تائين ڦهليل آهي سر سبز ماٿري - کيت ۽ انهن جو پيٽ پرور ندين جو مهاچار. جوش واري جمنا، جنهن جي ڪناري تي ڪرشن راس رچائي، جنهن جي ڪناري تي پرٿويراج چوهاڻ ۽ شاهجهان امر پيار جا گيت ڳايا ۽ جنهن جي ڪناري تي اڄ به گانڌيءَ جي فيلسوفي ياد ڏياريندڙ راج گهاٽ ۽ جواهرلال جي مهانتا جي شاهدي ڀريندڙ شانتي ون براجمان آهن؛ ڪشش ڪندڙ گنگا، جا ڏينهن ۾ ڏهه درشيه پسائيندي آهي، جا واپار جو شاهي رستو ۽ گيان

جو مارگ ٻڌائيندڙ آهي، جا هر وقت ۽ هر هنڌ سندر، پوتر ۽ ڪاريگر آهي- ۽ انهن ٻن مهان ندين جو پرياگ ۾ ادڀت سنگم! هڪوار ڏسي ڪو عمر ڀر ته ڀلائي ڏيکاري!! اسانجي جنني ۽ جنم ڀومي، جا چرن ڪمل ساگر نت ڌوئيندو رهندو آهي- هڪ ساگر نه، ٽن ساگرن جو مليل جهليل سندر ۽ پيارو جل ڪنيا ڪماري، وٽ سج ابرڻ جو انوکو درشيه ۽ سج لهڻ جو ادڀت بي نظير نظارو، مهان ليکڪن جا قلم ساراهي به گويا ساراهي نه سگهيا آهن. ڪنيا ڪماري، جي رمڻيڪ آستان جي هڪ طرف آهي سندر ملبار ڪنارو ۽ ٻئي طرف آهي وڻندڙ ڪارو منڊل ڪنارو؛ ۽ ٻنهي ڪنارن تي قدرت ڪي رنگ ٽي رچائي! هن مهان ديش جي گود ۾ سمايل آهن هڪ ٻئي سان ڇهتيل رنگبرنگي پرديش— ڀارت جو باغ گجرات، وير ڀومي راجستان، گوناگون سندرتا ڀسائيندڙ مڌيه پرديش، گهاٽن سان گهيريل مهاراشٽريه ۽ منوهر دراوڙستان، جو پنهنجي پريم ڇٽن پرديشن، ڀاشائن ۽ ساهتين جو روُچڪ جهڳٽو آهي. هن مهان ديش جي قدرتي سونهن جهڙي گوناگون آهي تهڙي وڻندڙ آهي، من ڀاون آهي.

ڀارت جو اتهاس جهڙو لنبو آهي تهڙو رنگين آهي. اتهاس هن ديش جي ماڻهن تي ئي نه، ڀومي، تي سلسليوار هڪ اڻ وسرندڙ ڇاپ ڇڏيان ٻي اڻ وسرندڙ ڇاپ ڇڏي آهي. نالندا ۽ وڪرم شيلا جا کنڊهر، ٻڌ جا استوپ ۽ اشوڪ جا ٿنڀا، شنڪر آچاريه جا مندر ۽ جينين جا تيرٿ آستان، ايلورا ۽ اجنتا جون غفائون، قطب منار ۽ تاج محل، سکن جو سونو مندر ۽ ڪرستانن جي سينٽ زيور گرجا، سپاهي جا

پوڄا گهر نانڪل ۽ پاڪڙا بند — اهي مڙيئي اتهاسڪ آستان ڀارت جي انوٽ ترقيءَ جا جيئرا جاڳندا شاهد آهن. اهي هڪ ئي وقت سندرتا جا سروپ، شاندار ماضيءَ جا چنهه ۽ روشن مستقبل جا ضامن آهن. اهي هڪ ئي وقت خوشيءَ، فخر ۽ جوابداريءَ جو احساس اڀاريندڙ آهن ۽ انهن سڀني لاءِ ئي ڇو، هرهڪ جي رکشا لاءِ ڪنڌ ڪپائي سگهجي ٿو — خوشيءَ سان ۽ فخر سان. رشين منين جي هن پوتر ڀوميءَ، گوتم جي هن مهان ڀومي ۽ گانڌيءَ جي هن آزاد ڀوميءَ جو هڪ هڪ اِنچ جان کان پيارو آهي، جان جي بازي لڳائي بچائڻ لائق آهي.

هيءَ مهان ديش اسانجو هڪ طرف اوتارن ۽ مهاتمائن جو ديش ۽ ٻئي طرف ويرن ۽ شهيدن جو ديش رهيو آهي. هيءَ اهو عجيب ديش آهي جنهن هڪ طرف آتما کي اجر ۽ امر، هرڪ شوڪ کان مٿي مڃيو آهي، ٻئي طرف سرير کي ناسونت سمجهندي به ان کي سڪيارٿي ڪرڻ ۽ سڌانت مٿان مري مٽجڻ جي سکيا ڏني آهي. هيءَ اهو انوکو ديش آهي جنهن ندين ۽ ساگرن جو سنگم ئي فقط نه ڏنو آهي بلڪ ٻولين، رنگن ۽ ڌرمن جي نيارپ کي ۽ انهن جي سمانتا کي مهتو ڏنو آهي. هيءَ اهو عجيب ديش آهي جنهن ۾ هڪ طرف آتمواد ۽ پدارٿواد، ٻئي طرف آدرشواد ۽ يٿارٿواد پاڻ ۾ ٽڪربا ئي نه رهيا آهن، هڪ ٻئي جون ڀهتريون اپنائيندا رهيا آهن. هيءَ اهو يگانو ديش آهي جو ڀانت ڀانت سنسڪرتين جو گلدستو آهي — ۽ هرهڪ گل پنهنجي پريم سندر ۽ سڳنڌ ت.

هيءُ اهو پوتر ديش آهي جنهن ۾ اوتارن، مهاتمائن ۽ مهاپرشن جنتا ۾ جناردن پسيو آهي، جن خلق جي خدمت کي بهترين بندگي مڃيو آهي، جن رهڻيءَ سان ڪهڻي سمجهائي آهي. رام هجي يا ڪرشن، گوتم هجي يا مهاوير، اشوڪ هجي يا اڪبر، شواجي هجي يا پرتاپ، نانڪ هجي يا چيتنيہ، ديانند هجي يا ويويڪانند، گانڌي هجي يا جواهر - زمان ۽ مڪان جي علحدگيءَ ۽ ويچارن جي نرالپ جي باوجود هڪ ئي پٿ جا پانڌيئڙو آهن، هڪ ئي آدرش جا اپاسڪ آهن ۽ اهو پٿ ۽ آدرش سندن شخصي نہ، جنتا جي هت سان واسطو رکندڙ آهي. هيءُ اهو ديش آهي جنهن ۾ مهان ساهتيڪار وندر لاءِ نہ، جنتا جي جيوت جي ترجمانيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ لکندا رهيا آهن. والميڪي هجي يا وياس، ڪاليداس هجي يا ڀوَڀوتي، سورداس هجي يا تلسيداس، ميران هجي يا ڪبير، وارث شاهہ هجي يا شاهہ لطيف، پريمچند هجي يا ڀارتي، ٽئگور هجي يا ولٿل - مٽريني انفراديت کان وڌ انسانيت ۾ وشواس رکيو آهي.

هيءُ اُهو مهان ديش آهي جنهن ۾ وٺڻ کان وڌيڪ مهتوُ ڏيڻ کي ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ قرباني مهانتا جي ڪسوٽي آهي. هن ديش ۾ گوتم راجڪمار مان ڀکاري بڻجي ٿو، چاڻڪيہ مهامنتري هوندي بہ جهوپڙيءَ ۾ رهي ٿو، گرو ارجن ديو ۽ تيغ بهادر ڌرم سانگي سر ڪپائين ٿا، گرو گوبند سنگهہ آدرش سانگي پٽن جو بليدان ڏئي ٿو، راڻو پرتاپ چتور صدقي سختيون منيون مڃيٿو، ويويڪانند شخصي مڪتيءَ کان جنتا جو ڇوٽڪارو بهتر سمجهي ٿو،

گانڌي بنگلن بدران هريجن بستين ۾ رهيو، جواهر آرام حرام سمجهي ٿو- ۽ ڪابه قرباني زوري نه، پاڻ کان پاڻهي مرڪندي ڪئي ويندي! هيءُ اُهو ديش آهي جنهن ۾ مرڻ مشاهدو مڃيو ويندو ۽ شهادت، زندگي جاودان. سوريه سين پاڻ نه ڦاسيءَ تي لٽڪي ٿو پر پنهنجن ساٿين لاءِ سوريءَ ۽ سختين جو ورثو ڇڏي وڃي ٿو. خوديرام بوس ڦاسيءَ تي لٽڪڻ کان اڳ ماءُ کي چوي ٿو، ”مان وري ايندس، اما! ۽ تون مونکي سڃاڻي سگهندينءَ. گلي ۾ هوندو هن ڦاهيءَ جو نشان ۽ زبان تي هوندي وري ڦاهيءَ تي لٽڪڻ جي گفتار.“ ڀڳت سنگهه ڦاسيءَ کان اڳ نور ۾ وڌي ٿو ۽ پاڻ ئي کلندي رسي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ٿو. چندرشيکر آزاد اهائي للڪار ٿو ڪري، ”مرڻو اوس آهي پر مرندس شير نر بڻجي ۽ نه گيدي گدڙ بڻجي.“ هيءَ اُها پنيه ڀومي آهي جنهن ۾ ڪيترا ديس سانگي سر ڪپائن ٿا، جيل وڃن ٿا، لٺيون سهن ٿا، قربانيون ڪن ٿا ۽ پوءِ به ائين مڃن ٿا، ”ڪيو ڇا اٿئون؟ اڃا به گهڻو ڪي ڪري سگهون ٿا.“

هيءُ اُهو لاثاني ملڪ آهي جنهن ۾ دنيا ڀر جي مهاتمائن ۽ مهاپرشن کي عزت ڏني وڃي ٿي، سندن وڇارن کي وزن ڏنو وڃي ٿو. ڪنفوشس هجي يا زرتشترا، سقراط هجي يا يسوع مسيح، محمد هجي يا موسيٰ، منصور هجي يا يوسف، مارڪس هجي يا ليودر، هومر هجي يا شيڪسپيئر، روسيو هجي يا گورڪي، رومن رولان هجي يا بالزئڪ، سندن فيلسوفيءَ ۽ سڏانتن ۾ گڻ ڳولهيا ئي نه، انگيڪار

ڪيا وڃن ٿا. هيءَ اُهو يگانو ديش آهي جنهن ۾ گڻ گراهي ٿيڻ پڇ ۽ عيب جوئي ڪرڻ پاپ ليکيو وڃيٿو.

هيءَ مهان ديش اسانجو، هت استريون منڍ کان وٺي پرشن سان برميچنديون رهيون آهن، ڪانئن گوءِ کڻنديون رهيون آهن. هر کيتر ۾، هن ديش ۾ پتني پتيءَ کي تلڪ ڏيئي، سندس آرتي اُتاري ڪرکيتر ۾ موڪليندي آهي ۽ اهائي پرارٿنا ڪندي آهي، "ڪني ڇتي اچج، هارائي نه موٽج، ياچوڪڙ ٿي ته ڪنهن به حالت ۾ نه." هن ديش ۾ ماءُ اهائي لولي ڏيندي آهي، "صدقي ديش تان تن من ڪرڻ جهڙي نه ٻي خدمت." هن ديش ۾ ڀيڻ ڀاءُ کي رکڙي ٻڌي ائين ئي چوندي آهي، "جان جي بازي لڳائي به رکڙيءَ جي لاڄ رکج" هيءَ اهو سونهارو ديش آهي جنهن ۾ استريون پنهنجو ست وڃائڻ کان مرڻ بهتر سمجهنديون آهن. هيءَ اُتم ديش آهي سيتا ۽ ساوتري جهڙين ستين جو، درگاوتي ۽ لڪشمي ٻائي جهڙين سورمين جو، ڪستوربا ۽ سروجني نئڊو جهڙين ديش ڀڳتڻين جو؛ هيءَ اهو ديش آهي آدرشي نارين جو، آدرش سانگي مري مٽجندڙ ديوين جو.

هن پڻيه ڀوميءَ کي اهو وردان مليل آهي، "جڏهن جڏهن توتي ڀيڙ پوندي تڏهن تڏهن ڀيڙ نواريندڙ به نروار ٿيندو رهندو؛" ۽ اهو وردان سچو ٿيندو رهيو آهي، ڀيڙ نواريندڙ نروار ٿيندو رهيو آهي. اول ڪنهن اوتار جي روپ ۾، پوءِ ڪنهن مهاتما جي روپ ۾ ۽ هاڻي ڪنهن اڳوان جي روپ ۾. هن ويهين صديءَ ۾ ئي هڪ ٻئي پٺيان لوڪمانيه تلڪ، گانڌيجي ۽ جواهرلال جي سلسليوار

سونهپ ملي آهي. ان وردان جي سچائيءَ جي ثبوت طور جواهرلال ڪان اڪثر پڇيو ويندو هو، "توکانپوءِ؟" ۽ ديس دلارو اهوئي جواب ڏيندو هو، "منهنجو اٽوٽ وشواس آهي ته چاليهه ڪروڙ ڀارتواسين مان مهل جو ماڻهو اوس نڪرندو؟" هينئر هرڪو ڄاڻي ٿو ته اهو مهل جو ماڻهو هو لال بهادر شاستري. 'اڪ جن جاوي، دوجا آڙي ڦر بي جوت جلي.' هڪ جوت وسامڻ شرط ٻي ٻري ئي ٿي اٿي، ڀارت جي حال ۽ مستقبل کي روشن رکڻ لاءِ.

هيءُ اهو پيارو ديش آهي جنهن ۾ ڪسان جي دل درخت جي دستور هوندي آهي، مزور فرض شناس ٿيندو آهي. هن ديش ۾ زميندار ٻيوان ڪري سگهندو آهي ۽ ڪارخانيدار جي دل ۾ ڦيرو اچي سگهندو آهي. هن ديش ۾ پنچن ۾ پرميشور بسندو آهي ۽ جمائت ۾ ڪرامت ڏسبي آهي. هن ديش ۾ واپاري ٿوري ڪتڻي گهڻي برڪت سمجهندو آهي ۽ گراهڪ قناعت تي صاحب راضي مڃيندو آهي. هن ديش ۾ سادي جيوت اوچن ويچارن کي پاڻ ۾ سمائي ڦرندي آهي ۽ مُڙيو سوجهيو ٿيندو آهي.

هيءُ مهان ديش اسانجو، وشو شانتيءَ جو اُپاسڪ، اهنسا کي پرم ڌرم مڃيندڙ ۽ پاڙيسري ملڪن جو ڀل گهرو آهي. جڏهن چين ۽ پاڪستان جا تند مزاج، ڏوکيباز ۽ هٻڇي حڪمران اُن متان ڪڏهن نيفا ۾ ڪڏهن لداخ ۾، ڪڏهن ڪڇ ۾ ڪڏهن ڪشمير ۾ ڪاهي ايندا آهن تڏهن پنهنجي رکشا سانگي هٿيار کڻندو آهي؛ پوءِ فوجي جوان سرحد تي ڪرشما ڏيکاريندا آهن ويرتا جا ۽ قربانيءَ جا.

سوديشي هٿيار ديش ڀڳت جوانن جي هٿن ۾ دنيا جي بهترين هٿيارن کان بهتر ثابت ٿيندا آهن ۽ دنيا جا مڃيئي فوجي ماهر دنگ رهجي ويندا آهن. ٻيا نگرواسي ٻولين، ڌرمن ۽ ويچارن جا ڀيد وساري صرف ڀارتواسي بڻجي ويندا آهن. سنڪٽ ڪال سڄاڳيءَ جو سمو بڻجي ويندو آهي. ديش ڀڳتيءَ، ويرتا، ايڪتا ۽ قربانيءَ جي سيلاب ۾ دشمن جون سڀ ناپاڪ سازشون لڙهي ونديون آهن. هيءَ مهان ديش اسانجو سنڪٽ ڪال ۾ اجا بہ مهان، وڌيڪ پوتر ۽ هر طرح پوڄڻ لائق بڻجي ويندو آهي.

ان مهان پوتر ۽ پوڄڻ يوگيہ ديش جي ڀلائيءَ خاطر جيئڻ سوڀاڳيہ آهي، پر ان کان وڌو سڀاڳيہ آهي انجي آزاديءَ ۽ عزت برقرار رکڻ لاءِ مرڻ؛ ڪير اهڙي سڀاڳيہ کان وانجهيل رهڻ چاهيندو؟

۲۰. مٺي ماستر جي جوءِ!

ڪماري چندرا آڏواڻي

هوءِ ڏس! مزور جي منڊ، سارو ڏينهن مڙس سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪري، سنجها ٿاڻي مزوريءَ سان ڪيسو پُر ڪري ڪيئن نه تڪڙيءَ وک سان ۽ هلڪي هنيانءَ سان، پنهنجي ساٿيءَ سان پيئي وڃي! هوڏانهن رازي جي زال تغاري کڻندي، گهونگهٽ سنڀاليندي، ترڇي نظر سان منڙي ڏانهن مرڪندي، سيمينٽ سندس اڳيان سٽيندي، آهيري وير مٺ ڪوسي ڪيو، مرد سان گڏ ڪيئن نه هيڄ مان هلي ٿي! گهٽ ڪلارڪ جي ڪلڇمي به ڪين ٿي ڪري! سڄ اُلهيو ناهي ته درم اڪيون انڪائي ٿي وهي. پٺي گهر ۾ پيهي ته چانهه ناشتو ڏيئي پيئي بلبل جيان لات لنوديس. هو راڻو به ڏس ته راڻيءَ جي واڻي به پيو ڪن ڪندو ته گلڙن ڪي به پيو گل لائيندو ۽ اخبار به پيو اکه مان ڪيندو. تازو توانو ٿي ڏيئن ٻرڻ مهل يا راتجو زال کي وني هواخوري به ڪندو ۽ گهر جي اُڏي ڪتي به پيو پوري ڪندو. مطلب ته ڪميءَ جي ڪانڌ هجي چاهي مزدور جي مانڊ، واڻئي جي وني هجي چاهي پساريءَ جي پيوند، گهوڙئي جي گهرواري هجي چاهي دڪاندار جي دلاري، هرڪا ساجن سان رکي سکي ڪائي، سندس ساٿ جي سڀرتا پائي، صحبت جو سهڄ ماڻي ٿي. باقي نه جائي مُٺي ماستر

جي جوءِ، جا روئي ٻہ ٻاڻ سان تہ کلي ٻہ ٻاڻ سان. ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ ماستر کي واندڪائي ڪٿي جو پنهنجي سڪليڊيءَ جا سور سٺي؟ ڪيس وقت ڪٿي جو پنهنجن ٻارن سان وندر ڪري؟ ڪيس وصيعت ڪٿي جو گهر جون گهرجون پوريون ڪري؟ ڪيس طاقت ڪٿي جو ٻچن جو بوجهہ کڻي ۽ قوّت ڪٿي جو معصومن جي تقاضائن جي تعميل ڪري!

سندس ڏنڊو اهڙو جو نہ ڪيس مٺو ڏيئي سگهان ۽ نہ وري ڏوهي ٺهرائي سگهان. شڪول جي مشغولين ۾ اهڙو قاتل آهي جهڙو ڪوريئڙو پنهنجي جار ۾. اڄ شڪول جو جلسو، اڄ شڪول ۾ پارٽي، اڄ شڪول جو سير، اڄ شڪول جون رانديون، اڄ شڪول ۾ ميٽنگ، اڄ شڪول ۾ ڪانفرنس، اڄ شڪول جي ڪئمپ، اڄ شڪول ۾ نماءُ، اڄ شڪول ۾ سئنيما، اڄ شڪول ۾ جادوءَ جو کيل، اڄ شڪول ۾ تقريرون، اڄ شڪول ۾ ڀڄن، اڄ شڪول ۾ ورسي، اڄ شڪول ۾ انسپيڪشن يا امتحان. خير، اِهي تہ اٿس ٻاهريون ڪارگذاريون. پر وري جڏهين گهر اچي، تہ نہ ڇايون اِهي منهنجون ڀاڄيون ڪاپيون، هڪ ٻہ هجي تہ ٻہ ٺهيو، سٺ پنجاهہ، ڪيچ ۾ ڪيو پيو ايندو. ڪاڏو نہ پيتو، پيو اُنهن تي نور نچوئيندو. نانگ تي پير پيم جي کڻي ڇيم، "فلاڻي پيءُ! اڄ تہ کڻي ڪو گهر جو ڪم ڪيو يا مکڻ کي حساب سيکاريو. ڇورو پيو ماستر جا موچڙا جهلي!" پوءِ تہ انهن ڪمارين ڪاپين جيڪي نہ ڏجها ڏنا هوندس تن جون ڪسرون مون مان ڪڍندو. اِها

مجال ڪين اٿم جو جيڪي جيءَ ۾ اچيم سو اويل سويل چئي سگهانس. سندس سؤ ڪي خيال جي تانگھ رکڻي پوندي آهي ۽ اهڙي خوش خلق خيال ۾ ماستر صاحب ڏسڻجي مشڪل! پنهنجن پورن ۾ پورو آهي. شڪول جا امتحان ٻه آڪٽ. اچ هفتيوار، سپاٽي ماهيانا. اچ ٽماهي ته سپاٽي ششماهي. اچ ساليانا ته سپاٽي روزانا. مطلب ته جيترا اختياري وارن جا عجيب اُمنگھ اوترا امتحانن جا داوپيچ. عقل جي پيٺي اچي وڃي، ميعادي جي معياد ختم ٿي وڃي پر ماستر کي پيپرن، پنن ۽ ڪاپين مان فرصت ڪين ملي.

هيڏو ٿو پاڻ هٺي ۽ ان موجب ڪو ناٿو پلئه پويس ته ٻه ٽڏو چندو پويم. سندس ٻگهار ٻڌائڻ ئي شرم. پئسو آيو ناهي، پورو ٿيو ناهي، چڙ آيو ئي ڪون. گهٽو ئي دل ٽئيم ته هيڏو ٿو مغز هٽي، ڪا خورش ڪريانس، رت جو ڦڙو ٻه نه اٿس، ڪو طراوتي ڪاج ڪارايانس، پر پوڪي هونداٿين نيراٽي، چانهه چڪي ۽ ٻڳڙن لپ ته ڪرو ڪندي سانس؟ مون وٽ ته پنج پنجوءَ وارا ڪٿائي پيا آهن. ماستر اِئين سپاٽو آهي. گهر خرچ پاڻ نه هلائي، پهرئين تاريخ چوندو، "راڻي! هيءَ اٿيئي منهنجي ڪمائي. مان ٻگهار سوڏو پرتو آهيانءِ." زال جو عقل ڏائيءَ ڪڙيءَ ۾. چري ڦٽ ۾ ئي خوش. خبر تڏهين پويم جڏهين تر ڪان اگهم ٻر ڪايو وڃان. پوءِ پيئي تن کي ٽسيا ڏيان ۽ پيٽ کي پٽي ٻڌان. سپ ڪان سڪي ويئي آهيان. مجال نه اٿم جو ڪٽي اوچي اوچڙ تي هرڪه هاريان يا مٺين تي موهت ٿيان.

نڪ ڪي مر ڪيئن لاهيان. انهيءَ ڪري اوسي پاسي ٽنگا ٽوڙي ويٺي آهيان. پاري پنهنجي سان ٻه رامست. اڄ ساهڙي ۽ صحبت گهري پئسو، انهيءَ ڪري پنهنجي پڪي مٿو لڪائي ويٺي آهيان. چاهتن کي چوُر ڪيو، تمنائن کي ترڪ ڪيو، تي ڏينهڙا گذاريان. سادو روز، سادو پوش، سادو چلهو ۽ سادو جهڳو، سو شل نه جهري! اِهو انديشو اٺ ئي پهر هوندو اٿم.

آزادي آئي. ڪمين ڪاسبين، ڪاريگرن ۽ ڪسانن لاءِ سهنج ٿيا. قانون جڙيا. ڳوٺاڻن جي جيوت ۾ رنگت آئي. سيٺي ڪاٽن ڪروٽ بدلي باقي تعليمي کاتو اُهو ئي ڳڙ ڳڙ ڏاڏي. شڪول وڌيا، ڪاليج وڌيا، شاگرد وڌيا، عمارتون وڌيون، علم جون نيون شاخائون وڌيون، ڪتابن جا ڪورس وڌيا، ٻارن لاءِ اپياسي ٻوليون وڌيون، ڪرسيءَ جي ڪرامت وڌي، مايا وارن جو مان وڌيو، چاپلوسن جو چوچ وڌيو، پنيوالن جي تندي وڌي، باقي مٿو هڪ ماستر ۽ ساڻس گڏ سندس 'نر اپراڌ نار.' نه هو وڌيو وينجهيو، نه هوءَ لڏي لمي، نه هو سائو ٿيو نه هوءَ سٺيي ٿي.

هان! ماستر جو پورهيو وڌيو. جوابداري وڌي. بي عزتي وڌي. سندس لياقت لڙهي ويئي. سندس آزمودو اٽڪي بيٺو. سرڪاري سمن نڪتو ته ماستر اُهو جنهن تي "ٽرينڊ" جو ٺپو لڳل هجي. انهيءَ ڪري ٻيڙي ماستر کي رنگروٽ لتاڙي ويا. سندس شاگرد ڪيس گوهي ڏيئي ويا. اختياري وارا ٻه ڇا ڪن؟ سندن هٿ سرڪار ڪپي تي چڙهي.

آزمودگار، وارن اچن وارو ماستر پيو ڏيڻي وانگر وهي پر سندس پرورش جو الله واهي.

اڳي ماستر جي عزت اينتري هئي جو پگهار ليکي ۾ نه آڻبو هو پر اڄڪلهه ماستر جي عزت جو تصور ڪري، منهنجو ته ڪنڌ ئي هيٺ ٿو جهڪي وڃي. سندس ماں، وڏن جي ڪلهن تي ٿوال جيان ٽنگيل، ٿوريئي جهٽڪي سان وڃي پٽ پوي. سندس شان، مائٽن جي کيسي ۾ پراڻي پني جيان وقت به وقت پيو ٽڪريون ٽڪريون ٿيندو آهي. سندس عزت ننڍن جي واتون گرڙيءَ جيان، پيئي ٿڪي ڪئي ويندي آهي. سندس حجت، همراهن تي پراڻي رومال جيان، سوراخيل هوندي آهي. مطلب ته پٽيوالو هجي چاهي آفيس جو ڪلارڪ، شاگرد هجي چاهي همراهي، مائٽ هجي چاهي پاريوارو سندس عزت سان ائين کيليندو آهي جيئن ٻار پيٽ تان پراڻي پوچي لاهي وٺندو آهي. هرڪا عورت دل تي هٿ رکي چوي ته مونکي اندر ۾ ڪهڙا نه ڦهري گهاو لڳندا هوندا!

پيئي پوسرندي آهيان ته مٿان ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ لاءِ پڪوري ماءُ اچي سر آلا پيندي آهي ته ”ادي! ٻاسترکي ته موڪلون جهجهيون ٿيون ملن. پادر اُٻتو ٿيو ناهي“ ته شڪول بند ٿيو ناهي.“ سچ چيو اٿن، ”جت ٻاهه ٻري اُت سيڪ اچي، پاري واريءَ کي ڪهڙي خبر؟“ نالي جون ته موڪلون هونديون آهن. ورسين تي به وڃي ته جنمن تي به وڃي. موڪلاڻين تي به پيجي ته گڏجاڻين تي به ڏڪي. موڪل ڏينهن پاڻ اوسيڙو گهڻو. نه وڃڻ جو ڪاڻو

نہ اچڻ جو اطلاع. شڪول ۾ بہ تاري وڃي تہ ترڪي وڃي، گھر ۾ دھل وڃي تہ بہ ٻوڙو. ھائي ڏائي ھڪ ننڍي ڀيڻ اٿم. ٿي اُنجي شادي. ڪم اچڻ تہ پري رھيو مرڳو سندس اچڻ لاءِ اچي آتي ٿيس. اھڙي ٻان پريم جو ڪٿي بہ ھاڻ ھلڻ لاءِ ڪين چوانس. اندر مان آھہ نڪري منھنجي دل کي دونھاتيندي آھي. ڪوڪ نڪري منھنجي قلب کي کھندي آھي. ڪڏھين ڪيس ڪلي چوان تہ، ”امڪي ٻمڪي تي پيا آتم ڪھاٽيون لڪو، مونتي چونہ ٿا ڪڇہ لڪو؟“ تہ وٺي شوڪي نھاري. ڀلا لڪندو وري ڇا؟ منھنجو احوال معنيٰ سندس وڪا پڌرا.

اختياري وارا دانھون ٿا ڪن تہ ھڏ ڏوکي، آزمودگار ۽ ھوشيار اُستادن جو قحط آھي. ڀلا ڪيئن نہ ٿيندو؟ ھٿ جي ڪنگڻ کي بہ آرسي کپندي آھي ڇا؟ ھي اُھو روزگار جو وسيلو آھي جو رت چوسي ٿو، پيٽ نٿو ڀري. دماغ پورو ڪري ٿو دمڙي نہ ٿو ڏئي. دل جي ارمانن جو خون ڪري ٿو، قدر نٿو ڪري. چنتائون ڏئي ٿو پر چت ورتيءَ جو وڪاس نٿو ڪري. ڪجھ سيڪڙو ڇڏي، عام رواجي ماسترن جي زندگيءَ جي جاچ پڙتال ڪريو تہ جيڪر تپرس وٺي وڃو.

سو ڀائي منھنجي تہ سرڪار ۽ شڪول اختياري وارن کي صلاح آھي تہ آئيندہ ھي قانون ماستر يا ماسترياڻي ٿيڻ لاءِ ضرور پاس ڪن. پھريون تہ اُھي واندا ۽ وانديا ھجن؛ اگہ پٺ جي اون نہ ھجين. سڳن سنبنڌين سان سنگہ نہ ھجين. سواءِ ڪتابن ۽ ڪاپين جي ھنن کي ٻيءَ

ڪنهن سان بہ قرب نہ ڪرڻو آهي. ٻيو تہ سندن جيئن جو اُديش هئجي فقط ماستري ڪرڻ؛ ڇاڪاڻ تہ ماستر جي آهي شادي شده تہ درگتي اٿس، تنهن ۾ بہ جي آهي ٻارن وارو تہ ٻرحال اٿس، تنهن ۾ بہ جي آهي نياڻين جو ابو تہ جيئري قيامت اٿس، انهيءَ ڪري ماستر تہ واڻيو، ٻلو، جنهنجو نہ ڏٽي نہ ڏوٽي، نہ تہ تہ "مُئي ماسترجي جوءِ!"

٢١. بکارڻ جو دان

ايشوري جوتواڻي

(انار جا چار داڻا)

"ڪاش! مون وٽ به جيڪر ڪجهه هجي ته اچ دان ۾ ڏيان؛" اِهي اکر هڪ نيم پاڳل بکارڻ پڻ پڻ ڪندي پاڻ کي پئي وري وري چيا.

هوءَ بکارڻ هئي. اڌ پاڳل نظر ايندي هئي. سندس ڪارو جسم ليڙن ۾ لپٽيل هو ۽ چمڙيءَ ۾ گهنج پيل هئس. وار اپوڳا ۽ پير ننگا. جيئن تيئن ڪري پنهنجي سرير کي گهليندي ۽ رستن ۽ گهٽين ۾ رلندي، هن هن اڳيان هٿ ڦهلائيندي، پني سني پيٽ کي قوت ڏيئي، زندگيءَ جا ڏينهن ڪاٽي رهي هئي. نڪا ڪيس ڪا تمنا هئي ۽ نڪا ڪا خواهش يا ارمان ٿيندو هوس. پر اڄ جڏهين هوءَ شهر جي سڙڪن تان هميشه موجب گهمي رهي هئي ته جتي ڪٿي ماڻهن جا حشام ڏسي حيران پئي ٿي. گهٽين ۽ سڙڪن تان ماڻهن جون قطارون ئي قطارون تڪڙو تڪڙو وڃي رهيون هيون. انهن ماڻهن جي ڀيڙ کي جاچيندي هن ڏٺو ته هر ڪنهن کي هٿ ۾ ڪجهه نه ڪجهه هو. ڪنهن کي گل هئا ته ڪنهن کي ڦل، ڪنهن کي مٺائي ته ڪنهن کي چندن جا هار؛ ۽ ڪنهن ڪنهن جي هٿ ۾ ته پئسن جون ڳوٿريون به ڪيس نظر آيون. تڏهين هن عجب ۽ حيرت وچان اکيون ڦاڙيندي ماڻهن جي ڀيڙ جي ويجهو

اچي پڇيو:- "توهين سڀ ڪاڏي پيا وڃو؟" ليڪن ڪنهن به ڏانهس ڌيان نه ڏنو. هرڪو پنهنجيءَ ڌن ۾ هلندو پئي ويو؛ ۽ هن نيم پاڳل ٻڪاري به وري اهو سوال پئي دهرايو. ڪڏهين هڪڙي ٻار سندس سوال ٻڌي ڏانهس نهاريو ۽ کيس چيائين:- "ٻڪاري! ڇا توکي خبر ناهي ته ڀڳوان ٻڌ اڄ هن نگر ۾ اچڻو آهي؟" "پر ٺنهنڪري هينئن سڀئي ٽڪ ٽڪ ڇو پيا ڪن؟" اِنهيءَ اُن پاڳل ٻڪاري ٻيڙ کي ٽڪڙو ٽڪڙو اڳتي وڌندو ڏسي چيو... ليڪن تنهن وچ ۾ اهو ٻالڪ ماءُ سان گڏ اڳتي وڌي ويو. پر هڪ وڏن اوستا جي ٻڍي اِهو سوال ٻڌو ته بيهي رهيو، ۽ کيس سمجهائيندي چيائين:- "سڀ اِنهيءَ ڪري ٽڪ ٽڪ پيا ڪن، جو ڀڳوان ٻڌ اڄ هرڪنهن کان دان گرهڻ ڪندو. هن اڳ ۾ ڪڏهين به ڪنهن جو ڪجهه انگيڪار نه ڪيو آهي، پر اڄ لاءِ هن پاڻ اعلان ڪيو آهي، ته هو هرڪنهن کان دان وٺندو."

اِئين چئي هو ته رمندو رهيو. ليڪن هن ٻڪاري کي اُڻ تڻ ٿيڻ لڳي ته اهو ڀڳوان ٻڌ ڪير آهي، جنهن لاءِ هرڪو هينئن منتظر پيو لڳي... هوءَ اِنهيءَ سوچ ۾ ٻيو اڳتي هلندي پئي ويئي ته اوچتو پريان ڪنهن وڏي آواز ۾ چوڻ شروع ڪيو:- "شهزادو گوتم، جنهن اِنسان ذات جي ڏک دور ڪرڻ لاءِ، اميري تجي، فقيري اختيار ڪئي، جنهن موت ۽ ٻڍاپي ۽ بيماريءَ جي ڏونگر دور ڪرڻ لاءِ، محل ۽ مزا ڇڏي، تپسيا ڪري گيان پراپت ڪيو، ۽ اسان جي لاءِ سچي سک جو علاج ڳولي لڌو آهي، اُهو ڀڳوان ٻڌ،

اڄ ڏرم جي پرچار لاءِ هرڪنهن کان دان گهرندو.
جنهن کي به دان ڏيڻو هجي، سو شهر جي ٻاهران، نديءَ
جي ڪناري پرسان جيڪو خاص پنڊال ٺاهيو ويو آهي،
اُتي وڃي دان ڏيئي سگهي ٿو!"

اهو آواز ٻڌي هيءَ ٻـڪارڻ اتي ئي ويهي ۽ ازخود
سندس وات مان نڪري ويو:- "ڪاش! مان به جيڪر اڄ
ڪجهه دان ۾ ڏيان!" سندس اُداس وڌيون اکيون، آنسن
سان ڀرجي ويون، ڇو ته وٽس ڪجهه به دان ڏيڻ لاءِ
ڪين هو. هوءَ انهن ويچارن ۾ هلندي هلندي اچي هڪ
ميوي جي دڪان اڳيان پهتي. دڪان تي اڻاه ميوا ڏسي
اُميد ڀريل اکين سان دڪاندار ڏانهن ٻکيا لاءِ هٿ ڦهلايائين.
دڪاندار خراب ۽ ڳريل ميوي جو ڍڳ الڳ ڪري رکيو هو.
يڪدم اُنهيءَ مان هڪ اڌڳريل ۽ سڙيل انار (ڏاڙهون) ڪڍي
ٻکارڻ جي وڌايل هٿ ۾ ڏنائين... بس، ٻکارڻ اهو ڦل حاصل
ڪري پاڻ کي ڪنهن خزاني جي مالڪڻ سمجهڻ لڳي ۽
سندس اُداس اکين ۾ خوشيءَ جي جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي. هن
چيو:- "مان به هيءَ انار ڀڳوان ٻڌ کي دان ڏينديس" ۽
هوءَ هڪ پيڙ جي ڇنيان ڇنيان هلڻ لڳي.

شهر جي ٻاهران مقرر ٿيل وقت تي، انهيءَ سينگاريل
منڊپ ۾، تيجسوي ۽ سهڻي روپ واري ڀڳوان ٻڌ اندر قدم
رکيو مس، ته چوگرد جئه جئه ڪار جا آواز گونجڻ لڳا ۽ گلن
جي ورکا ٿيڻ لڳي. اُهو ڏينهن، اُن شهر جي دانين ۽
شرڌالن لاءِ هڪ مهاپوتر ڏينهن هو، ڇو ته ٻڌ اُهو اِنسان هو،
جنهن کي دنيا جو سڀ سک ۽ عيش مؤجود هو: پر هن

پنهنجي سهڻي اِستري، پٽ ۽ تمام سک، مطلب سڀ ڪجهه تياڳي تپسيا جي جيون اختيار ڪئي هئي، زندگيءَ جي آخرين مقصد کي ڄاڻڻ لاءِ. هن ڪڏهين ڪنهن کان دان نہ گهريو هو. اُهو تياڳي ۽ تپسوي، گياني تٿاگت (ٻڌ ڀڳوان) خود دان وٺندو، اُهو ٻڌي دان ڪندڙ اِنسانن اندر عجيب خوشيءَ جو ساگر ڇوليون ماري رهيو هو. هنن شردالن ۽ ڏنوانن، پرلوڪ جي بئنڪ ۾ اڪائونٽ کولائڻ جو هيءُ سونو وجهہ وڃائڻ نٿي چاهيو؛ تنهنڪري منڊپ ۾ دانين جي هڪ لنبي شاهي قطار تيار بيٺي هئي. ڀڳوان ٻڌ جي پنيان، گيرو رتن ڪپڙن ۾ هزارين ڀڪشو بيٺا هئا ۽ اڳيان هزارن جي تعداد ۾ دان ڏيندڙ هئا. هرڪو ڀڳوان ٻڌ اڳيان اچي پنهنجو دان رکي، پرنام ڪندو، پاڻ کي ڀاڳيہ وان سمجهندو هلندو ٿي ويو. ڪن ميوا ۽ مٺايون تہ ڪن عطر ۽ ڦليل، ڪن ڪپڙن جا ٿان تہ ڪن مهرن جا ٿالهہ پئي اڳيان رکيا. دانين ۾ نہ صرف رواجي اِنسان هئا، پر راڄ ڪرمچاري، شاهوڪار، چترڪار ۽ اهڙا وڏا عهديدار هئا، جن ٻڌ جي ڪمل قدمن ۾ صرف سون ۾ نہ، پر هزارن ۾ دان پئي رکيو. ڀڳوان ٻڌ هڪ ڪان دان وٺي، ٻنا نهارڻ جي ڀڪشن طرف وڌائيندو پئي ويو ۽ اُنهن وري سمورو دان هڪ هنڌ ڪٺو ڪري پئي رکيو.

اوچتو ڀيڙ کي چيريندي هوءَ نيم پاڳل ٻڪارڻ ڀڳوان ٻڌ اڳيان اچي کڙي ٿي. سندس هٿ ۾ اُهو ئي. سڙيل گريل انار هو. چوگرد هڪ کن لاءِ اهڙو سناٽو ڇانئجي ويو، ڄڻ سڀني جو ساهہ اچي سندن اکين ۾ اٽڪيو هو. هزارين

ماڻهو يڪ ٽڪ انهيءَ ٻڪارڻ ڏانهن نهارڻ لڳا، جنهن جي اڳيان اڇڻ تي ڀڳوان ٻڌ آسڻ تان اُٿي ڪڙو ٿيو. اِن ٻڪارڻ انارڪلي سندس اڳيان جهليو. ڀڳوان ٻڌ ٻنهي هٿن ۾ اهو ڏاڙهون ڪاٺس ورتو ۽ پوءِ آسڻ تي ويهي اُهو انارڪولي اُن مان چوندي چار داڻا سنا ڪري ڏاڍي پريم سان کائڻ لڳو.

اهو درشيہ ڏسي چوگرد سس پس ٿيڻ لڳي. ڪي تہ يڪ ٽڪ ڀڳوان ٻڌ جي اٿاہ پريم سان ڀريل مدرا ڏانهن منترمگڌ ٿي نهاري اندرئي اندر پاڻ کي چئي رهيا هئا:- ”ڪاش! جيڪر اسان جو دان بہ ڀڳوان ٻڌ اِئين گرهڻ ڪري!“ پر اٿاہ ڀيڙ ۾ اوچتو شور شروع ٿي ويو، جو تہ ڪن ايماني اِنسانن کان اِهو سٺو نہ ويو. هڪڙي کي چوڻ لڳا:- ”هيءُ اسان جو ۽ اسان جي ڏنل دان جو اپمان آهي. چا لڳي هڪ سڪل سڙيل ڏاڙهون، جنهن ۾ پورا پنج داڻا بہ سنا نہ آهن ۽ چا لڳن اسان جا ميوا، مٺايون ۽ نقد نارائڻ!“ هڪڙي مغرور ڏنوان جي غصي جو پارو ايترو تہ چوٽ چڙهي ويو، جو هن نمرتا ۽ نياز جو ليڪو لنگهي، ٻڌ ڀڳوان کي سنمکہ ٿي، اُٿي بيهي وڏي واڪي چيو:- ”ڀڳوان ٻڌ! هيءَ اسان جي بي عزتي آهي. توهين انهيءَ ڪني ڏاڙهونءَ جي اسان جي دانن سان ڀيٽ تہ ڪري ڏسو.“

اِهو ٻڌي ديا ۽ همدرديءَ جي ساکيات سروپ، گوتم ٻڌ مشڪيو ۽ پوءِ ڪنڌ ڏوڻي پنهنجو هٿ مٿي کڻيائين تہ

سيني جا ڪنڌ ازخود هيٺ جهڪي ويا ۽ چوگرد سناٽو ڇانئجي ويو. تڏهين سانتيڪي ۽ مٺي آواز ۾ پيگوان ٻڌ چيو:- "(هي بکارڻ جو دان لاثاني آهي.) توهان بيشڪ، مون کي سوَن ۽ هزارن رپين جو دان ڏنو آهي، پر جيڪي ڪجهه اوهان مون کي ڏنو آهي، اهو صرف ٿورڙو حصو اوهان جي گهرن ۾ رکيل ملڪيت جو آهي: پر هن بکارڻ هڪ انار، جنهن ۾ به صرف چار داڻا سڻا مس هئا ۽ جا هنجي سموري ملڪيت هئي، ڪنهن به هٻڪ کان سواءِ مون کي ارپڻ ڪيو. توهان مان ڪيترا هتي ويٺا آهن، جي صبوح جو کير ملايون، رٻڙيون پوريون کائي، پيٽ ڀري آيا آهن ۽ هن کان پوءِ به وڌي پيٽ ڀري کائي سگهندا، پر هن بکارڻ کان پڇي ڏسو، هن هڪ ڪڻو به ان جو پيٽ ۾ نه وڌو آهي ۽ هينئر جلدي رات جو انڌيرو چوگرد ڦهلجي ويندو ۽ ڪيس بکئي پيٽ ئي اجوڪي رات ڪاٽڻي پوندي. پر تڏهين به جيڪي ڪجهه اج کيس بکيا ۾ مليو، اهو سمورو هن مون کي دان ۾ ڏنو. ڪهڙي نه عجيب منوورتي آهي توهان جي! مونکي يقين آهي ته اهو ميوي وارو به ضرور اج هتي آيو هوندو. پنهنجي هيڏي ساري ميوي جي دڪان مان هڪ سڻو ڦل ڪيس بکيا ۾ نٿي ڏيئي سگهيو؟ پر جي اج مان هتي اچڻو نه هجان ها، ته انهيءَ گريل سڙيل انار سان هيءَ غريب ۽ مسڪين بکارڻ پنهنجو پيٽ ڪجهه ڀري سگهي ها؛ پر منهنجي اچڻ جو ٻڌي، هن اهو انار، جيڪو سندس سڀ ڪجهه هو، اهو پنهنجو

سرونس، هوءَ مون وٽ ڪٽي آئي مونکي دان ڏيڻ لاءِ. هاڻي توهين فيصلو ڪريو ته سيني ۾ اُتم ۽ لاثاني دان ڪنهنجو؟"

ٻڌ ڀڳوان جا اهڙا دل ڀڄائيندڙ اکر ٻڌي انيڪن جي اکين مان اشرو ڌارا (ڳوڙها) وهڻ لڳي ۽ اُن مغرور اِنسان جو ڪنڌ جهڪي ويو.

٢٢. ڪاليداس

اُتم

هرڪو اديب پنهنجي پنهنجي دور جي پيداش آهي. هنجي ادب جي اوک ڊوک ڪرڻ لاءِ، سندس زماني جي حالتن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڪاليداس ڪير هو، ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو هو ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ نپنو هو — اهي سڀ ڳالهيون اڄ تائين راز بڻيون رهيون آهن. ڪاليداس جي زندگيءَ متعلق جيتري واد وواد هلي آهي، سا ٻيءَ ڪنهن ساهتڪار جي زندگيءَ متعلق مشڪل هلي آهي. ڪن هنکي عيسوي سنه کان ٣٠٠، ٤٠٠ سال اڳ ۾ ته ڪن عيسوي سنه کان ٥٠٠، ٦٠٠ سال پوءِ جو رهاڪو ڄاڻايو آهي. ڪن هنکي اُڄين جو ته ڪن ڪشمير جو ته ڪن بنگال جو رهواسي سڏيو آهي. ليڪن گهڻا اتهاسڪار ان مت سان شامل آهن ته هو عيسوي سنه کان هڪ صدي کن اڳ ۾ اُڄين ۾ ڄائو هو ۽ راجا وڪرماجيت جي "نورتنن" مان هڪ هو. "ڪاليداس ڪاميٽيءَ" هنجي جنم ڏن ملهائڻ جو ڏينهن نومبر ۾ مقرر ڪيو آهي.

ڪاليداس جي دور ۾ انساني شهور اڃا ريڙهيون پائي رهيو هو. سماج تي ديوتائون ۽ راجائون ڇانيل هئا. ان دور جي ساهت ۾ اڪثر ڪري ديوتائن ۽ راجائن جون ئي وارتائون لکيل آهن. مگر انهن ۾ ديوتائن ۽ راجائن جي وڏائيءَ جا ئي گيت نه ڳايا ويا آهن، پر انهن سان گڏ اهي

حقيقتون، نصيحتون ۽ خيال پڻ پيش ٿيل آهن، جن ۾ نه فقط انساني زندگيءَ جي تصوير ڪشي ڪيل آهي، پر انکي اڳتي وٺي وڃڻ جي ڪوشش به ڪيل آهي ۽ اُنهن اج تائين دلچسپي نه وڃائي آهي.

ڪاليداس جي رچنائن پڙهڻ سان اها ڳالهه بخوبي سڌ ٿئي ٿي؛ ڇو ته هنکي گذرئي به هزارکن سال ٿي ويا آهن ته به سندس رچنائون اج به اسان ۾ دلچسپي پيدا ڪن ٿيون. ڪي اُن دلچسپيءَ جو ڪارڻ رڳو سندس ڪلا ۾ ڳوليندا آهن، هو هنجي تشبيهن، شرنگار رس، سندرتا جي ورنن جي خوب واکاڻ ڪندا آهن، پر سندس پيش ڪيل انساني عناصر کي پلئجي ويندا آهن. هو اهو نه ٻڌائيندا آهن ته ليکڪ انسان کي ڪهڙو پيغام ڏنو آهي، زندگيءَ بابت ڪهڙو نظريو پيش ڪيو آهي. هيءُ رخ صحيح ڪونهي، ڇو ته ڪنهن به اعليٰ ليکڪ رڳو پنهنجي ڪلا جي نمائش لاءِ قلم هٿ ۾ نه کنيو آهي، پر زندگيءَ بابت هن پنهنجي رد-عمل جو اظهار ڪيو آهي، خلق سان ويچار ونڊڻ چاهيا آهن. ڪاليداس به ائين ڪيو. ڪاليداس پنهنجن ويچارن کي جامو پهرائڻ لاءِ انوقت جي پنڊتن طرفان ناٽڪ بابت مقرر ٿيل بندشن کي به ٽوڙي ڦٽو ڪيو. هو پنهنجن ناٽڪن ۾ پنهنجن بزرگ ليکڪن وانگر فقط آڪاڻيءَ تي زور نٿو ڏئي، پر ان بابت سڌيءَ يا اڻسڌيءَ طرح پنهنجو رخ به پيش ڪري ٿو.

ڪاليداس ست رچنائون لکيون- ٽي ناٽڪ (شڪنتلا، وڪرم اُروشي ۽ مالويڪا اگني متر) ۽ چار ڪوتائون

(رگھونش، ڪمارسنڀؤ، ميگھدوت ۽ رتوسنھار). شڪنتلا ۽ ميگھدوت. ته دنيا جي اڪثر ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آھن. اسانجي سنڌيءَ ۾ به مرزا قليچ بيگ ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ "شڪنتلا"، سرڳواسي نانڪرام ميرچنداڻيءَ "ميگھدوت" ۽ سرڳواسي آچاريه ٽيڪچند گدواڻيءَ "رگھونش" جو ترجمو ڪيو آھي.

ڪاليداس جي رچنائن پڙھڻ سان به خيال صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا- آدرشي پريم ۽ آدرشي حڪومت.

ڪاليداس "شڪنتلا" "ڪمارسنڀؤ" "ميگھدوت" ۽ "وڪرم اروشيءَ" ۾ آدرشي پيار جو چٽر چٽيو آھي، جو پتي پتنيءِ کي ھڪٻئي سان وفائيءَ جو ناتو نباھڻ جو سنيھو ٿو ڏئي. (اھو پيار صحتمند پيار آھي، جو سماج کي ڇيھو نٿو رسائي) جيڪو اوچ نيچ جي ڀيد کان بالاتر آھي، جو فرض کي نظر انداز نٿو ڪري ۽ جو ھن مادي دنيا جو پورو لطف ماڻڻ جو پيغام ڏئيٿو. ڪاليداس سونھن جو جيڪو مٿين رچنائن ۾ ذڪر ڪيو آھي، سو ورلي ڪنھن ٻئي ساھتڪار ڪيو آھي. ھنجي ڏيکاريل سونھن ڪا مجرد چيز ڪانھي، اھا زندگيءَ سان ڀرپور آھي. انوقت جڏھن ڀارت ۾ ٻڌ ڌرم جي اثر ڪري ماڻھو "موڪش" حاصل ڪرڻ لاءِ تياڳي ۽ ويراڳي بڻجڻ لڳا، تڏھن ھنن ۾ پيار ۽ سونھن لاءِ جذبو پيدا ڪرڻ واقعي ھڪ ترقي پسند قدم ھو. ان مقصد وچان ڪاليداس ويدن ۽ پراڻن تان ڪنيل وارتائن ۾ وڏيون ڦيريون ڦاريون ڪري، پنھنجي نموني ۾ پيش ڪيون. جئن "وڪرم اروشي" ناٽڪ جي پلاٽ ڏڪ-

انت مان ڦيرائي سگهه- انت ڪٿي اٿس ۽ منش لوڪ جي راجه ديولوڪ جي اپڇرا- ناچڻيءَ جي وچ ۾ دائمي پيار ڏيکاريو اٿس. هي ڏيکاري ٿو ته ڪاليداس آشاوادي هو ۽ روايت پرست نه هو.

ڪاليداس محبت جي ميدان ۾ ديوتائن ۽ راجائن کي رواجي انسانن وانگر پيش ڪيو آهي، جيڪي پيار ڪندا آهن، انلاءِ تڙڦندا آهن ۽ نيٺ ان پيار کي ڪٽي ڪٽنبي جيون گهاريندا آهن.

گرديو ٽئگور "پراچين ساهتيه" ڪتاب ۾ "شڪنتلا" ناٽڪ تي ٽيڪا ڪندي لکيو آهي، "ڪاليداس جو اهو مت هو ته جي استري پرش جو پريم سڦل نه ٿئي، جي اُن ۾ خوشي نه ٿئي ۽ جي اهو سنسار ۾ پٽ، ڌي، مهمان ۽ پاڙيسري وغيره لاءِ لاڀدائڪ ثابت نه ٿئي ته اهو سندر ۽ دائمي ناهي." انگريزي پروفيسر آرٿر رائيڊر "ڪاليداس ۽ شڪنتلا" ڪتاب ۾ لکيو، "دنيا جي ٻئي ڪنهن به شاعر عورت ۽ مرد جي آنندميه پيار جو اهڙو ورنن نه ڪيو آهي، جهڙو ڪاليداس ڪيو آهي. هن جيڪو پيار ڏيکاريو آهي تنهنڪي البت ٿوري وقت لاءِ مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پويٿو، ليڪن آخر ۾ اهو آنندميه بڻجيٿو. سندس لکڻين ۾ ڪٿي به اهڙي غيرصحتمند پريم جي جهلڪ نه ملندي، جنهنکي ڪڏهن "ماڊرن پيار" جو نالو ڏنو ويندو آهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته هنجي ڪوتا مشڪل سان زنده رهي سگهي ها، جو ته ٻارن ٻچن

جي خوشيءَ سان ڀرپور آنند ۾ پيار هڪ ازلي حقيقت آهي."

ڪاليداس آدرشي پريم جي ڪاميابيءَ لاءِ ضروري ٿو سمجهي ته پتني، پتيءَ جي غلام نه، پر صحيح نموني ارڌانگني ۽ جيون ساٿڻ ٿيڻ کپي؛ انڪري هن پنهنجن استري پاترن جو چٽر نهايت همدرديءَ سان چٽيو آهي. انهيءَ ڪري ئي اهي پاتر، پرش پاترن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اُڀري بيٺا آهن. هنجون سوڀميون شڪنتلا، سيتا، اندومتي، پاروتي ۽ يڪش جي زال، وفادار، بهادر ۽ سوڀمان پسند استريون آهن، جنجا پتي راجا دشينت، رامچندر، اجه، شو ۽ يڪش هننکي عزت جي نگاه سان ڏسندا. راجا دشينت اجه ۽ يڪش پنهنجين استرين جي فراق ۾ جُهرن ٿا. رامچندر ۽ اجه ٻي شادي ڪرڻ کان انڪار ڪندا. راجا اجه پنهنجي استريءَ کي "ساٿي، گهر، خزانو ۽ خوشي" ڪري ٿو سمجهي. شو چويٿو، "ڌرمي جيوت لاءِ پڻ سني پتنيءَ جي ضرورت آهي." ان زماني ۾ جڏهن عورت اجڪلهه جي زماني کان به وڌيڪ، مرد جي غلام هئي، تڏهن استري کي مرد جو ساٿي سمجهڻ ۽ هنلاءِ عزت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش هڪ ترقي پسند معنيٰ رکيٿي.

ڪاليداس جو آدرشي راجا ڪهڙو آهي؟ اهو جو رعيت کي سکي رکي. انکي علم ڏئي، انجي سنڀال ڪري ۽ اُنجو پالڻ پوشڻ ڪري. هو جيڪي ڍلون ڪٺيون ڪري سي رعيت جي لاءِ ئي ڪم آڻي. پرجا جي ڌانهن ڪوڪ ٻڌي ۽ پورو انصاف ڪري، جئن ملڪ ۾ نه چوري چڪاري

ٿئي، نہ بيماري پوي ۽ نہ ڏڪار پوي. نڪو شوق، نڪو ناٽو هنکي پنهنجن فرضن کان هٽائي. ٿوري ۾ راجا کي پنهنجي "بادشاهت" کي "استريءَ" وانگر پيار ڪرڻ کپي. ڪاليداس هنن سڀني ڳالهين جو ورنن "رگهونش" ۾ جدا جدا راجائن جي حالتن وقت، ڪيو آهي. ڪاليداس جي آدرشي حڪومت جي معنيٰ اڄ جي بي نظامي راڄ ۾ ڪيڏي نہ اهميت ٿي رکي.

ڪي شايد ائين سمجهن تہ ڪاليداس صرف راجائن جي مهما جا گيت ڳايا آهن. پر ائين ناهي. هن جڏهن جڏهن حڪومت ۾ خامي ڏٺي آهي تڏهن انجي اوگهڙ ڪئي آهي. "شڪنتلا" ۾ مهاڻي کي جڏهن راجا جي منڊي لڀڻ ڪري انعام ملي ٿو تڏهن هو پوليس وارن کي (جن هنکي ماريو آهي) چوي ٿو، "سائين هن (راجا جي انعام) مان اڌ شربت پاڻيءَ لاءِ قبول پوي." هڪ پوليس وارو ورندي ٿو ڏئي، "مهاڻا، سچ ڪري پڇين تہ سنسار ۾ توکان وڌيڪ گهرو ٻيو ڪو دوست يا پريتوان ڪونهيم. اسانکي تہ پهرين پيالي جي پياس، پوءِ ٻي ڳالهہ. هلو تہ هلون ڪنهن شراب خاني ۾."

رگهونش ۾ ڪاليداس، راجا اگني ورت لاءِ لکي ٿو، "هو سڄو وقت عيش عشرت ۾ گذاريندو هو ۽ محلات ۾ پيو هوندو هو. اينتري قدر جو جڏهن راجائي فرض خاطر هنکي رعيت اڳيان اچڻو پوندو هو تہ هو صرف پنهنجو پير دريءَ کان ٻاهر ڪڍي ڏيکاريندو هو. هنکي داسين ۽ وئشائن سان سنڀوڳ ڪرڻ ۾ شرم نہ ايندو هو."

رگهونش ۾ رام جي موت بعد ايوڌيا جي جيڪا حالت ٿي آهي تنهنجو اجهو هيٺن ٿو بيان ڪري، "جتي اڳي محلاتن جي چوٽين آسمان تي چميو، اُتي اڄ ڊنل جهوپڙيون پيئون ڏسجن. جن باغ جي ولين کي پريم سان هيٺ نمڙائي، ولاسي ناريون منجهائن گل چنبڊيون هيون، تنتي اڄ باندر پيا ٽپا ڏين."

البت ائين آهي ته ڪاليداس جي رچنائن مان عام جيوت جي جهلڪ گهٽ ملندي، جيئن ٽيڪ ميگهدوت ۾ ڪبير ديوتا جي سراپ ڏنل يڪش لاءِ ڏيکاريل همدردي ۽ اُروشي ناٽڪ جي دربان جي بڌايل دکي حالت مان ظاهر آهي ته هنکي عام ماڻهن لاءِ پيار هو.

ڪاليداس ڌرمي ڳالهين ۾ آزاد خيال هو. "رگهونش" ۾ لکيئو، "سڀ پنٿ هڪ ئي چڱائي ڏانهن وٺي هلنثا." هو روايت پرستيءَ جي برخلاف هو. پنهنجي ناٽڪ "مالويڪا ۽ اگني متر" ۾ لکيئو، "هرڪا شيءِ جنهن تي پراچيننتا جي مهر لڳل آهي، سٺي ناهي." هي ٻئي حوالا انوقت جي حالتن موجب هنجي نئون پسند خيالات جي ثابتي ٿا ڏين.

ڪاليداس جو انسانيت ۾ اٽوٽ وشواس هو. "ڪمار سنڀؤ" ۾ هڪ هنڌ چويٿو، "انسان جو انسان لاءِ پيار نه بدلجندو ۽ هميشه قائم رهندو." ٻئي هنڌ چويٿو، "جڏهن توهين ڪنهن سان گڏجي ڳالهائيندي ٻولائيندي ست اٺ وکون اڳتي وڌو ٿا ته هڪٻئي ۾ دوستيءَ جو ناتو پيدا

ڏٺيئو.“ ھي ڏيکاريئو تہ ڪاليداس انسانيت جي پرسپر پيار ۽ سھڪار جو ڪيڏو نہ ڪانکي ھو. اڄ جڏھن موجوده سماج، انسان کي انسان جي خلاف دشمن بڻائي ڇڏيو آھي، تڏھن ڪاليداس جو انسان دوستيءَ جو سنيھو اھڙيءَ سماج کي بدلائڻ ۾ ھٿي ڏئيندو.

٢٣. زندگي موٽي آئي

سندري اُتمچنداڻي

وڏيون وڏيون اکيون هيس، جن مان نور پئي ڇلڪيو. هٿ هئس جهڙا پيڻ. ڪير چنڪاريندي دڪين تان چڙهي. مٿي تي ڪٽي نڪر جو ڏيکڻ جهليو هئائونس. هڪڙي سونهن بوٽيهن جوان، پيرن بيٺل جوانڙيءَ جي ڪن ۾ چيو، ”هي ڏيکڻ نه مون کي ڏاهريءَ واري آڪاڻي ٿو ياد ڏياري، جنهن ۾ هڪ ڏاهريءَ جي عقلمنديءَ جي گفتي تي واهه واهه ڪندي ڪٽي سندس وات کي ڏيکڻ ٻڌو هئائون. ڇي، سياڻپ نه نڪري وڃيس.“ جوانڙي پاسرين کي هٿ ڏيئي خوب ٺهڪ ڏيڻ لڳي.

اوڙي پاڙي جون جيڪي زالون اچي مڙيون هيون، تن سوڻ طور لاڏو پئي ڳاتو- ”لاڏل ونـي ونـي آيو......“ ليڪن لاڏي ۾ مزو ڪين هو. ويجهي نل تان سيروءَ ماءُ جي ڪپڙن جي سٽ سٽ پئي آئي.

ڪنوار کي پرڻئي هفتو ٿيو هو، مگر شادي پولي ۾ ٿي هئي؛ سو نئين گهر يعني ڪلياڻ ڪئمپ جي بنگلي جو اڄ ئي درشن ٿيو هوس.

پاڙيواريون ڪنوار ڏسڻ آيون. ڪنهن چيو، ”پدمڻيءَ جهڙي آهي،“ ڪنهن چيو، ”پدمڻي آهي“ ۽ ڪنهن چيو ”گوپال نيٺ ڪٿي آيو.“ پر گهوٽ جي ماسيءَ سرير کي ڏڏڪو ڏيئي لوڏ سان چيو، ”سو هيءَ ڇا آهي! ڪٿي آهي

منجهس اها لالاڻ؟ منهنجي پيڻ جڏهن پرڻي هئي، تڏهن رت تي ڳلن مان ڇٽيس. اڇي اڇي جهڙي ٻگهہ هئي..."

سيئي ڪنوار جي سس طرف ڏسڻ لڳيون. "مسيت پلي ڦٽي ويئي هئي پر محراب اجا قائم هو." ڪنوار جي سس جا نقش نئں اجا بہ سيني آيلين کان گهڻو اُچا هئا. چمڙي ذرا سکل ۽ پيلي هئس. ڏاڏي خنڪيءَ سان چيائين، "تڏهن چا؟ ڳل تہ منهنجا اهڙا هئا، جو آئي ويئي چوندي هئي- سرخي مکي اٿس چا؟ پر تڏهن تہ هئا سچا گيهہ. پنهنجون ڪونيون هيونسين ڪراچيءَ ۾..." چوندي چوندي هنجي مک تان مرڪ اُڏامي ويئي، جڻ سک جي يادگيرين کي کوٽيندي دک جا غبار اچي اُڏاٽا هئا.

پئي ڏينهن تي گوپال ماءُ لاڏو چوايو هو. اوڙي پاڙي جي زالن دهل تي ٺڪ ٺڪ ڪٽي لاتي هئي- "ڏکہ جي رات لاڏي منديون گهڙايون......" اوچتو "لاڏن واري آئي" "لاڏن واري آئي" جو شور مچي ويو. ڪنوار پنهنجون لڄ پريون اکڙيون کڻي لاڏن واريءَ طرف ڏٺو. سنهڙي سهڻي چوکري هئي. چپ رگيل، ڳل چٽيل. ٺلندي ٺمڪندي اچي فراس تي ويٺي. ڪنوار سان سندس نظر ملي تہ وڏي وڏي مرڪ چپن تي ڦهلجي ويس. ليڪن ڪنوار نظرون زمين ۾ جهڪائي ڇڏيون.

لاڏو شروع ٿيو. سهڻيءَ لاڏن واريءَ جي سس دهل پئي وڄايو. نرانس پئي لاڏو چيو ۽ پاڻ وچ ۾ ٻيهي چيچ پئي هنيائين. هڪڙو نينڍڙو ناٽک بہ ڪري ورتائين، جنهن ۾ هڪڙي ڪنواري چوکري شاهوکار ٻڍي سان

پرڻجڻ بدران غريب جوان ڇوڪري سان لائون لهڻ لاءِ تيار ٿي ٿي. سيٺي ملي پئي ونايس. چي، ”جوان پاڻي ٻه پيرائيندُءِ... سادو وڳو پهرائيندُءِ... ڪپڙا ٻه ڌئاريندُءِ... نوڪري ڪرائيندُءِ......“ ۽ ڪنواريءَ جو پارٽ ڪندڙ لاڏن واري نچي ڪلي پئي چيو، ”ڪنديس خوشيءَ سان...... پائيندس چوڄ مان......“ وغيره.

دهل جي ڏڪ ڏڪ سان ڪنوار جو من پئي دهڪيو. سندس اکيون هن بي باڪ لاڏن واريءَ ۾ وڃي اٽڪيون. نچڻ ڇا هن جو ڌنڌو آهي؟ يا شوق آهي؟ ڪنوار کي لڳو، نچڻ هن لاءِ سڀڪجهه هوندي به ڪجهه نه هو. منهن تي اهڙي سانتيڪي مرڪ هئس، جو هن ڌنڌي کي سندس شوق سمجهڻ، پنهنجي بي عقلي ظاهر ڪرڻي هئي. ليڪن ناٽڪ اهڙيءَ نزاڪت سان ڪري رهي هئي، جو ناٽڪ هلندي ڪنوار جا ڳل ڳاڙها ۽ چپ سرخ ٿي ويا. اکين جي نهار اهڙي گهري ٿي ويس، جڻ نچندڙ لاڏي واريءَ سندس ئي روح ۾ چڀيل بي باڪ ناريءَ جو ذڪر ڪري رهي هئي. لاڏي واريءَ، ڪنوار جو سندر مکڙو کاڏيءَ کان لڏائي چيو، ”لاڏي، هو اکڙيون ملائيندءِ.“ سڄي ٽوليءَ ۾ کلڪو پئجي ويو. ڪنوار شرم کان ڳاڙهي ٿي وئي. اوچتو جو دروازي طرف نظر کڄي ويس ته اُتي گهوٽ کي بيٺل ڏسي، باقي ٻه پاڻي پاڻي ٿي وئي. اُتان اٿي وڃڻ لڳي ته ننڊين نيڻين پڪڙي ڪٺي ٿي وهاريس، جو سندس سس اُنهن کي اشارو ڏنو ته پل ٻاهر وڃي. ڪنوار ته اشارو ڏسي ورتو. پوءِ به جيڪي سس ڪانئس لڪائڻ ٿي چاهيو، اهو ڪيس

لڪائڻ ڏنائين ۽ پاڻ ٻهڙڪ جي وراندي طرف هلي ويئي. لاڏو پورو ٿي چڪو هو. لاڏن واريون وڃي رهيون هيون. مگر ويندي ويندي پاڻ ۾ سس پس جا ڪيائون، سا ڪنوار ٻڌي ورتي. سس چئي رهي هئي، "هندستان ۾ لاڏن وارين جا مان شان ئي ڪونهن...... گهور به ڪانه پيئي."

ڏيڍس چيو، "ماڻهو ٿي پيا آهن ڪتا ڪاڻا. پيٽ ٿا ڪائين ته جڻ ملڪ کي ٿا لوڏو ڏين."

ڪنوار سيڪجهه ٻڌو ته به منهن ان طرف نه ڪيائين، جڻ سس جيڪي ڪائڻس لڪائڻ ٿي چاهيو، سو پاڻ به ٻڌڻ نٿي چاهيائين. مگر ٻن ٽن ڏينهن اندر سندس خيال ڦري ويو. ڪيترو ئي ڪجهه ڪائڻس لڪايو پئي ويو. هاڻي چاهيائين پئي، ڪوئي ڪيس سيڪجهه ٻڌائي ڇڏي؛ هوءَ خراب ۾ خراب خبر ٻڌڻ لاءِ به تيار هئي. پر هن طرح سڀ لڪ ۽ ڍاريائي سهڻ لاءِ ڪنهن به طرح تيار نه هئي. ٻه ڏينهن پيا به گذري ويا. هاڻ ڪيس خاطري ٿي ويئي ته هوءَ هن گهر ۾ اجا به ڌاري هئي. سڄي گهر تي مايوسيءَ جو ڪڪر ڇانيل هو، جڻ زندگي رسي ويئي هئي.

هوءَ هڪ رات پٽيءَ جي گوڏي تي ڪنڌ رکي روئي پيئي. "وهانءَ جي خوشي بس ايترا ئي ڏينهن هلندي آهي! ڇا سڄي عمر هن گهر ۾ هن طرح ڪل خوشيءَ بنا ئي گذارڻو آهي؟"

گهوٽ گوري معصوم مکڙي تان ڪل خوشيءَ جي ٽڙڦ کي ٻن ڇپن ۾ ڪٽي ورتو. پر صبح جي تازگيءَ ۾ ڪنوار وري پنهنجو سوال دهرايو، "ڇا پيا مونکان لڪايو؟ ڏسان

پيئي آمي، بابا ٻه ڪنهن ڳالهه لڪائڻ لاءِ ڳجهوئي ڳجهو پاڻ ۾ پيا اٿڪن...... ڇا مونکي ڏيتي ليتي گهٽ ملي آهي، انڪري؟"

"نه پڳلي،" گوپال پٽنيءَ جو گورو هٿ اکين تي ڇهائي چيو، "تنهنجي روپي رنگ جي پيٽ ۾، ڏيتي ليتيءَ جون گنيون به هار ڪائي ويئون، راڻي!"

"رهڻ ڏيو مسخري." ڪنوار جون پلڪون آليون ٿي ويئون. هوءَ اٿي نئپڪن ڪڍي منهن ڏوڏڻ هلي وئي. سس جي ڪمري جو دروازو اجا بند هو، پر ائين پئي لڳو، اندر سس سهروءَ ٻارن جي ڇانگ گهڻو اڳ ڇاڳي چڪي هئي. ڪنوار ٻيڪڙيل در وٽ اچي منهن اگهي رهي هئي، جو اوچتو سندس هٿ روڪجي ويا. ڪمري اندر سهرس جو آواز تيز ٿي ويو هو، "شل ڪا مار پوندءِ گوپال ماءُ!"

"هاڻي تپو ڇو ٿا؟ وڃي لاهي لنگها ٿي ٻيهو سڀيئي."

"ڏنڏو ڪرڻ لنگهو ٿيڻ آهي؟ نه پوءِ جٽي دنيا تني اسين."

"مان ٿي چوان دنيا ۾ شانائتا ڏنڏا ئي توهان لاءِ ڪتي ويا. بس پيتيون ناهڻ ئي توهان لاءِ وڃي. ڏنڏو ٻچيو آهي؟"

درٻاهران ڪنوار سامت جو ڏگهو ساهه کنيو.

سهري ڪنگهڪار ڪري چيو، "جهليئي ڪير ٿو، تون ئي ڪڍي ٻيهو ڏنڏو ڳولي ڏي."

"بس توهين پڙو چادر پائي گهر ۾ ويهي رهو، ته مان ڏنڏو ڳولي اچان!"

”اڙي سپاڳي، پڙو چادر پهرائي ته وهاريو اٿيئي، اجا ڦاهو ڏيندينءَ ڇا؟ پنڌرهن ڏينهن ٿيا آهن ڪم کي بند ٿئي...... هاڻي ته دم ٿو گهٽجي. ڇوڪري آئي سا نئين پراڻي به ٿي، اجا ڇونه ٿي ڪم ڪرڻ ڏين؟“

”مان اهو ڪم بند ڪرائي ئي رهنديس. ڪو هڪڙو پٽ ته ڪين اٿئون جو تانگهه لٿي؟ اجا ته پنيان ڪڇڙي ڪانپ ويٺي آهي. اڳي ته هو پنهنجو رت؛ اندر ڇا به ويٺي ڪيو، هاڻي ته ڌاريو رت گهر ۾ آيو آهي. هاڻي ڪونه اهو پردو رهندو.“

”ڀڪڻ تڏهن سچ جو رکيو هوءَ ڇا ڪنوار جي مٿي تي؟“

اوچتو هڪ ٻار اندران ٻڪندو نڪتو ۽ در ڪليل ڇڏي ٻاهر ڀڄي ويو. ڪنوار هڪي ٻڪي ٿي ويئي، جڻ چوري ڪندي پڪڙي هئي. سس سهرو به پنهنجي سر ڏڪاڻجي ويا. ٻار سڀ چپ ٿي ويا. ڪنوار اندر نئپڪن ڪليءَ تي ٽنگي، سس جي پير ۾ اچي ڪٽ تي ويٺي. سس ڏکو ساهه کڻي، سوڙ وڌائي چيو، ”ڪنوار، پير مٿي ڪري سوڙ ۾ ٿي ويهه.“

ڪنوار جو من پرچي آيو. آهستي ڪري سوڙ گوڏن تي وجهي چيائين، ”ڪيڏو ٿا منهنجو خيال ڪريو امي!“

سس جي منهن تي مرڪ وري ويئي. اکين مان پاڻي ڇلڪي پيس. جڻ ڇئي رهي هئي، ”هائو ڌيءَ ڏاڍو ٿي تنهنجو خيال رکان پر پويم ڏاڍو مهانگو ٿو.“

ڪنوار پنهنجون وڏيون گهريون اکيون کڻي سس طرف ڏٺو ته سندس من ۾ شرڌا ڀرجي ويئي. پلڪون جهڪائي نهن تان پالش ڪرڙيندي چيائين، "امي، پوني ۾ توهين جنهن گهر ۾ مونکي ڏسڻ آيا هئا، اهو ته منهنجي ماسيءَ جو گهر هو. اسانجو گهر ته بڙودي ۾ آهي."

ڪنوار جي مٺي آواز ۽ گنڀير ڍنگ طرف سيٺي جو ڌيان ڇڪجي ويو. ڪنوار اکيون جهڪائي پنهنجي ئي ڌن ۾ چوندي رهي، "بڙودي وارو گهر ته توهان جي گهر جهڙو ئي آهي. منهنجو دادا هيئنر ڪٺي ڪپڙي جي دڪان تي نوڪري ٿو ڪري، پر ڪجهه وقت اڳ ته بزار ۾ پڙي ڪڍي به ويٺو هو."

ڪمري ۾ ويٺل سيٺي پاتين ڪان چرڪ نڪري ويو. سيٺيءَ ڪنوار طرف ٿي ڏسي رهيا هئا، مگر ڪنوار سڄو ساهس ڪٺو ڪري جيڪي چوڻ چاهيو هو، سو سڀ چئي چڪي هئي. انڪري ٿورو وقت انتظار ڪرڻ ڪانپوءِ سيٺي جي نظرن کي ڪنوار جي منهن تان موٽ ڪائڻي ٿي پيئي.

چانهه پي سڀ واندا ٿيا ته ڪنوار ڏٺو، سهرس ڪنجي کڻي پير واريءَ بئرڪ جو در کولڻ هليو ويو. سس پٺيان ڏاڍا سڏ ڪيا. "ٻڌو نه... ٻڌو ته......" پر سهرو ڀڻ ڀڻ ۾ "پيئي جڪه" چوندو نڪري ويو. ڪنوار سنان ڪرڻ هلي ويئي. ٿوريئي وقت ۾ پير واري بئرڪ مان ٽنين جي پيرن جي ٺڪ ٺڪ جا آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا. ٻار سڀ هڪ هڪ ٿي اوڏانهن هليا ويا. باقي گوپال هتي هتي پئي ڦيرا پاتا.

آخر ڪنوار ڪان نظر بچائي جو پير واريءَ ٻئرڪ طرف وڃڻ لڳو ته اوچتو سنان جاءِ مان نڪرندڙ ڪنوار سان نظر ملي ويس. گوپال کي شرم گاڏڙ ڪل اچي ويئي. پر ڪنوار معصوم نگاهه ڪٽي پنيءَ جي منهن ۾ ڏسندي رهي. ڄڻ چئي رهي هئي، "توهين به مونکان لڪايو ٿا؟"

گوپال وٽ هن ڏوراپي جو جواب ڪونه هو. سندس اکين ۾ هڪ ڪن لاءِ مجبوري ٻکي، ٻيءَ ڪن ۾ نظر جهڪي ويس. ڪنوار هڪ هٿ ۾ ڪپڙن جو ڏول ٻئي هٿ ۾ آلا وار پڪڙي وڃڻ لڳي. گوپال ڪنوار کي دروازي اندر گهڙڻ تائين ڏسندو رهيو. اندران آواز آيو، "اهي گولڪا پوڙهيا ڪرڻ آئي آهين ڇا اسان وٽ؟" گوپال سڃاتو آواز سندس ماءُ جو هو ۽ مٿان آيو صبح جي هير جهڙو سيتل ۽ گهنگهرن جي جهنڪار جهڙو مٺو آواز- "امي، پورهئي ڪرڻ ۾ ڪهڙو اهم آهي؟" گوپال جي ڇاتي ڦولجي ويئي. ڪلندو وڃي پير واريءَ ٻئرڪ ۾ پنهنجي ڪم کي لڳو.

پٽ واري پراڻي گهڙيال ٻارهن جا ٽڪاءَ پئي هنيان، جو ڪنوار پڪوڙن جي ٿالهي ڪنيو، پير پير ۾ ڪندي، ڪارخاني واري ٻئرڪ جي دروازي ۾ گهڙي. سڄيءَ ٻئرڪ ۾ چپ چپات لڳي ويئي. سهرو، ٻه ڏير، وڇين نران ۽ گوپال سڀ مٿي ڏسڻ لڳا. ڪنوار جي مک مان مڌر مرڪ ڇلڪي پيئي. پڪوڙن جي ٿالهي اڳيان وڌائي چيائين، "کائو." سهري هٿ وڌائي ٻه پڪوڙا کنيا ۽ هڪ ڪنڌ جي ڌوڻ ڏنائين. گوپال ٿالهي وٺي ٻائرن ڀينرن ۾ ورهائي؛ کائيندي سڀ مرڪي به رهيا هئا. ڄڻ چئي رهيا هئا،

”اڙي راز ته کلي پيو.“ ڪنوار انهن مرڪن ۾ ڇڻ پنهنجائي جو ڪو خزانو پاتو، جو جڏهن موتي رهي هئي تڏهن سندس پيرن ۾ نچ نچ هئي ۽ من ۾ ڪوئي گيت پئي گونجيو. ليڪن گهر اندر اچي ڏسي ته سس چلهه وٽ اُجهاڻي وساڻي ويٺي آهي. ڪنوار پڪوڙن واري خالي ٿالهي پٺيان لڪائي سڏ ڪيو، ”امي!“

سس چرڪ پيري ڇيو، ”ڏي ۽ پڪوڙن واري ٿالهي هتان تون ڪٿي ويئين؟“

ننهن خالي ٿالهي اڳيان وڌائي ڇيو، ”امي اڄ محنت قيد مان آزاد ٿي آهي، اُنجي خوشيءَ ۾ مان سڀ پڪوڙا ورهائي آيس.“

”پٽ مون ته گهٽوئي يڪڙ چاهيو......“

”پر امي، ڏسو ته ڪارخاني هلڻ سان ڇا ته رهه ڇهه لڳي ويئي آهي. لڳي پيو، رنل زندگي وري موٽي آئي آهي.“

سس، ننهن جي منهن ۾ نهاريندي رهي.

نــظـــم

١. شاه

سر سارنگ

١

آگم ڪيا آلا، لڳهہ پس لطيف چئي،
پلر جي پالوٽ سين، پٽن جهليا پاه،
واحد وڏائي ڪِئا، مٿي گسن گاه،
سانگين ورئا ساه، اُتن آب آگوندرو.

٢

اُبون ڪکر ڪڻيون، اُتر ڏي آهينِ
ڪري آگم آئيون، مند نہ مٽائينِ
مٿان لوڪ لطيف چَئي، گوندرَ گنوائينِ
پلر پيارينِ، اُجِيَن آب آگوندرو.

٣

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، تاڙي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اَڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪِئا.

٤

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪکريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏڦڙو، ٿهکن ٿيون ٺاريون،
لٿين لُکَّ لطيف چئي، ڍايون ڍاسريون،
پيچنديون پٽاريون، وري وٺاڻ آئيون.

٥

وسي تڏهن وس، منڊ مڙوئي مِينهن جي،
ڪَتِرن ڪيتا ڇڏيا، جي مڙيون ٿي مس؛
گابا مٿي گس، ڏک نه ڪندا ڏُٻرا.

٦

ٻر وَنا، ٿر ونا، ونيون ترايون،
پرهه جو پٽن تي، ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ پيرين هٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏهن ساميون، ٻولايون، راٻيون،
ٻانهيون ۽ ٻايون، پڪي سهن پاهجي.

٧

سارنگ کي سارين، ماڙهو، مرگهه، مينهيون،
آڙيون آبر آسري، تاڙا تنوارين،
سپون جي سمونڊ ۾، نئين سڄ نهارين،
پلر پيارين، ته سنگهارن سک ٿئي.

٨

اَڄ رسيلا رنگ، بادل ڪڏيا ٻُرجن سين،
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي ٻرچنگ؛
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام تي.

٩

سڄو صاف نه اُيري، سرلي وڄان سڄ،
مُهه چڙهيو ماڙهن کي، ڏي واڌايون وڄ،
هينڙا ڪپ نه ڪڄ، سگها ملندءِ سپرين.

١٠

حڪم ٽيو بادل کي، تہ سارنگ سات ڪجن،
وڄون وسڻ آيون، ٿيہ ٿيہ ميهن تمن،
جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٽا هٿ هڻن،
پنهجن منجهان پنڌ رهن ٿيا، اي ٽا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهہ مان، شال موڏي سڀ مرن،
وري وڏيءَ وسَ جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيّد چئي سيِن، آهہ توهہ تنهنجي آسرو.

سر عمر مارئي

١

قسمت قيد قوي، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟
آڳي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هيّي،
پرچي ڪين پهنوار ري، جان، جٺو ۽ جي،
راڄا راضي ٿيّي، تہ مارن ملي مارئي.

٢

نہ خبر نہ خواب، نہ ڪو اوني آئيو،
هُني جي هِٿ ڪهين، ڏنو ڪونہ جواب،
همير حساب، کُهہ چاڙان، ڪئن ٿئو!

٣

اَلا اوني آئيين، جي نياپا نيِنِ!
آئون اُنين جي آهيان، توڙي مون نہ مڃين،
مس منهنجي هٿ ۾، ڪاغذ کي آڻين،
لڙڪ نہ لکڻ ڏيِنِ، ڪريو پون قلم تي.

٤

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙون ليڙ،
واسي وار نه ويڙهيان، مر چڳون رهن چيڙ،
ماروءَ جي مهاڙ ريءَ، آندر ناهه اُڪير،
ههڙو حال، همير! وني شال ويڙهه وچان.

٥

سڀي سيبا ڏي، پوري نينهن نه ڪچوئي
ڪتيءَ ونيون ڪُتيون، ستي سِٽي سي،
مَڇِڻُ چونم ڪي، ته لڄائيءَ ٿر ڇائيون!

٦

پٽولا پهنواريون، مور نه مٽي ڪن،
جُه لاک رتائون لوئيون، ته سالئا سونهن،
اُن ايلاچئون آڳري، بخمل بافتن،
سکر پانئيان، سومرا! ڪٿي ڪان ڪهنبن،
جا ڏنيم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران.

٧

سون برابر سڳڙا، ماروءَ سنداً مون
پٽولا پهنوار ڪي، عمرا! آڄ مَ تون
ور لوئيءَ جي لوُن، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.

٨

سون برابر سڳڙا، لوُن لوُن برابر لڪّ
رهو جنهن رد ڪِئو، ڪوڙ تهين ڪي ڪک
مون ماروءَ جو مکُ، تيل نه لائيان تهجو.

٩

ڪراين ڪڙور جا، چوڙا ڪوڙا جنّ،
سو مرڪ مارُئڙنّ، جئان لوڪ لڄ ٿئي.

١٠

اِيّ نه مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي،
آڇي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه ڪُريت،
پکن جي پريت، مارئي سين نه مٽيان.

١١

عمر! آڇا ڪپڙا، ڪاٺياريون ڪنءَ ڪن،
جنين جا ٿرن ۾، ور ٿا ويڻ سهن،
هوءَ جي حق پئجن، سي ڪنءَ ستيون سومرا؟

١٢

آئون ڪنءَ سوڙيين سمهان، مون ورگهاري وِلّ
ڪٿيري تان ڪلّ، عمر! ڪج مَ ايهڙي.

١٣

جا عمر تو مُل عيد، سا آسان سوءَ ورتي سومرا،
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪئا شهيد، مارُو جي ملير جا.

١٤

ورسي وطن جائيون، صحرا سُٿر جِنّ،
گولاڙا ۽ گگريون، اوچڻ آباڻنّ،
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجهه جهنگن،
مونکي مارُئڙن، سج گڏائي سيج ۾.

١٥

پلرُ پيڻ، اوچڻ اُنّ، جن جا پير مٿي پاڪ،
وهڻ وراڪن ۾، اُن جي آجوڪي اوطاق،
پاڻ نه پسن پاڻ کي، ويچارا بي باڪ،
عمر! اوءِ نه عاقِ، ڏُکئا جِمَّ ڏُکوئيين.

١٦

مَحلين ماندي مارئي، ڏٺيم مُنهن ملوُر،
آڻيا سڻيا نه ڪري، سونهن وڃايس سور،
پيس لوه، لطيف چئي، لٿس ڪوڏ ڪپوُر،
چت جنين جا چوُر، سي مکي، مرڪُ نه ڪنديون.

١٧

ڪريو مهاڙ ملير ڏي، روءِ اُڀي چوءِ،
سُهڄ سوُرِي پاڻئيان، سوُمرا سندوءِ،
مِلڪ مارءِ جي آهيان، جوِر نه ٿيان جوءِ،
سو قلبُ ڪوٽ نه هوءِ، جو هٿيڄن هٿ ڪِئو.

١٨

لنگھڙياري لوءِ ۾، جنين لءِ ٿياس،
تنين تِر جيترو، پلڪ نه پچياسِ،
جهروڪن جهوريو هنيوُن، ڪوِنين آئون ڪنياس،
مارن منجهه مياس، نات ماڙِين ماريس ڪين ڪي.

١٩

آئون ڪنءَ چڙيان، سومرا! تن پھنوارن پچار،
جتڙ جنين جي جان ۾، لڳي رءَ لھار،
ميخون مُحبت سنديون، ھنئڙي منجھہ ھزار،
پکا ۽ پھنوار، ڏني مون ڏِيہ ٿئا.

٢٠

جھڙي آيس جئن، جي ٿِھڙي وجان تن ڏي،
تہ لالائي جا لطيف چئي، ڪَرَ مُڏُنِ اُنا مينھَن،
ماڙيءَ لڳم ميھڻُون، سڀ چماندر سين،
ٽيس ڪاٽياري ڪانڌ جي، ھتي اچي ھيئن،
ڪنڌ ڪٽنديس ڪيئن، مَنھِن ماروئڙن جي.

٢١

آڻين ڪي چاڙھينِ، ڏُٿ ڏيھاڻي، سومرا!
ستا ڪِئو سيد چئي، سائون سڪائين،
منجھا لَنب لطيف چئي، چائر ڪئو چاڙين،
پلاءِ نہ پاڙين، عمر! آراڙيءَ سين.

٢٢

جي لوڙ لڳين لائين، چيري چمُ،
مون ڪُر اڳي نہ ڪئو، آھڙو ڪوجھو ڪم،
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پھنوار سين.

٢٣

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساه،
بت مهنجو بند ۾، قيد ۾ ڪريجاه،
پر ڏيهاڙي پرئي ري، ڏارم ڏريجاه،
ڏڏي وسائج ڏرن جي، مٿي مُئيءَ مٽاه،
جي پويون ٿئي پساه، ته نجاه مڙه ملير ڏي.

٢٤

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساه،
هي سِرُ ساڙيه سامهون، مهجو نج، ميان!
مقاميا ڻي مارئين، وجي ٿر، ٿيان،
مُيائي جيان، جي وجي مڙه ملير ڏي.

٢٥

مَ کي روءُ مَ رڙکِي، مَ کي هنجون هار،
جهڙا اچن ڏينهڙا، تهڙا وينڍِي گهار،
ڏکن پنيان سکڙا، سِگها ٿين، سنگهار!
لٽا لوه لطيف چئي، پروڙج پهنوار!
ٻيڙيون نيئي ٻارِ، تو تاڻ بند ٻڌا ٿئو.

سر مومل راڻو

(١)

ڪالهہ گڏيوسُون ڪاپڙِي، بابو بيڪارِي،
سامِي سيلو سِرَ تي، مالا موچاري،
ڏيئي ڏيکاري، ڦٽي دل فقيرُ ويو.

(٢)

بيڪاريءَ کي ٻَرَ ۾، وِيو ڪَيف چڙهي،
ٻالهيون ڪندي ڪاڪِ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا آنگ آڙي، جنهن چنا ڦٽ چڙي پيا.

(٣)

جوڳيءَ کي جڙاءُ، نسوروئي نِينهن جو،
پتنگ جئن پيدا ٿيو، سامي سچ وَڙاءُ
آيو ڪاڪِ تڙاءُ، ڪنوارِنِ ڪڪوريو.

(٤)

آءُ، لانگوٽيا لال! ڪنهن پَرَ ڏُئيءَ ڳُجريون؟
آبِ آرتو آڪيين، لڙڪ وهائيِن لال،
ڏِٺءِ جي جمال، سامي! ڪُهُ نه سلائين،

(٥)

ڳُجَر کي ڳجميل جون، تارن ۾ تبرون،
هٺي حاڪمن کي، زور پريون زَبَرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پر ڏيهين جون.

(٦)

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا متن ويس،
چوتا تيل چنبيليا، ها ها! هو! هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن آچن نيش؛
لالن جي لبيس، آتشِ آڪر نه اُجهي.

(٧)

ڳنڍر ڳهڻا ڳهائيا، پاڻا لڳس ڳهاءُ
ميندڙي مُلاءُ، لڳس ڪان ڪپار ۾.

(٨)

ڪاڪ چڙهائون ڪند تي، پاڻا ويا پري،
تن کي ناتر ڪوهه ڪري؟ جي لڏو ڻيان لنگهي ويا.

(٩)

ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا نه مڪلن،
ٻاٻن ۽ ٻانهين جي، ٻنڌڻ ڪين ٻڌهن،
لڪين لاهوتين، آهڙيون اوريان ڇڏيون.

(١٠)

شمع ٻاريندي شب، پره پاڪون ڪڍيون،
موت مران ٿي ميندرا! راڻا! ڪارڻ رب!
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اُڏايم ڪاڪ جا.

(١١)

رس ۾، رسڻ گهوريو، اُٺ اوراهون ڇوڙ،
تو رِءَ ڪاڪ ڪڙي ٿئي، ساڻ سرڪنڌ سوڙ،
اَچي چندن چوڙِ تہ، سودا! سڪياڻي ٿيان.

(١٢)

حال قربان، مال قربان، گهوريان لُڏاڻو؛
فدا ٿي فقير جو، شل رسي ۾ راڻو!
مُئين سين ماڻو، مناسب نہ، ميندرا!

(١٣)

ميان ميندرا! موت، بخش ڪر بچائيون،
تون گهڻن جو گهوٽ، مون وُرُ تون ئي هيڪڙو.

(١٤)

راڻي جي رهاڻ مان، ڪو آديسي آيو،
چوڏهين ماهه چنڊ جئن، ڪيو سامهيءَ سهائو،
لٿو اونداهو، جوڳيءَ سنديءَ جوت سان.

(١٥)

نئون نياپو آيو، راڻي مُلان رات،
لَڌيسون، لطيف چئي، ڪنان ڏاتر ڏات،
ڪهڙي پڇين ذات؟ جي آيا، سي اگهيا.

(١٦)

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ چوڙِس چناٽو،
منجهين ڪاڪِ ڪڪوري، منجهين لُداڻو،
راڻو ۽ راڻو، رِءَ راڻي ٻيو ناهه ڪو.

سر ڪاپائتي

١

چائٺ پائي چت ۾، سنهو ڪتر جن،
تن جو صرافن، ڏکو داخل نه ڪيو.

٢

محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اَڻ توريو ئي اگهايو.

٣.

سٽ اُنين جو سڦرو، جي پر ۾ پڄائين،
آواز آرٽ جو، ساهه نه سٽائين،
لڪايو لطيف چئي، ڪُنبيو ڪتائين؛
جي ماڻڪ موتائين، توءِ ملهه مهانگو اُن جو.

٤

تڪ وِنگي، وَرَ گهڻا، ڪتيان ڪڄاڙو؟
ڪاپي مٿان ڪيترو، آٽيان اُڌارو؟
جي ور ڏئي وارو، ته سونهان سرتين وچ ۾.

٥

جا سنهو نه سڪي، سا مر رنڊائي روڙي،
سٽ اُنهن جو سڦرو، ويا ترازيءَ توري،
ٿلهي ۽ ٿوري، ويچاريءَ سان وڙ ٿيو.

٦

چرکو پنهنجي چت ۾، ٻنيءَ ٻيريو جن،
توڙي ڪين ڪتن، ته به ڪانڌ تنين جو ڪوڏيو.

٧

ڪوجو وه ڪاپائتين، ڪنبن ۽ ڪتين،
ڪارڻ سود سواريوُن، آتڻ منجهه اَچن،
اُن جي سونهن سيّد چئي، صراف ئي سڪن؛
اَگهيا سٽ سندن، پائي ترازيءَ نه توريا.

٨

تاجي توريائون، ته عيب نڪتا اَڳيان،
ڪوني ڪاپائتين ڪي، پر ۾ پڇيائون،
اَگلڙي آئوُن، مون کان پِڙا پڳا نه ٿيا.

٢. سچل

ننگ ٻاروچل توني

اصل آسانجو آهي، ننگ ٻاروچل توني،
ڇڏڻ مناسب ناهي، ننگ ٻاروچل توني.

١- ذرڙو جنهن کي ذوق تنهنجي جو،
ڇپر تنهن کي ڇاهي؟ ننگ ٻاروچل توني.

٢- جاڏي گهمائين تاڏي گهمون تا،
ڏور وڏي تو ڏاهي، ننگ ٻاروچل توني.

٣- جيهو تيهو سائين آوهانجو
ڇڏڻ لائق ناهي، ننگ ٻاروچل توني.

٤- ترين برين يار ٽڪيءَ کي،
رس کوهيارل ڪاهي، ننگ ٻاروچل توني.

٥- ساهه سچوءَ جو در تنهنجي ڏانهن،
هڏ نه آسرو لاهي، ننگ ٻاروچل توني.

ڪافي

جنهن کي عشق موليٰ جو ناهي،
سو ڄڻ جهنگ جناور آهي.

١- وهم ارادا خيال ٻيا وڃ، ڳالهه بره جي ڳاهي

٢- هو جو ڪوٽ هئڻ جو، ٻوڙ پهريںءَ سان ٻاهي

٣- عاشق تڏهن ڪوٺجي، جڏهن سڀ لاڳاپا لاهي
٤- دوستيءَ ٻاجهون دوست جي، هڏ ناهہ نہ ٻيو ڪوناهي
٥- محبت جي ميدان ۾، سي ڪامل پون ڪاهي
٦- سچو صاحب سڪ وارن کي، چاهہ منجهون پيو چاهي

ڪانگل ڏانهن

آءُ ڪانگا ڪا پرين جي ڳالهہ ڪر،
وعدو ڪيءَ ڪالهہ سو برحال ڪر.

١- ڪيئن ڏٺو تو دوست منهنجو ديس ۾
خوش ڏٺو هئو يار ڪهڙي ويس ۾،
سا خبر ساري مون سان في الحال ڪر.

٢- ڪي پڇيائون خبر هن جي حال جي،
ڪي ڪيءَ آگاهہ هن احوال جي
سو مون سان ڏاها اهو احوال ڪر.

٣- هت فراق آ ماريو ٻيو چا چوان
سوُر هن جي ساهہ کي نت نت نوان
آءُ آدا، خاطر منهنجي خوشحال ڪر.

٤- ڪي اُڏاڻو هئين پرينءَ جي پار ڏي
ڪي نياپا هي نيا هيءَ يار ڏي
ڪا مدد منهنجي ادا الحال ڪر.

٥- دوست جي ٻہ حضور جي حاضر ٿئين،
زاغ زاريءَ مون اهي نياپا نئين
لڳہ سائينءَ سارو سچوءَ جو سوال ڪر.

غــزل

١- جي هئين عاشق ته برسر، مينهن محبت جو وساءِ،
ساهه جو سانگو ڪرين، تا پير هن پر ۾ نه پاءِ.

٢- پاڻ ڪُل قربان ڪر، هيءَ دم هڻڻ جي ناهه جاءِ،
آءَ آدا اعتبار ڪر، آهي هوش نيندڙ هيءَ هواءِ.

٣- رَت روئڻ راتو ڏينهان، آهي لڇڻ محبوب لاءِ،
هي مليئي سودو سهانگو، ڪينڪي سرڪون سواءِ.

٤- ڪينڪي مونکون ٿيو، هي عمر تا ويئي اَجاءِ،
هيَ وساري ني وهڻ، جاني نه هيئن توکي جڳاءِ.

٥- هيءَ مهل موچاري اَٿئي، پوءِ ڪريندين هاءِ هاءِ،
هاءِ هاءِ مون هٿ نه ايندءِ، ويل گذريءَ واءِ واءِ.

٦- هيءَ حقيقت حال جي، ساري وجي سائينءَ سڻاءِ،
سو سچو مرشد سچوءَ جو، پير عبدالحق آءِ.

وائــي

هڪو ڏوهه پيو ثواب، اٿئي عشق جو حجاب

١- وڃائيندي ورهيه ٿيا، آڳيان رڊ رباب

٢- پڙين وسي پاڻ ۾، ڪڍي ڏس ڪتاب

٣- واديءَ ۾ وحدت جي، آهي ڪونه حساب

٤- جيئڻ آهي جڳه ۾، بنا عشق عذاب

٥- مهند ان محبوبن جي، تون ڪُسي ٿيءَ ڪباب

٦- محبت جي ميدان ۾، جهل تڪبيرو تاب
٧- ماهي سڪاين کي هٽي ٿو، نيزا نينهن نواب
٨- سچو سڪاين جو ٿو، کولي نينهن نقاب.

مـلا ۽ قـاضـي

قاضي سچ چوان مان توکي، چڏ مسائل مصلا؛
آءُ ته پيون پڪ پريمي، مُور نه ٿيج تون مُلا؛
سچل حق نه حاصل تن، جي راهه اِنهيءَ کون ڀُلا.

ملا چڏ ڪتابن پچر، مي جي پيءُ پيالي،
پل ۾ مُلا صاحب ٿين تون، مست و مست موالي،
چڏ ڪُلالي قاضي صاحب، قائم ٿيج ڪَلالي،
معاف ڪرائي عشق اِئين ٿو، سچل ڪاف ڪشالي.

ملان ته ڪارڻ مانين، ميان ختما پڙهن ٿا خاصا،
هلي آچن ٿا ڪُنَن تي، ميان هٿ ۾ کيون عاصا،
جڙي ويهن ٿا مانين تي، ميان ڪُکيون ڀرين ٿا پاسا،
مُلان چون ٿا کين ڪيون ٿا، ڪائي وجن ٿا ڪاسا،
سچو سچ چوي ٿو ظاهر، بنيون گهمن ٿا ٻاسا.

مسجد دي وچ ڪاڻ تڪر دي، ڏيون بانگ صلواتان،
منهن چٻي ڏاڙهي ڏنگي، خام پڙهن خلواتان،
عالم ليکي روزي رکندي، نِتُ ڪاوڙ ديان آفاتان،
سچو راهه نه اِها سچ دي، ٻره واليان ڀيا ٻاتيان.

ڪافي

اِهو آتم اَرمان ڇا منجهان هت ڇا ٿي آيس

١- چاڪر ٿيس نہ چاڙان ڇاڪون، نا تہ هوس صحيح سلطان
٢- هوس داناءُ ديس اِنهيءَ ۾، هِت نانءُ ٿيو نادان
٣- ڪوئي جاٽي ڪوئي سجاٽي، اِهو مرديءَ جو ميدان
٤- بحر اَواگهہ جو لهر لڪايو، ٿيو طرح نوين طوفان
٥- اصلون سان وٺي هت آيس، سورن جو سامان
٦- هڪ گهر ڪون ٿي ٻئي گهر آيس، محض آيس مهمان
٧- بحر اُتون جا لهر اُڀي ٿي، موٽي ٿيو مهران
٨- سچوءَ ڪي ڪيو ساعت ساعت، حيرت هن حيران.

آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي،
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

١- ڪو مومن چوي ڪو ڪافر چوي،
ڪو جاهل نالو ظاهر چوي،
ڪو ساحر چوي ڪو شاعر چوي، آءٌ جوئي......

٢- ڪو پنت چوي ڪو سنت چوي،
ڪو باغ بهار بسنت چوي،
ڪو ميراثي ڪَلاونت چوي، آءٌ جوئي......

٣- ڪو ملان چوي، ڪو قاضي چوي،
ڪو مفتي چوي ڪو غازي چوي،
ڪو روزه‌دار نمازي چوي، آءٌ جوئي......

۴- ڪو رد چوي، ڪو بد چوي،
ڪو بي ديني بيحد چوي،
ڪو مشرڪ ڪو ملحد چوي، آءُ جوئي......

۵- ڪو صورت ۾ انسان چوي،
ڪو شر پريو شيطان چوي،
ڪو بزرگ ڪو مستان چوي، آءُ جوئي......

۶- ڪو سست ڪوئي سرمست چوي،
ڪو راهه تي دين درست چوي،
ڪو عاشق روز الست چوي، آءُ جوئي......

۷- ڪو زيرزبر زنديق چوي،
ڪو راهنماءُ رفيق چوي،
ڪو غرقي منجهه عميق چوي، آءُ جوئي......

۸- ڪو رنگ ڪوئي بي رنگ چوي،
ڪو مستو مست ملنگ چوي،
ڪو ننگ ڪوئي بي ننگ چوي، آءُ جوئي......

۹- ڪو حالي چوي، ڪو قالي چوي،
ڪو خاص الخاص خيالي چوي،
ڪو ازلي مست موالي چوي، آءُ جوئي......

۱۰- ڪو شڪ چوي نا حق چوي،
ڪو بات اها برحق چوي،
مونکي مرشد عبدالحق چوي، آءُ جوئي......

١١- ڪو خاص چوي ڪو عام چوي،
ڪو پختو چوي ڪو خام چوي،
ڪو سچُو سچو نام چوي، آءٌ جوئي......

وائـــي

اُهي اَگڻ منهنجي آيا، جن ڪاڻ سي پير پچايم ٿي

١- پکي آسانجي پيهي آيا، ڏينهن گهڻا جن لايا
جن ڪاڻ سي پوٽيون پٽايم ٿي.

٢- جن لاءِ روز نهاريان راهان، موليٰ سي محب ملايا
جن ڪاڻ سي ساٿي سنپايم ٿي.

٣- هن غريب ڪي گڏ نِيَڻ جا، ڪيا سي سڄڻ سعيا
جن ڪاڻ ڪانگ اُڏايم ٿي.

٤- ڏينهن فراقي لنگهيا آسان تون روئندا دوست ڪلايا
جن ڪاڻ سي ڏکڙا لنگهايم ٿي.

٥- رهيا آهن روح منهنجي تي، فائق جي فرمايا
جن عشق جا سبق پڙهايم ٿي.

٦- دل سچيڏني جي تي اَصلون، هاديءَ حڪم هلايا
جن ڪاڻ سي ورہ وسايم ٿي.

٣. سامي

مايا

مايا پلائي وڏا جيءَ پيرم ۾؛
سامي ڏسي کو نہ کو، منهن مڙهيءَ پائي؛
جنهنکي اوديا ننڊ مون ستگر جاڳائي؛
ويهي وڃائي، سو نغارو نرباڻ جو.

مايا سڀ موهي، جيءَ کيا وس پنهنجي،
وڏائين وَل چَل سان، آنڌا ٻڌي ٺوئي؛
پني ڏيئي پاڻ کي، کن هوئي هوئي؛
آتم ڏن کوئي، مورک وينا مت ري.

مايا پلائي، وڏا جيءَ پيرم ۾
پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، وينو وڃائي؛
سپني ۾ سامي چئي، کوٽ جنم پائي؛
اوديا پٽ لاهي، جاڳي ڏسي کين کي.

مايا پلائي، وڏا جيءَ پيرم ۾؛
اڙهوندي دريا ۾، غوطا نت کائي؛
سامي ڏسي کين کي، منهن مڙهيءَ پائي؛
ستگر جاڳائي تہ جاڳي جڙي پاڻ سان.

وڏا سڀ ونگي، مايا جيءَ مَمت سان؛
ڏاڍي ڏاڍڻ ڏندري، کنهن کون کين سنگي؛

ڪو نيهي ويس نڪري؛ آتڪل ساڻ آڳي؛
ٿيئي لوڪ لنگهي، سامي ويٺو سم ٿي.

اَڻهوندي حرڪت، مايا رچي راس ڪي؛
تنهن ۾ لوڪ لڙهي ويا، مورک مني مت؛
عاشق چڙهيا اَڇ تي، لنؤ سان هڻي لت؛
ڪٽي سڀ ڪلپت، سيتل ٿيا سامي چئي.

وڏا سڀ ڪيري، مايا جيءَ محل جا؛
ڇڏيائين ڇَل وَل سان، حرص منجهه هيري؛
ويٺا منهن ڦيري، سامي چئي سروپ ڪان.

سارو جڳ آنڌو، ٿيو مايا جي موهه ۾؛
وڃهي ويٺا ڀاڻ ڪي؛ بنا سمجهه سنڌو؛
ڪو عاشق چڙهيو اَڇ تي، جاڙي ڌوڙ ڌنڌو؛
واري ڪپٽ ڪنڌو، سامي مليو سروپ سان.

اَوديا

سارو جڳ جڪي، ٿو اوديا جي اَهنڪار ۾؛
جاڳيو جوڳي جيءَ ۾، ڪلپت ڪانه رکي؛
آندر ٻاهر آتما، سامي سم لکي،
بيحد بوند چکي، اَنئي پهر آڪاس جي.

سامي سوئي ڪر، جنهن ۾ ڪرڙو نه رهي؛
اوديا ڀنڊ مٿي تون، گرگم لاهي ڌر؛
ته دوست تنهنجي در، پيهي اَچي پاڻيهي.

سپ کي نچائي، ڻو اوديا پوت پيرم ۾؛
بنا ڦاهي ڦند جي، ڻو پلپل پنائي؛
منتر نہ مني کنهنجو، رهيا ٻلي ٻل لاهي؛
ستگر ڇڏائي، تہ سامي ڇٽي دک کون.

ڪڍيو جنهن خلل، اوديا جو آندر مون؛
پاتو تنهن پرتيت سان، آتم پد اَچل؛
سدائين سيتل، سامي رهي سياءُ ۾.

ڇن ماتر سار، سمجهو جن سامي ڇڏي؛
مٽيو تن جي من مون، اوديا جو آهنڪار؛
پائي پد اپار، پرچا رهن پاڻ ۾.

ڏکي سپ سنسار، ڦاٿو اوديا ڦاس ۾؛
سکي ورلي سا پرس، ڪڍيو جنهن آهنڪار؛
سامي سرجڻهار، پائي پرچو پاڻ ۾.

مورک

مورک ڻو ماري، پنهنجي هٿين پاڻ کي؛
لڳي مايا موهہ جي، ڪوڙي لنؤ لاري؛
ڏسي نہ سار سروپ کي، سامي سنڀاري،
گپڻ منجهہ گاري، ڻو هيرا لعل اڻ ملها.

پنهنجو پاڻ مري، ڻو مورک جيءَ منن ۾؛
جئن پولو پيرم ۾، ڦاٿو مٺ پري؛
جاڳي اوديا نند مون، ڪري نہ پٽ پري؛
ستگر مهر ڪري، تہ سامي ڇٽي دک کون.

جئن سنڪ ڪري، داهان نت درد رئي؛
سامي سڪ ساگر ڪون، چاڙهي پاڻ پري؛
تئين مورک مت رئي، ممتا منجهه مري؛
ڏسي نه ڏيبر ڏري، ستهه سڌ سروپ کي.

مورک چوراسي، ڀلي پوي ٿو پاڻهي؛
اوديا جي آهنڪار جي، پائي ڳل ڦاسي،
سامي سدائين رهي، مڌ ۾ مواسي؛
الٽي اپناسي، ڏيو نه ڏسي ديهه ۾!

مورک وڪ ڪائي، ٿو آتم امرت کي ڇڏي؛
هيرا لعل اڻملها، ٿو رولي وڃائي؛
سامي ڏسي ڪين ڪي، منهن مڙهيءَ پائي؛
هٿ ڪيو هاري، ٿو مانڪ ديهه امول کي.

مورک جيءَ خراب، ڪيا ڪلپت پنهنجيءَ؛
جنمي مري جم کي، هر هر ڏين حساب؛
ڪوڙين مون ڪوهڪڙو، ڪري خوشيءَ سان خواب؛
جنهن کي شوق شراب، سامي ڏنو سنگروءَ.

وڌو وڇوڙو، مورک پاڻ پرينءَ ڪون؛
ڏيئي ويٺو گهر کي، اوديا جو اوڙو؛
سامي رکي ڪين ڪي، محبت ڏي موڙو؛
پڌي نه بوڙو، داهان درد وندن جون.

مورک من جي ياءَ، ڪوءِ ڪرين ٿو ڪلپنا؛
ڪنهن پد پاتو ڪين ڪي، سچيءَ سڪ سواءِ؛

سمجهي تون سامهين چئي، آنتر مک لنو لاءِ؛
ته لنو لنو منجهه لڳاءِ، مورت محبوبن جي.

ڪوڙا ڪم نه ڪر، مورک من جي پاءِ تون؛
آڻيندي اوديا سنڌ جي، ڏاڍي لوڀ لهر؛
وچن سا پرسن جا، جاڳي هڙدي ڏر؛
ته حاضر ڏسين هر، سامي چئي سڀ ۾.

ستگر

ستگر جهڙو شاهه، ڪو نه ڏٺو سين ڪاٿهين؛
پرچي ڏنو جنهن پوربي، آتم ڏن اٿاهه؛
نڪي پنچائين جات پات، نڪي پڇائين راهه؛
ڪري من اڇاهه، سامي چڏيائين چن ۾.

ستگر پرک سنجاڻ، رکيو هٿ مٿي تي؛
مٽي ويئي من مون، سامي ڪنچا تاڻ؛
وسيو مينگهه مهر جو، پريا نيهن نباڻ؛
اچي بينا پاڻ، سنمک منهنجا سپرين.

پرچي پياري، ستگر سرڪي سچ جي؛
اچي اجڳئي چڙهي، خالص خماري؛
ڪلي پيئي پاڙهي، بيحد جي ٻاري؛
خودي، خواري، سامي ميٽي سر ڏيو.

سنگر من ڏاريو؛ تنو ڪوٽ جنم جو؛
ڏئو ٻاري گهر ۾، ڏاڪر ڏيکاريو؛
سامي نواريو، اوديا روڳ آندر جو.

ٻنت کي پاون، سامي ڪيو سنگروءَ؛
پرچي ڏنائين پنهنجو، نج نرمل درسن؛
ٽڙو من آمن، اوديا ڪلپنا نه رهي.

جنهن کي ڪان ڪشي، سنگر هنيو شبد جو؛
سو در در ديوانن جان، پلپل پرين پسي؛
هسي روئي حال ۾، ڪنهن کي ڪين ڏسي؛
سامي نت وسي، جت هار نه جيت ڪا.

سنجهه ۽ صدق، جنهن کي ڏنو سنگروءَ؛
سي خاصا خلوتدار ٿيا، هردم ڏسي هڪ؛
توڙي رکن لِڪُ، ته به سامي لڪن ڪين ڪي.

مورک کي گياني، سامي ڪيو سنگروءَ؛
پيري هنيائين پريم جي، ڪرپا سان ڪاني؛
رهي نه رتيءَ جيتري، ڏانت ناداني؛
جاڳائي جاني، ڏيکاريائين ڏيل ۾.

سنگر لڳائي، آتم جوس آکين سان؛
بنا بادل جل جي، ورکا وسائي؛
اوديا ميل آندر ۾، رهي نه رائي؛
وڃائي وائي، سامي چڙهيو سيج تي.

پرماتما سرووياپڪ آهي

پرميشر پرتڪ، سامي سورج جيان رهي؛
آنڌا ڏسن ڪين ڪي، پٺي پنهنجي. اک؛
ڪوهه ڪرين جک جک، ٿو درد ديوانن جان.

پاري ۾ پاڻي، تئين وياپڪ وسي سڀ ۾؛
سو ڪم سنڌ پرينءَ جي، ڪنهن جاڻائي جاڻي؛
سامي سماڻي، تنهنجي سُرت سروپ ۾.

محل منجهه آهين، سوڌا تنهنجا سپرين؛
لکيا ڇپيا ڪين ڪي، ٿا ٻڌن ڳالهائين؛
جي منهن مڙهيءَ پائين، واقف سي ورونهن جا.

سامي سڀ ديدار، اٿيئي عجيبن جو؛
ڏسي ٻڌي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻهار؛
نرآڪار آڪار، پائي آيو جڳ ۾.

اندر ٻاهر رام، سامي جنهن سڃي ڪيو؛
مٿي تنهنجي من مون، ٻي سڀ خودي ختم؛
کائين ڪلپت ڪڏي ڪري، انيئي منجهه آرام؛
ٻيري ڪنين سلام، درد ديوانن جان.

سرگ ۽ نرگ، ورلو ڪو گورمک لکي؛
سامي جنهنکي ستگروءَ، ٻڌايو گيان انجن؛
ڪڏي محل مٿن، سوڏو رهي سماءَ ۾.

ڪاريگر پاري، سامي ملسيو سنگرو؛
جنهن ممت متائي من جي، لنؤ لنؤ سپ ناري؛
سپ گهٽ ڏيکاري، مورت محبوبن جي.

مانڪ ديهہ

ڪنهن ورلي کي آهي، قدر مانڪ ديهہ جو؛
ڏنو جنهن گرگيان سان، منهن مڙهيءَ پاڳي؛
ممتا متائي، سکي ٿيو سامي چئي.

ورلي ڪنهن قدر، جاتو مانڪ ديهہ جو؛
آچي مليو اوچتو، جنهنکي غيبي گُسر؛
تنهن متايس من جي، سامي سپ ھر کسر؛
هر ڏسي حاضر، چيتني ۽ ڪنچر ۾.

اَمولڪ آهي، مانڪ ديهہ دپ رتن؛
ڪنيو ڪوڙ ڪلر ۾، تو مورک ملائي؛
اَمرت ڇڏي هٿ مون، وِگسي وِک کائي؛
منهن مڙهيءَ پائي، سامي ڏسي ڪين کي.

مانڪ جنم امول، ڪنهن پاڻُئہ پورن پن تي؛
سو پؤ ساگر جي بيڙ ۾، ريڙهي ڪَرِ مَرول؛
سامي سخنن سان ملي، لهہ آتم پد اڏول؛
هر هر آهڙو ٽول، هٿ ايندءِ ڪين کي.

هيرو جنم نہ هار، مورک جيءَ ڀرم ري؛
تو چار وڃائين ننڊ ۾، ڪوڙ ڪپٽ ۾ چار؛

ڏسي ڪال ڦهار کي، رُئندي زارون زار؛
ساجهر سار سنڀال، سامي ڇڏي ساڌ سنگ.

وڃي سا وڃي، ڄاڻي اِڪ رهڻ سان؛
سامي سپرين کي، آندر پس پيهي؛
مانڪا ڏيهي، موتي ابندي کين گي:

نام نه نهارين، پائي منهن مڙهيءِ م؛
جنم پائي جڳت م، سو حرفت ڪيو هارين؛
موڪ ٿو مارين، پنهنجي هٿين پاڻ ني:

آتمڪ آنند

جنهنکي رس آيو، آتم پد اپار جو؛
تنهن موڙي من مرم سان، آتم مک لايو؛
سهنجي سمايو، سامي ساگر ٻوند م.

وڃي ماڻائڻي، جنهن مکڻ کڍيو من مون؛
تنهنجي سرت سروپ م، سهنجي ساماڻي،
موج تنهين ماڻين، آتم پد اپار جي.

آتم رس مٺو، آڳئي سڀ رسن کون؛
وڃي ٻيڃ تنهين کون، چکي جن ڏٺو؛
ڪيائون پاڻ ڦٺو، سامي ڏسي سروپ کي.

آتم درسي داس، ڪوڙن م ڪو هڪڙو؛
ڪيو جنهن ڪلپت ري، تنهن منجهه نواس؛
چيتن چد آڪاس، پورن ڏسي برهم سان.

جن کي خماري، چڙهي آتم پد جي؛
مٽي تن جي من مون، خودي خواري؛
لنؤ لنؤ منجهه ڏاڙي، سامي لڳي سروپ جي.

پوري گُر پرساد، آتم سک سهي ڪيو؛
پاڻ وڃائي ننڊ ۾، سو جاڳي آيو ياد؛
مٽي ويئي من مون، پانهنجو باد بباد؛
جنهنجو اَنت نه آد، سو ڪيئن اَچي هٿ ۾.

اَنٺي پهر وڃي، ٿي مرلي من موهن جي؛
بندي بن ڪنن سان، سامي ڪيئن رهي؛
ڏوڙي پران تنجي، ڏان پيي ڏن ڏيان ۾.

۴. بيوس

غريبن جي جهوپڙي

(۱)

جا آهه جائداد نه ورثي وبال کان،
ٽيندي نه زير بار جا ڳروئي جي خيال کان،
اونو نه جنهنکي آهه ڪو جوکي جنجال کان،
هلکي رهي جا هنيانءَ تي سولي سنڀال کان،
جنهن ۾ غرورِ زر نه سراسر سگهي گهڙي،
آلا! جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي.

(۲)

جا ونءَ وجي ٿي چيز ڪنهن نازڪ نفيس کان،
آجي رهي جا اُوچ- ڳذاري جي ريس کان،
پڻ ٿي پناه ۾ رهي حاسد، حريص کان،
ڏاري نه خاص خوف ڪو خوني، خبيث کان،
بي ڪرف ۽ ڪڙي رهي سوگهي صندوقڙي،
آلا! جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي.

(۳)

چانگي چڱو آڏيائون جو لامن لڪن منجهان،
سادو اَجهو سٽيائون پراڻن پکن منجهان،
ڪاڍو ڪڍيائون ڪڙب جي ڪانن ڪکن منجهان،
پورهيو پنيائون پاڻ ۽ سرتن سکن منجهان،

مفتي مدد تي آيا مڇي مڙس تي مڙي،
آلا! جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي.

(٤)

جنهن تي نه نقش سازکي کو ناز ٿو رهي،
رازو، ڊکڻ، نه جنهن تي کو لوهار ٿو وهي،
چوني، پٿر يا سر جو نه سر بار جا سهي،
"محصول جاءِ" گاهه جي هيٺان نه جا ڳهي،
مسواڙ بي مهار جي آهي نه جا پڙي،
آلا! جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي.

(٥)

سج، چنڊ واجهه ٿو وجهي جنهنجي وٿين منجهان،
ترڪيو اچن ٿا ترورا تارن ڪتين منجهان،
پڪا ڪندي پچي هوا جنهنجي پٿين منجهان،
چٽڪار مينهن ٿو ڪري چٽڪي چٺين منجهان،
قدرت سندي ڪمال، صنعت لءِ سوکڙي،
آلا! جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي.

(٦)

جنهن ۾ مزو مڇي مني ڊوڊي جوئار تي،
سادو گذر وجهي نه طبيبن تنوار تي،
ٻورهيو وجهي ٿو واڻ وڏيري جمار تي،
غالب پوي نه حرص خوشيءَ جي خمار تي،
'بيبوس' جنهن جلائي نه چنتا جي چوچڙي،
آلا! جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي.

٥. ليکراج عزيز

ائٽم بم

دل! پاڻکي مان قاتل سمجهان ٿو بلا ڇو؟
پرواز جهازن جو ڏسجي ٿو هوا ۾ ڇو؟
گهر ويٺي اَجهي خاطر گهاريان ٿو خطا ۾ ڇو؟
ڪنهن جنگ بنا آهيان ميدان وغا ۾ ڇو؟
گهر ٻار سنڀاليان مان يا پنهنجو سنڀاليان سر
دم آهه ٽنگن مان ويو ٿيو هوش اَٿم ششدر.

آواز پيئڪر ٿيو گجگار ڪنان وڏ ڀاري
چوڏهينءَ ۾ اُماس آئي پيو پنپ ٿي چوڌاري
ويو ڏيل ڏکي سڀ جو، هر قلب همت هاري
آفت ڪا نئي اُڀ تان هيبت آئي ٻري ٻاري
ڪوڪاٽ ٿيا ڦهري، ورلاپ ڏکيا ڏاڍا
سر آيا سٽن ۾ ڇا، واڪن ٿي هڻا واڪا.

ڇيري جي ونو وٽ ڪان ٿي ٻاهه فضا پيئي
ڌرتيءَ جي مٿان هيٺان ٻارڻ ٿي ٻريا ڪيئي
ڏاتو به رجي پاڻي ٿيا پاڻ ڪان سهجيئي
ڪير آهه رکي ڪنهنکي هن ويل پنهه ڏيئي؟
هيءَ! ماءَ ڪان ٿا ماهي جهرپيئي جليو هرڪو
آهڙو نه بچيو ڪوئي موئي جو کٽي کرڪو.

درياءَ مٿو ڏمچر ڪڙڪا ٿو ڪري ڪاهي
آڏ ميل ڪنان اوچي هر لهر اُڀي آهي
ڪر زور آڳيان زاري جو ڏنگ ڇڏي ڏاهي
ڏس سپ ڪا زمين تي هڪ واهڙ تي وجهي واهي
جيڏانهن به نظر ڊوڙي ڏسجي ٿو فقط پاڻي
ڇولن ۾ ڇلي جنهنجي آنڌير جي آڪاڻي.

هيهات! هوا جو پيو تاثير ٿي زهريلو
ڌرتيءَ جو سرير آهي ٿيو سخت سڙي نيلو
نسري نه سگهي هاڻي اُن ۾ ٿو ڪٿي تيلو
انسان هلائي مر حڪمت جو ڏسي حيلو
ڪنهنجو جي پٽن آهڙن ڏان پل ۾ گذر ٿئي ٿو
پڪ چاڻ حياتيءَ جو طيءِ تنهنجو سفر ٿئي ٿو.

هر نار سڪي مرندي پوءِ ماءُ ٻچڻ خاطر
نر پيءُ جي ٿيڻ خاطر، وارث جي هجڻ خاطر
جي آل ٿيو، ٿيندو بس ڏنپ ڏيڻ خاطر
چمندو ئي جڏو جيئڙو ڪت ڪاري وهڻ خاطر
دنيا ۾ ڪڏهن آهڙي ٻي ايندي نه آفت ڪا!
آدم سان ءُ جت ههڙي ٻي ٿيندي قيامت ڇا!

مرڪز جي آڙ ڪان ٿيو پڻ دور اثر انجو
چم ڳاري ڪري تن کي ٿو جهور اثر انجو
گهنجي نه علاجن سان ٿو مور اثر انجو
رک آهه اگهائيءَ لءِ مشهور اثر انجو
بيمار ڏئي ڦٿڪي ٿو جان مٺي آخر
دشمن کي به ڏيکاري آهڙي نه گهڙي ڏاتر.

نوڪي ۾ ته آئنم به اڄ ويل ڪيا ڏاڍا
سَو ملڪ ڦٽا ۽ لک ساسي ٿي مُئا ماندا
پيا چير زمين ۾ ڪٿ، ڪٿ سا ٿِي پئي پاڳا
وڻ ٽڻ ۽ محل، پربت چا ڪاڙا پيڳا ڦاٽا!
منهن پنهنجو ندين ڦيريو بس قهر وڏو ٿي پيو
مطلب ته سڄي دنيا جو نقشو بدلجي ويو.

طوفان ڪئين آيا رندن ۾ رلائي ويا
ڀونڪمپ سوين ماري سورن ۾ سمجهائي ويا
ٻوڏن جا ٻرا راڳا سو رنگ پسائي ويا
دنيا ۾ جبل ٻرندڙ ڇا ڇا نه جلائي ويا
قدرت جي مڙن ڪوبن ڪان ٻچڙا مگر ٻه ٿيا
انسان جي پورن تي جو تن جا بدل ڪم ٿيا.

دنيا جي لڳي گلشن ۾ هاڻ ڏکي محفل
ذرتيءَ جي گريبانُ مان سر غنچو ڪڍي مشڪل
ٻوءِ گل جي ڏسون ٻرندي مشعل ڪا ڪٽي اي دل!
نرگس جي ته نشّي جي ٿي بات ڪرڻ باطل؛
بلبل نه وري لنوندي گل ڪاڻ مٺيون لاتيون
ڪلنديون نه برهه واري جي بات سنديون باتيون.

تهذيب تي ٻارو هي، اي ناز ڪرڻ وارا!
اڄ ڪلهه جي تمدّن جي نالي تي مرڻ وارا!

هر علم جي دريا ۾ تارو ٿـي تـرڻ وارا!
پنهنجي ئي نه واڌاري تي پاڻ تـرڻ وارا!
ڦِٽ اهـڙي ترقّي تي آڻـي جا تباهي ٿي
انسان جي جـا ان تي لعنت ٻه اِلاهي ٿي.

پنهنجي ئي هٿن سان تو جُڳ جوڙي وري ٽوڙيو
انسان ٿي جو اَشرف نالي کي اَڇي ٻوڙيو؟
لالچ ۽ خوديءَ جو تو هيءَ ناٽ وڏو جوڙيو
اَنڌير جو دنيا ۾ تـو خيمو بـرو کوڙيو
ڪرمن جي ڪئي هاڻي پيو لوڙ سدا روئي
ڪنهنکي نه پئي آهي توکي جو پڇي ڪوئي؟

ڪاڄه سوچ صدين جي تو برباد ڪرين محنت
رفعت تي رسڻ ۾ آ اب جد جي توسان شرڪت
رحمت ٿي حقيقت ۾ رحمت جي بڻي صورت
ڪوهڻ تو وري چاهين ڇا پنهنجي اِها قوّت؟
پاڻيءَ تي، هوا تي، ۽ ڌرتيءَ تي هلي تنهنجي!
ڪير آهه جو دنيا ۾ سٽ هاڻ جهلي تنهنجي!

دنيا جا مدبّر! اَڄ ڪاڄه پنهنجون اکيون کوليو
قيمڪن جي صلاحن تي ڪا وات پڇي ڳوليو
سڀ فرق ڪيو دل مان شڪ جا نه سخن ٻوليو
قهّار مٿان بڻجيو عالم کي مٿان روليو
تهذيب جي دنيا جو ڪَن ڏيئي ٻڌو رايو
انسان ٿي هڪ ٻئي کي اَجگر نه ٿي ڳيرڪايو.

٦. پرسرام 'ضيا'

ساڄن ۽ سڄڻيءَ جا خط

ساڄن جو خط

مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سڄڻي،
مان ناشاد آهيان، تون رهہ شاد سڄڻي.

(١)

مان مجبور آهيان، مان لاچار آهيان،
نہ ڏن آهي مون وٽ، مان نادار آهيان،
خطاوار آهيان، گنهگار آهيان،
جو بدبخت آهيان ۽ بيڪار آهيان،

زماني ڪيو آهي برباد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سڄڻي.

(٢)

پيري رهہ، مونسان ڏک سهي ڪانہ سگهندينءَ،
تون نازڪ بدن ھت رهي ڪانہ سگهندينءَ،
مان ڪنگال، مونسان نڀي ڪانہ سگهندينءَ،
مان آهيان ڏکي، سک لهي ڪان سگهندينءَ،

زماني ڪيو آهي برباد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سڄڻي.

(٣)

امیرن جي دنیا رهڻ ڪانہ ڏيندي،
مونکي ساهہ سکہ جو پٽڻ ڪانہ ڏيندي،
مان اڳتي وڌان ڪٿن وڌڻ ڪانہ ڏيندي،
ڪريل آهيان، مونکي چڙهڻ ڪانہ ڏيندي،
نہ سرمايہداري ڪندي داد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سڄڻي.

(٤)

جي قائم اجا رهندي سرمايداري،
نہ ٿيندي ڪڏهن دور بيروزگاري،
غريبن کي ڀوندي پلئہ بيقراري،
صبح شام رودن روئڻ انتظاري،
نہ قسمت ڪندي ڪائي امداد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سڄڻي.

(٥)

نہ دنيا ۾ جو پيٽ پنهنجو ٿو پالي،
تون ٿي بڌاءِ توکي ڪيئن سو سنڀالي،
بکن ۾ دکن ۾ جو ڏينهن رات جهالي،
ڪرين پاڻ چو ٿي انهيءَ جي حوالي،
نہ ڪر پنهنجي جيون سان بغداد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سڄڻي.

(٦)

مان تو ڪاڻ زيور گهڙائي نه سگهندس،
وڳا چار تو لاءِ سبائي نه سگهندس،
خوشي تنهنجي من جي وڌائي نه سگهندس،
مان تنهنجون اُميدون پڄائي نه سگهندس،
نراشا ڪيو آهي ناشاد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نه ڪر ياد سڄڻي.

(٧)

مهانگائي ۽ چور بازار آهي،
لڪن ڏوهه، رشوت جو وهنوار آهي،
سچو ٿو روئي، زور زردار آهي،
عملدار اُن سان مددگار آهي،
ٻڌي ڪير مفلس جي فرياد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نه ڪر ياد سڄڻي.

(٨)

مونکي آهي پڪ نوڪري ڪان ملندي،
عريضي عملدار وٽ ڪان اگهندي،
نه رشوت جي طاقت، نه هلندي نه پڄندي،
سچائيءَ ۾ ڪيئن دور مشڪل ٿي سگهندي،
مان آهيان غريبن جو اولاد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نه ڪر ياد سڄڻي.

(٩)

هتي هند ۾ ڪيئي جيئري مرن ٿا،
جيئڻ ٿا ته بدتر نموني جيئڻ ٿا،
جي هڪ ٿو کلي سو ڇٽا هت روئن ٿا،
تماشو حڪومت جا باني ڏسن ٿا،
ڇون ته به وطن آهي آزاد سڄڻي،
مون کي ڇڏ وساري نه ڪر ياد سڄڻي.

(١٠)

سڀيئي آسرا ۽ اُميدون پليندس،
رکي دل تي پٿر، مان دل کي جهليندس،
خيالن ۾ توکي ڏسي خوش ٿيو ٿيندس،
مگر تنهن جي ويجهو ڪڏهن ڪون ايندس،
ڪندس پنهنجي دل تي مان بيداد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نه ڪر ياد سڄڻي.

(١١)

نه دهراءِ ساڳيون تون ڳالهيون پراڻيون،
کهن ٿيون مونکي قرب واريون کاڻيون،
برابر ڪيون سي ٿي گڏجي رهاڻيون،
ڇگو ٿيندو هي ذڪر ڇپ تي نه آڻيون،
ڪبو ڇپ جي دنيا کي آباد سڄڻي،
مونکي ڇڏ وساري نه ڪر ياد سڄڻي.

(١٢)

تون گل جهڙي نازڪ بدن آهين ناري،
حسينن ۾ آهين عجب حسن واري،
خزان آهي مون وٽ، آ تو وٽ بهاري،
متان تنهنجي لوسائجي سونهن ساري،
خزان جي پنيان تي نہ برباد سجني،
مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سجني.

(١٣)

نہ سنسار ۾ سور ڪنهن سان سلينداس،
لڪي لوڪ ساري کان آهون پرينداس،
جي رڳنداس تہ ڳوڙها اکيئي مان ڇڏينداس،
پتو پيار پنهنجي جو ڪنهن کي نہ ڏينداس،
ڪنداس موم دل سخت فولاد سجني،
مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سجني.

(١٤)

خوشي تنهنجي چاهيان تو خوش تي گذارج،
نہ منهنجيءَ محبت کي سارج سنڀارج،
مان وسري وڃڻ وارو آهيان وسارج،
مري جي وڃان چار ڳوڙها نہ ڳارج،
پلي منهنجي قسمت تي جلاد سجني،
مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سجني.

(١٥)

چيو جيڪي آهي ضيا ياد رکجانءِ،
نہ خط موڪلي لکجانءِ نہ گهر منهنجي اچجانءِ،
ڏنءِ جيڪو سپنو وساري سو ڇڏجانءِ،
محبت جي هرگز حجت ڪين پرجانءِ،
نہ بندن ۾ پئہ، رهہ تون آزاد سجني،
مونکي ڇڏ وساري نہ ڪر ياد سجني.

....

سجنيءَ جو جواب

نہ گهبراءِ ساجن، نہ دل هار ساجن،
نہ ڪمزوريون پنهنجون ڏيکار ساجن.

(١)

نراشا سان خط تنهنجو ڀرپور آهي،
انهي خط ڪيو منهنجو چت چور آهي،
تو پاڙيهي ڪيو پاڻ مجبور آهي،
نہ همت ڪان منزل ڪڏهن دور آهي،
مگر مڙس ٿي حوصلو ڌار ساجن،
نہ گهبراءِ ساجن، نہ دل هار ساجن.

(٢)

سڄڻ توکي هر حال ۾ سات ڏينديس،
ڏسي سور سختي نه منهن مٽينديس،
سيئي محل ماڙيون وساري ڇڏينديس،
ڏسي جهوپڙي تنهنجي خوش آءٌ ٿينديس،
مونکي تنهنجو گهرجي فقط پيار ساجن،
نه گهٻراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(٣)

جو همت ٿو هاري سو بازي، ٿو هاري،
جو روئي ٿو اُنکي ٿي دنيا رئاري،
ڀڄڻ واري کي ئي مصيبت ٿي ماري،
سيئي سور اُنجي پون ٿا پناري،
ڏئي ٿو جيئڻ انجو دشوار ساجن،
نه گهٻراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(٤)

جي زنده دلي آ جيئڻ آهه آسان،
ءُ منزل تي پهچي وڃڻ آهه آسان،
مصيبت سان سامهون ٿيڻ آهه آسان،
عمل سان اڳتي وڌڻ آهه آسان،
عمل کي ڪر پنهنجو مددگار ساجن،
نه گهٻراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(٥)

چوي ڪير ته ٻه، ڳنڍا پاءِ مونکي؟
چوي ڪير ته ويس ڀڙاءِ مونکي؟
چوي ڪير ته ٻوڙ ڪاراءِ مونکي؟
چوي ڪير ته شوق وڻراءِ مونکي؟
مونکي آهه بس تنهنجي درڪار ساجن،
نه گهٻراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(٦)

اجهل اوچتو اهڙو طوفان ايندو،
اميرن جي دنيا کي ڍاهي ڇڏيندو،
نه ظالم ڪو ٿيندو، نه مظلوم ٿيندو،
زماني جو چرخو ڦري سارو ويندو،
ڏسڻ ۾ اچن ٿا سڀ آثار ساجن،
نه گهٻراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(٧)

ٿون مون لاءِ چوين ٿو ته نازڪ بدن آهه،
مگر منهنجو توڪان به مضبوط من آهه،
ڏنو مون محبت جو توکي وچن آهه،
اٽل آهيان اُنڌي هي منهنجو سخن آهه،
ڀلي منهنجو دشمن ٿئي سنسار ساجن،
نه گهٻراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(٨)

هان رسمن رواجن کي ٽوڙي ڇڏيندس،
تنهنجي آسري آسرا سڀ پليندس،
هان لڄ لاهي توکي اچي سات ڏيندس،
کلهي سان کلهو لائي ميدان ۾ ايندس،
مگر تون به ڪا همّت ڏيکار ساجن،
نه گهبراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(٩)

هي ڪمزور ڳالهيون نه مونکي وڻن ٿيون،
مونکي منهنجون هڪ جيڏيون طعنا هڻن ٿيون،
هو تو لاءِ چا چا آلائي چون ٿيون،
ڏسي تنهنجو خط تو مٿان سڀ کلن ٿيون،
لکين جو ٿو ڳالهيون هي بيڪار ساجن،
نه گهبراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(١٠)

تون چاهين ته قسمت بڻائي سگهين ٿو،
تون چاهين ته غم کي وڃائي سگهين ٿو،
خوشي پنهنجي منهنجي مٽائي سگهين ٿو،
تون هر چيز دنيا جي پائي سگهين ٿو،
مگر تون به پهرين ٿي تيار ساجن،
نه گهبراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(١١)

هتي هند ۾ ڪيئي جيئري مرن ٿا،
جيئن ٿا ته به بدتر نموني جيئن ٿا،
جي هڪ ٿو کلي، سؤ ڄڻا هت رئن ٿا،
تماشو حڪومت جا باني ڏسن ٿا،
هي چرچو اٿئي ڏينهن تي چار ساڄن،
نه گهٻراءِ ساڄن، نه دل هار ساڄن.

(١٢)

تون ڪيئن ٿو چوين آءٌ گهاري نه سگهندس،
غريبيءَ ۾ توسان گذاري نه سگهندس،
تون ڪيئن ٿو چوين دک سهاري نه سگهندس،
اهو حوصلو آءٌ ڌاري نه سگهندس،
نه اهڙو ڪيو مون ڪو اظهار ساڄن،
نه گهٻراءِ ساڄن، نه دل هار ساڄن،

(١٣)

نه آهي زمانو هي چپ ۾ رهڻ جو،
نه آ وقت گگدام گونگي ٿيڻ جو،
سمو آ چرپر کي جاري رکڻ جو،
ڪاجي ڇو نه ڪو جڳ ۾ حيلو جيئڻ جو،
ڪريون پاڻ کي ڇو ٿو لاچار ساڄن،
نه گهٻراءِ ساڄن، نه دل هار ساڄن.

(١٤)

سوبين مهڻا طعنا ڪٽبي وينٿي آهيان،
سڄڻ توکي پنهنجو ڄمي وينئي آهيان،
جو دل توکي پنهنجي ڏئي ويٺي آهيان،
ڏئي قول، تنهنجي، مان ٿي ويٺي آهيان،
مگر تون به ڪر ياد اقرار ساجن،
نه گهبراءِ ساجن، نه دل هار ساجن.

(١٥)

مان خط روز لکندس مان گهر تنهنجي ايندس،
جهلين ڪيترو بي نه منهن موڙيندس،
ضيا تنهنجو پلئجي نه دامن ڇڏيندس،
ڇني ڇڙڪ دنيا جا توکي ڇڪيندس،
نه توکي ڪندس پاڻ کان ڌار ساجن،
نه گهبراءِ ساجن نه دل هار ساجن.

٧. هري "دلگير"

فرصت

(١)

ڇو تہ قطرا آب جا دريا ۾ آهن ڪيترا؟
ڇو تہ داڻا ريت جا صحرا ۾ آهن ڪيترا؟
مان بہ تنهنجي واسطي ويهي رچيان ها ايترا
پريت جا ڪي گيت ۽ اشعار، پر فرصت نہ آهہ.

(٢)

آ مٺي ماکي ۽ مصري، شير جي ٻولي مٺي،
ڪنهن ندي ۾ آهہ ڪيڏي لهر جي لولي مٺي!
ٻين منهنجي ۾ بہ آهن، گيت مٺڙا منتظر،
ٺوڪ مڪڙي آ فقط درڪار، پر فرصت نہ آهہ.

(٣)

چنڊ سان چانڊاڻ گڏ، جئن ڦول سان سرهاڻ گڏ،
شير سان هلڪاڻ گڏ، جئن آب سان آلاڻ گڏ،
دل چوي ٿي مان بہ توسان سدا گڏجي رهان،
پَلُ بہ هڪڙو ڪينڪي ٿيان ڌار، پر فرصت نہ آهہ.

(٤)

جهوم ۾ آهي صبا، موسم بهاري جهوم ۾
ڦول خود آ جهوم ۾ ۽ ٺاري ٺاري جهوم ۾
مان بہ تنهنجي "ناچ-گهر" ۾ جهومندو نچندو رهان،
سونهن تنهنجي سان رهان سرشار، پر فرصت نہ آهہ.

(۵)

پر ٻه تو مونکي ڏنا، پرواز ليءِ پڻ دل ڏنيءِ،
ڇاجي ليءِ چوڳي چڳڻ جي پر مونکي مشڪل ڏنيءِ،
تو سڌي مونکي مٿي آزاد نيلو آسمان،
مان اُڏامڻ واسطي تيار پر فرصت نه آهه.

(٦)

تو رهان آزاد، پر گذران جسي نت گند ۾،
مان ٻڌل ناهيان، نه ٻي آهيان ٻڌل هن بند ۾،
ڪاش! مان هن قيد مان هڪڙي گهڙي آزاد ٿيان،
ٿيان هوا هاڪي مٿان هسوار، پر فرصت نه آهه.

(٧)

ناهه سا فرصت، مٿان سهڻن ستارن کي پسان،
جهنگ ۾ ڳائيندو جهر جهر آبشارن کي پسان،
نازسان نچندا ڪي چنڪمرا مان نوربتڙا پسان،
خوب ڪيڏان کيل، بطجي يار، پر فرصت نه آهه!

(٨)

شور دنيا ۾ گهڙي ڪِن ليءِ نه تنهائي اٿم،
جي ڪا تنهائي اٿم، دل ۾ نه سرهائي اٿم،
ٻيڙ ٻيڙان، هل هلان ۾ مان ٻه ڏو هلندو رهان
ويهي ڪنجهه ساهي پنيان هڪوار پر فرصت نه آهه.

(٩)

فڪر ۾ آهيان ته فرصت واسطي فرحت ڪٿي،
فرحتن جي واسطي قارون جهڙي دولت ڪٿي،
ڏن ملڻ سان دل وٺي ءِ دل ٻنا فرصت فضول،
هوند مان ويهي ڪرٻان ويچار پر فرصت نه آهه

٨. ايڇ. آءِ. سدارنگاڻي (خادم)

شام

اِجها شام آئي، سڄ جڻ موڪلايو
جدائيءَ جي آتش کنهن تيرَ گهايو
وڃي ٿو چهرو هُن جو زرد ٿيندو
ٿمي جنهن خون پيو اُن مان سوايو
ٿيو رڱجي هينئر هوُ رت ۾ گاڙهو
وڃي لالاڻ ٿو چوڌار لايو
ڪڪر جي اڳ سپيءَ وانگر ٿي چمڪيا
اُنهن پڻ پردهٔ سيمين هٽايو
لڳي بادل جو هر ٽڪرو ائين ٿو
پيو جڻ آهه غاليچو وڇايو
عجب سونهري پوڄاريءَ جي اُس ٿي
طرح ٿي اُن تي، ۽ رنگين سايو
پَٽن تان ڪُڏَ تي، ڪُڏَ تان آسمان تي
رکيو رخصت جو ڪِرڻن آهه رايو
اڳي ڪان سرس ٿي لالاڻ اُپ جي
وَنڪ کي آسمان جي سڄ وَنايو
وڃي ٿو ڍِيري ڍِيري ڍرڪندو هاڻ
آجل روپي اُفق تي شمس آيو

ڏٺي اوڀر کان اونداهيءَ جي چادر
اِجهو سج ڪاڙهي اپ ماٿي مچايو
پکڙجي نيٺ تنهن مِنَ هُنَ طرف ڏي
جڳت کي رات جو اوچڙ ٻڪايو
لڳا چمڪڻ خماري چشم تارا
ڀري ٻجلين زمين تي رَس رَسايو
اَچي ٿي ڏينهن کان پوءِ رات اِن لاءِ
ڪري آرام جڳن ٿَڪ جو ٿڪايو.

٩. ڪليان آڏواڻي

اکيون

١. اکيون اُڏاڻيون اُت، جت عاشيانو عجيب جو،
ڪاڄا موڙهين مت، جو گهر نه سڄاڻن پنهنجو.

٢. پسيو ٿيون پسن، ته به نه رهن پسڻ ري،
رويو رت روئن، اکيون ڪنهن آزار کان.

٣. ڪاڄا لڳي گهوُر، مونکي چشم سياه جي،
واسينگن جيئن پوُر، ويڙهي ويا جان کي.

٤. دل کي پيو دام، وري نئين درد جو،
اکين لئه اِظلام، ري سپيرين جي سوجهري.

٥. اندر ٿو اُج مري، هاڻي ڪريان ڪيئن،
هاڻي ڪريان هيئن، جو پيان پيام اکين جو.

٦. نه ٿي تاب سهي، ديد اسانجي دلبرا،
دل تان داغ لهي، نه ٿو انجي لهس جو.

٧. اکين سان وري، ڪبو درشن ڪڏهين،
اسانکي نه سري، سري سپيرين کي.

٨. آڏيءَ رات اُٿي، اکين اوجاڳو ڪيو،
هُئن ڪان لٿي، صبح اُڄ اندر جي.

٩. ناحق ٿا نئن، وجهيو نا ڪرن کي،
صنم کي نمن، ٿيون اکيون عشاقن جون.

١٠. نجومي نهارين، تارن ستارن کي،
اسان لئه آهين، عرش اکڙيون تنهنجون.

١١. واڍوڙ وهائين، جر جال اکين مان،
سورج کان آهين، تکا تاب حسن جا.

١٢. جڏهين کان منزل، ڪئي حسن تنهنجي اکڙ،
تڏهين کان ڪنول، پيا جهاتيون پائين جر مان.

١٣. اچيو پوري پاڻ، پنور ڪنول جي مکڙ،
هيءَ! هيءَ! هيءَ اُهڃاڻ، جو پرايائين تنهنجي اک مان.

١٤. ساقي ۽ صنم، ٻئي ذات هڪڙي،
اکين جو شبنم، تحفو اسانکي تنهنجو.

١٥. سارنگ جا سرگم، سُڻي سڀئا ڪيترا،
اکين جي آگم، رنگ رچايا روح ۾.

١٦. اک نه واريون عرش ڏي، جي چمڪي چوڏس چنڊ،
پڙهون پاڻ آکنڊ، جانب سنڌي جوت ۾.

١٧. ڏسيو ڏسن روز، ته ٻه اُڄ نه لهي اکئين،
هي اُهوئي سوز، جو رولي وجهي رڄ ۾.

١٨. قطرو ٿو ڪري، جيڪو منهنجي اک مان،
يوسف ٿو وڃي، ڇڻ جدا ٿيو ڪنعان کان.

١٩. نجومي نهارين، تارن سِتارن ٻي،
اسان لئه آهين، عرش اکڙيون تنهنجون.

٢٠. وڃي آئيني کان، پڇيم هي سوال،
ته "گهٽڻ جو زوال، ڏٺو اٿيئي اک سان؟"

١٠. رام پنجواڻي

غــزل

نه چاڪي ذات گل جي سو، نه جنهنجو خار سان مطلب
ٿهي جو درد ڪان، سو چاهه رکي دلدار سان مطلب
تو دنيا ۾ گهريو دلبر، مون دلبر ۾ گهري دنيا
رکيو تو يار سان مطلب، نه مون اغيار سان مطلب
اَجل اُنجي ڪندو ناڪام، منشائن جي دلجوئي
ٿيو جنهنجو اَزل کان آ، نگاهِ يار سان مطلب
سدائين هجر ۾ ڪنهنجي لبن تي مهر پنهنجي آهه
اَسانجي گرچه خاموشيءَ جو، آ اظهار سان مطلب
تون ڏاوا ٻول تو ٻولين، تو پالها پيٽ مان ٻوليان
سندءِ زردار سان مطلب، سندم نادار سان مطلب
نظر ۾ پنهنجي ساقيءَ جو، ٿيو هر ناز دلڪش آهه
اَسانجو تير سان مطلب، نه ڪي تلوار سان مطلب
پرائي درد تي ڳوڙهن جي موتين سان مڙهيءَ منهن کي
تڏهن چاتم ته تنهنجو آ، سچي سينگار سان مطلب
پنهنجي خود جي نه پن تن کان، صدا داور جي در تي ڪر
چڙي ڏي بندگي بندن جي رک داتار سان مطلب
دلِ مايوس جي خاطر، نه اُميد آ رهي ڪائي
نه آ انڪار سان مطلب، نه ڪي اقرار سان مطلب
وچن ٿا مختلف مذهب، حقيقت ۾ ملي هڪ تي
جڏهن هڪ رام رحمان ٿيو، ته پوءِ تڪرار سان مطلب.

١١. نارائڻ 'شيام'

رباعيون

١- سڀ بند ٿيا دنيا جا ڪم ڪاريون!
هيءَ رات سڄي ننڊ بنا ڪئن گهاريون؟
اي دل، باقي پاڻ کي ڪرڻو ڇاهي؟
ويهي ڪنهنکي ساريون، ڪنهنجون هاريون!

٢- هلڪي هلڪي هير ڏکڻ جي آئي،
جنهن سو سنهڙا تير هڻي دل گهائي،
پنيرڪيءَ جي مهل فضا پئي پاري،
ويئي دل جي ڏيڻ الا تنهائي.

٣- اوني! اوني! هوريان هوريان اُت ڪاهه،
هونگاريندي ڳالهه نه هيءَ دل تان لاهه،
تنهنجي اُت تي ساهه سريڪو سپرين،
منهنجي دل تي بار وڇوڙي جو آهه.

٤- دنيا ۾ سنگيت جو ڇانيو جادو،
ڪهنجي جو چٽڪو نه ڪري دل قابو،
چاڙهو، پڙهو، مرڻو، سڀ گيت ڏي گيت،
لوليون يا لاڏا يا دردي مارو!

٥- ٻيڙيءَ کي ڌڪي لهر ويئي ساحل ڏي،
راهيءَ کي سڏي راهه ڇڏيو منزل تي،

اي شيام، ڏکن هيٺ ڏٻيل ڪين رهي،
ٻس عرش مٿي آهه پهچايو دل کي!

٦- مونن ۾ وجهي منهن ائين ڇا پيو سوچين؟
اُت ڳول تہ ڪي پائين، وهڻ مان نہ وٺين؛
ڇا ڪينڪي پائين ٿا ڳولڻ وارا؟
ڪو ڳولي تہ جيڪر لهي دنيا بہ نئين!

٧- هر ڪنهن کي مري جڳہ ڇڏڻو پيو آهي،
توکي پر جو موهہ ۽ پيؤ ٿيو آهي!
جئندي بہ مرين، مري ساهہ ڪٽين،
هي موت تہ خود توئي خلقيو آهي!

٨- ڏس جوتشي هشيار بہ تارا ٿو ڳڻي،
۽ عاشق لاچار بہ تارا ٿو ڳڻي
ڪيڏو نہ مگر فرق ڳڻڻ ۾ تنهجي!
ائن شيام، تہ هڪ ٻار بہ تارا ٿو ڳڻي!

٩- ليڙن ۾ جوانيءَ جي اچڻ تي ڦٽڪي،
پوتيءَ جو پلؤ سينو ڍڪڻ لاءِ ڇڪي،
جئن آهہ ٻيري ڦاٽي ٿهائين چولي،
ڍڪجي ٿي غريبي نہ جواني ٿي لڪي!

١٠- ڪنڊن جي آزار کان بيزار ٿيس،
گلشن کي ڇڏڻ لاءِ بہ تيار ٿيس،
جئن شوخ گلن شيام، نهاريو مشڪي،
ڪنڊن جي سهڻ واسطي لاچار ٿيس!

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No. (٥)
BOMBAY-11

١٢. آرجن 'شاد'

نئين ڪنوار ۽ فوجي جوان جا خط

١. نئين ڪنوار: اُهي مست راتيون - اهي دل جون ٻاتيون
اُهي روح کي جي چمڪ لاءِ آئيون
اُهي پيار واريون نياريون نگاهون
ڪمر ۾ لپيٽيل اُهي سخت ٻاهون
اَجا ڪجهه محبت جي دنيا ڏني مون
ڇڏي مونکي ڀارت جي سرحد تي وئين تون
حياتيءَ جو پل پل ورهيه جان ٿي گهاريان
اُهي ڏينهن توکان ساري ٿي ساريان!

٢. فوجي جوان: تون مونکي ٿي سارين - مان توکي ٿو ساريان
وري توسان ڪي ڏينهن گڏجي گذاريان
مگر منهنجي همت کي للڪار ٿي آ
جوانن جي جرأت کي للڪار ٿي آ
ڪمر تنهنجي نازڪ مون ٻانهن ۾ ڏاري
لڳي پر هينئر مونکي بندوق پياري
وفادار ڀارت جي مٽيءَ سان ٿيندس
کٽي جنگ پو(ءِ) توڏي واپس مان ايندس!

٣. نئين ڪنوار: کٽي جنگ پو(ءِ) مون ڏي واپس تون ايندين
خوشيءَ جي خبر فخر سان مونکي ڏيندين

سندم ڀاڳ جو چمڪندڙ تون ستارو
ڏٺيءَ در سدا التجا مان ڪريان ٿي
وڏي عمر تو لاءِ انهيءَ ڪان مڱان ٿي
مگر منهنجي دل کي آ وهمن ورايو
ڪڏهن سورمن پڻ آ سرڙو گنوايو!

۴. فوجي جوان: ڪڏهن سورمن پڻ جي سر آ گنوايو
جنم آهه تن پنهنجو سڦلو بڻايو
مگر هندي جوڌو پڻ سولو نه مرندو
وطن سان وچن هو نباهي ئي رهندو
مونکي پنهنجي طاقت ۾ ايمان آهي
قضا سان مري ويس ته ارمان ناهي
آ منهنجي اِڇا، تون نه ڏوا ٿي گهارج
نئين زندگيءَ جو ورق تون ورائج!

۵. نئين ڪنوار: اوهان جو پڙهي خط، جگر ئي جلي ويو
اوهان ۾ غلط ڀاؤ پيدا ئي ڪئن ٿيو
جوانن ۾ جي خون ڀارت جو جاري
ته منهنجو به نالو آ ڀارت جي ناري
جي تون وئين ته تنهنجي نشاني به لڏندي

Sin 109 114